MALINAN

این. ایم. یہپاٹکی
ایم. اے

264

# مالهڻ

(حق محفوظ)

چاپو ٽيون] ١٩٤٤ [قيمت ١-٨-٠


ناراڻداس ميوارام ڀمڀاڻي،
ايم. اي.



لالا راملعل جي ڪپور

ھن ڪتاب جو پنو ميسرس راملعل ڪپور ٽٽاگر پيپر مل (بندر روڊ ڪراچي) وارن وٽان ڪنٽرول اگھہ تي مليل آھي.

---

Printed by Bapa Kishinchand Fatehchand Melwani
at the Bapa Printing Press, Tilak Incline, Hyd. Sind
and published by
Prof. Naraindas M. Bhambhani, D.J. Sind College, Karachi

# فهرست


| باب | | صفحو |
|---|---|---|
| | مهاڳ | الف |
| | ديباچو | ١ |
| ١. | صندوق ۾ سوغات | ١٧ |
| ٢. | سچائيءَ جو ثبوت | ٣٧ |
| ٣. | راز جو کلڻ | ٥١ |
| ٤. | ننڍپڻ جا ڏينهن | ٦٥ |
| ٥. | موڪلاڻي | ٧٦ |
| ٦. | ماٽيجي ماءُ | ٨٦ |
| ٧. | سنياسين جي ٽوليءَ سان ملاقات | ٩٤ |
| ٨. | مانجهند ۾ وارد ٿيڻ | ١٠٣ |
| ٩. | پهرين گڏجاڻي | ١٠٩ |
| ١٠. | انڪا ٽپوءِ ...... | ١٢٠ |
| ١١. | ڇوڪرو | ١٤١ |
| ١٢. | انهيءَ رات | ١٥٣ |
| ١٣. | آخرين فيصلو | ١٦٧ |
| ١٤. | پريم جي صدقي -١ | ١٧٨ |
| ١٥. | پريم جي صدقي -٢ | ١٨٢ |
| ١٦. | غلط فهمي | ١٨٩ |
| ١٨. | تلاش ۾ | ١٩٨ |

سول ایجنٹس:

**نیشنل اسٹورس،**

رام باغ روڈ، کراچی۔

# مهاڳ

اسان جي سنڌي ادب ۾ نثر جو ذخيرو ٿورو آهي ۽ تنهن ۾ به عمدا ڪتاب تهان ئي ڪمياب آهن. البته قصن ۽ ڪهاڻين جي ڪمي ڪانهي، مگر اهي قصا ۽ ڪهاڻيون اڪثر بي سود ۽ بي معنيٰ آهن. نه منجهن ڪا گهرائي آهي نه اعليٰ ويچار، نه فلسفو نه خياليءَ جي ڳوڙهن مسئلن جي اپٽار، جنهنڪري تعليم يافته طبقي کي نه منجهائن رس اچي ٿو نه راحت. انهيءَ جو اثر عام جي شائقن جي دلين تي اهڙو نه گهر ڪري ويو آهي، خاص طور تعليم يافته جي دلين تي، جو انهن مان ڪيترا سنڌي ڪتابن کان ايتري قدر نه ونءِ ويندا آهن جو پڙهڻ ته بجاءِ خود رهيو، پر هٿ به ڪين لاهيندا ن.

هاڻي واءُ سٺائو لڳو آهي ۽ ڪي ٿورا عالم گاهي گاهي سنڌي ڪتاب نظر مان ڪڍن ٿا، پر تڏهن به اهڙا اٽي ۾ لوڻ آهن، جنهنڪري سنڌيءَ جي ترقي به هڪ

هجن تن جي سيرت نگاريءَ مان سندن مرڪوز خاطر پوريءَ طرح نمايان ٿئي. سيرت نگاريءَ جا ٻه طريقا آهن: هڪڙو طريقو اداڪارن جي گفتگو مان ظاهر ڪرڻ جو آهي ۽ ٻيو مصنف جي قلم مان. ناول ۾ گفتگو جي ذريعي مصنف اداڪارن جي واتان سندن دلي جذبن ۽ چال چلگت تان پردو کڻي کين اصل رنگ ۾ پڌرو ڪري ٿو، جنهنڪري ڏسبو ته گفتگو، جا ناٽڪ جو هڪ اهم جزو آهي سا ناول جو ٻه هڪ مکيه پاڳو آهي.

شاندار ۽ عمدي قصي جو مدار آهي مصنف جي تنقيد تي ۽ اهڙو ڪتاب هن جي نقطي نگاهه کان حياتيءَ تي هڪ راءزني آهي. هو ڪڏهن اداڪارن جي واتان نڪتہ چيني ڪرائي ٿو، ته ڪڏهن پاڻ ڪري ٿو. هرڪو اعليٰ درجي وارو قصو زندگيءَ مان ئي اُپڙڪي ٿو، زندگيءَ تي ئي دارو مدار اٿس، ۽ اهي شيون جي حياتيءَ سان واسطو رکندڙ آهن تن کان لاپروا ٿي نہ ٿو سگهي. سچ پچ تہ افسانو انسان جي اعمالن جو هڪ دفتر آهي. ڪنهنجي حياتيءَ جو قصو ڪندي مصنف جي تيز بين نظر انساني زندگيءَ جي جدا جدا شعبن تي پوي ٿي ۽ پاڻ پنهنجي آزمودي ۽ خيالي طاقت سان الجي مافي الضمير جو لفظن ۾ نقش چٽي ٿو يا اداڪارن جي زبان مان پڌرو ڪري ٿو.

ناول ۾ اهو ضروري آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن مقصد کي پيش نظر رکجي ۽ اخلاق جو دامن هٿان نہ ڇڏجي.

مائٽن جون ٻارن ڏانهن جوابداريون، غريبي ۽ دولتمندي وغيره وغيره لن. تي لکڻ چيني ڪندي مصنف چڱي روشني وڌي آهي جا قابل داد آهي. هن اهو ٻه ڏيکاريو آهي ته انسان تي سنڌس ماحول جو ڪيترو قدر نه اثر لڳي ٿو، جو سنياسيءَ جي عورت جي باري ۾ خيالن ۽ ڪشور جي خيالن مان ظاهر آهي.

مٺين خوبين ڪانسواءِ مسٽر ڀمڀاڻيءَ جو ديباچو به توجه جي لائق آهي. ديباچي مان خبر پوي ٿي ته مصنف جا خيال ڪهڙا آهن ۽ پاڻ ڪهڙي پائي جو لکڻ چين آهي. سنڌس تنقيد مان ئي سنڌس صحيح جوهر جو پتو پوي ٿو. ديباچي لي نظر ڪرڻ مان اها هڪ ڳالهه روشن ٿيندي ته هن سنڌي افسانوي کي نئون رنگ ڏنو آهي ۽ هڪ نئين اصول تي ناول جو سنگ بنياد رکيو اٿس.

۴ سپٽمبر، ۱۹۴۱ }
هيرآباد، حيدرآباد (سنڌ). } ليکراج ڪشنچند(عزيز)

# ديباچو

ڪو زمانو هو جڏهن جهان ۾ نہ هو، نہ چنڊ هو نہ سج هو، نہ پاتال هو نہ آڪاس هو، نہ ماڻهو هو نہ حيوان هو. هيءَ سرشٽي ڇا مان پيدا ٿي؟ "ڪن" مان ڌرتي ۽ دنيا پيدا ڪئي ۽ وري سموري مخلوقات "ڪن" ۾ ئي ختم ٿيندي. آيا اظهار جي اُن مراد ڪهڙي هئي ۽ انساني جيوت جو مقصد ڇا آهي؟

ڪنهن شاعر هڪ ڏينهن شمع کي مخاطب ٿي چيو، "اي شمع، تو ۾ ڪهڙي اهڙي شڪتي سمايل آهي جو تون هڪ ناچيز جسم ۾ ايترو روح ڦوڪي سگهين ٿي، جو منجهس هڪ عجيب قسم جي طاقت ۽ جذبات پيدا ٿئي ٿي، جنهنڪري هو تو تان پنهنجي حياتي فدا ڪرڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهي؟ پنهنجي مٿان مستانو ٿيو پيو ڦري ۽ تسين پيو نہ ڇڏيندو جيسين تو مٿان پنهنجو پاڻ قربان نہ ڪيو اٿس. مان هيڏو وڏو ڪري آهيان ۽ عمدي موضوع تي لذيذ ۽ مزاج پري ڪوتا پڙهي

پر سج اڃا اڀري ئي مس نه آهي ته تارا غائب ٿيو وڃن. سج جي ڪشش لي پاڻي جي صورت ۾ مٿي هليا وڃن، يا هوا لڳڻ ڪري هيٺ زمين تي ڪري مٽيءَ ۾ مليو وڃن. (ب) آسون: اکين مان ڏک جي ڪري ڳوڙهو وهي ٿو پر اهو به زمين تي ڪري مٽيءَ ۾ ملي گم ٿيو وڃي. (ت) سنواتي: مينهن پوي ٿو؛ سمنڊ ۾ واٽ ڦاڙي آسري لڳي ويٺي هوندي آهي ته ڪڏهن ڪا بوند سندس مک ۾ پوي. هڪ واريءَ بوند مک ۾ ويس ته وري اُنکي ٻاهر نه ڪيندي. الهي سانديل ڦڙي مان موتي پيدا ٿئي ٿو جا هڪ اهڙي چيز آهي. تڏهن اي انسان! تون به ان سنواتيءَ مان سبق سک. تون به هڪ قطرو پريم جو جگر ۾ ڌار. الهيءَ کي اهڙو سوڳهو جهل جيئن سڀ پرسالي بوند کي جهلي ٿي. ان هڪ پريم جي قطري مان موتي پيدا ٿيندو جنهنجو ملهه ڪٿي ٿي نه سگهندو. پريم اٿئي زندگي ۽ زندگي پريم. پرمالما هنڌي ساري سرشٽي رچي؛ الڳ طرحين طرحين خوبصورت ۽ دل کڻندڙ شيون پيدا ڪيائين؛ ڇا اهي پريم جي پيدائش ڪين آهن؟ پريم جي سوائيءَ لي ٿي نه قدرت جو سنورو چرخو هلي رهيو آهي. پيار کانسواءِ زندگي اپوڳي ۽ اٽيي آهي، ڦکي ۽ بنا مزاج جي آهي. پيار جدا جدا قسمن جو ٿئي ٿو. محبت ٿئي ٿي انسان لاءِ يا اخلاق لاءِ؛ وطن لاءِ يا الم آدرشن

لاءِ. سچو عشق آهي ايشوري سروپ ۽ ايشور آهي عشق جو روپ."

زندگي ڇا آهي؟ پريم ڪهن قرباني؟ زندگي پيار آهي ۽ پريم قرباني آهي. انسان جي حياتي ڇا آهي؟ ڪي چون ته زندگي هڪ سندر باغيچو آهي. جيون هڪ ڦلواڙي آهي ۽ انسان ان ڦلواڙيءَ جو سندر ٽڙندڙ گل آهي.

باغ معنيٰ ساوڪ ۽ بهاري، گل ڦل ۽ ٻوٽا، جتي ڇوڏاري هٻڪار ۽ خوشبوءِ پئي نظر اچي؛ جتي نه رنج جو نالو هجي، نه تڪليف ۽ ڪشمڪش جو نشان؛ جتي قدرت جو درشن حاصل ٿئي ٿو ۽ قدرتي نظارن مان دل کي راحت ۽ اکين کي آٿاءُ پيو ملي. مگر دنيا ۽ انسان جي زندگيءَ کي رڳو گل سان مشابهت نه ڏني ويئي آهي. دنيا کي مسافرخانو ڪوٺيو ويو آهي. انسان جو جسم هڪ مهاسراءِ آهي، جتي روح، پرديسي مسافر جان ٿورو عرصو آرام ڪري، اصلي وطن ڏانهن روانو ٿئي ٿو. پر حاصل مطلب ٻنهي جو ساڳيو آهي ته جيئن جل پر ڦوٽو، وهندڙ پاڻي، واريءَ جي ڀت، ۽ درخت جي ڇانو گهڙيءَ مدت تائين جٽاءُ نٿا ڪن، تيئن ڪابه چيز هن دنيا ۾ امر ڪين آهي ۽ ضرور فنا ٿيندي. جهڙيءَ ريت ٻوٽن ۽ گلن جو پيدا ٿيڻ سڀاويڪ آهي ۽ سڀاءُ ڪريئي وري اهي ناس ٿي وڃن ٿا، ساڳيءَ ريت جو انسان هن دنيا ۾ جنم وٺي آيو آهي انکي موت جو

ذاتقو بہ ضرور ونڻو آهي. دنيا کي سھڻي سان مشابهت ڏني ويئي آهي، نہ زندگيءَ کي وري خمار سان ۽ موت جهوٽ جي پڄاڻي ليکيو ويو آهي ۽ ھڪ شاعر تہ چوي:

هر چوڙ موٽلکي خيالي خواب آهي
هر پل دنيا عجب اسباب آهي
نہ نيند و قبر ۾ آدم اطاقي
بدن فاني مگر تنهن روح باقي.

جن موت کي جهوٽ جي پڄاڻي سمجهيو آهي، انهن جو چوڻ آهي تہ انسان کي گهرجي تہ خوب ڀوڳ بلاس کري، عيش عشرت ماڻي، سٺيا ستابا طعام کائي، نشا ٽنها وٺي، ميءِ جي پيالا پيالي ۽ پنهنجا غم غلط کري، جهوت جا ڏينهن کائي. جڏهن سڀ فنا ٿيو تہ پوءِ ويچار ڇا جو؟ گھٽتي ڇا جي؟ جڏهن جهڪي ملنو اٿون سو هن ئي جهان ۾ تہ ملي تہ پوءِ آئيندي جي گھٽتي ڇو ڪجي؟

خيالي هڪڙن لاءِ عشرت جو مڪان آهي تہ ٻين لاءِ عذاب جو آستان ۽ مصيبتن جي مهاڙ. آدمي دنيا جي گردش ۾ ائين ڦاسجي رهيو آهي جئن اَن جا داڻا جنڊ ۾، انسان هميشه غم جي بحر ۾ غرق رهي ٿو. جهڪا گهڙي گذري ٿي سا انسان کي اوان لوڙنگ ڏيکاري ٿي. اڪا آهي وڏائي وزنوريءَ ۾، اڪا اچائي اموريءَ ۾. غريب ماڻهو جنهنکي کائڻ ۽ پهرڻ لاءِ پورو ڪونهي ۽ جنهنجو سمورو وقت انهيءَ ئي چنتا

آهي ته هو انکي ڪهڙيءَ نظر سان ڏسي ٿو. پاڻي ساڳيو ئي آهي پر جهڙي جهڙي ٿانو يا ٻاسڻ ۾ انکي وجهبو، اهڙي صورت اختيار ڪندو، ٽڪنڊي ٿانو ۾ ٽڪنڊو، چورس ٻاسڻ ۾ چورس، وغيره وغيره. برسات پوي ٿي سيئي هڪ ساڳي، پر زمين جي ڪنهن ٽڪري ۾ ٻلو ۽ لمب ٿا اڀرن ته ڪن هنڌ ٻاڄون ڦٽن ٿيون ۽ ڪن هنڌ وري گاهه ۽ گلزار ٿيون. برسات جو پاڻي ته اهو ئي آهي پر زمين زمين جو تفاوت ٿئي ٿو. انسان انسان ۾ به اهو فرق آهي.

جو شخص پرلوءَ جي لختي ئي زنده آهي انجي اهائي مراد رهي ٿي ته خوشي ۽ آنند جي پراپتي ٿئي. اها خوشي ڪٿان لڀندي؟ جنهن ڪڏهن هيءَ دنيا ۽ آدميءَ جي حالي ڏکن ڏجهن سان ڀريل آهي ۽ چوطرف رڳو اونده انڌوڪار ڇانيل پيو آهي، تنهن روشنيءَ ۽ آنند جي ٽڪري ڪٿي اڪل آهي؟ ڪي چون مسجد ۾، ڪي چون ٽڪاڻي ۾ ته ڪي چون ديول ۾؛ پر سچ آهي ته:

الله جو رستو وڏي مشڪل ۾ ڏٺم،
مسجد ۾ ٽڪاڻي ۾ نه ديول ۾ ڏٺم
همت هڙس ۽ منطق جو نه ڪڇ آهه ضرور
مولا کي ڏٺم جي نه سچي دل ۾ ڏٺم!

خوشي، جنهن جي انسان تلاش ڪري ٿو، سا سڀ جي ٽرون واڪر پنڌ ڪريٿي. پهرين خوشي جا ماڻهوءَ

هڪ خدا پرست جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هو حق جي ڳولا ۾ لڳل هو ۽ جنهن سچ جي راهہ رمندو پئي ويو، تنهن خواب ۾ هڪ فرشتو ڏٺائين جنهن کا تنهن کيڪاري پڇيو، "ڪيڏانهن ٿو وڃين؟"

هن پوڙهہ شخص وراڻي ڏني، "ڌڻي تعاليٰ کي ڳولڻ لڪتو آهيان." جواب ملڻ تي فرشتو عجب ۾ پئجي چوڻ لڳو، "تو پاڻکي دنيا جي ڪمترن ئي ڌنڌن ۽ ڪمن ڪارين ۾ رڌل رکيو آهي ۽ تو پاڻسان حق جي ڳولا جي مسافريءَ تي هيترو سارو بار ۽ مال ملڪيت کنيو آهي سو ڪيئن ٿو اُميد رکين تہ توکي خدا تعاليٰ جي حضور ۾ وڃڻ جي اجازت ملندي؟ اي مورک انسان! تو ڪوڙي لوڀ ۾ چو پاڻکي ڦاسائي ڇڏيو آهي. ياد رک تہ: ساڻ کڻلو تنهنجي ڪينکي هٿون بار پري."

اهڙي نا اُميديءَ جي جواب ملڻ تي هن شخص کي جيڪو بہ سامان هو سو ڦٽو ڪري ڇڏيائين ۽ فقط هڪ پراڻو لوئيءَ جو ٽڪر ٿڌ جي بچاءَ کان بدن تي ڪڻ لاءِ پاڻوٽ رکيائين. رات جو وري هن ساڳيو فرشتو سپني ۾ ڏٺو. فرشتي وري بہ سوال پڇيس، "اڄ وري تنهنجي مسافريءَ جو مقصد ڪهڙو آهي؟"

"خلق جي خالق جو ديدار."

جواب مليس، "اي پاڪ دل انسان، هن گرم لوئيءَ سان تون الله سائينءَ جو ديدار ڪيئن ڪري

سگھندا ين؟ اھا لوئي حق جي راہ ۾ ھڪ وڏي رنڊڪ
اٿيئي. رب جو راضپو ھمت ڪرڻ وانٽيئي تہ ھن دنيا جي
ڪنھن بہ چيز سان موہ نہ رکـــ."
لنڊ مان سجاڳ ٿيڻ تي ھن لوئي ڪٽي آڳ ۾ اڇلائي
جا ھڪدم سڙي پسر ٿي ويئي. وري نيٺ رات بہ
ھن ساڳيو فرشتو لنــڊ ۾ ڏٺو جنھن وري بـــ سوال
ڪيس، "اي نيڪ دل انسان، تون اڄ وري ڪيڏانھن
وڃي رھيو آھين؟" ايشور جي پوڄاريءَ وري بـــ
ساڳيوئي جواب ڏنو تہ "رب جي جستجو ۾".
فرشتي خوش ٿي چيو، "تون خدا جو سچو پچو عاشق
آھين. جئن تہ تو سڀڪجھہ ترڪ ڪيو آھي، تنھنڪري
تون جتي آھين اُتي وينو رہ، توکي خدا جي تلاش ۾
وڃڻ جـــو احتياج ڪونھي؛ ڏٽي پاڻ توکي ھينئر
ملڻ ايندو."
ڪن جو چوڻ آھي تہ ائين سمجھڻ نہ گھرجي تـــ
انسان دنيا ۾ سڀ جو تياڳ ڪري وٺي بيسود جيءَ
کي جفا ڏيندو، رياضتن ڪيڻ ۽ اھنجن ايذائن سھڻ ۾
ڪا خاص خوبي سمايل آھي ڇا؟ عيش عشرت ۽ لطف
پري زندگي ڪاٽڻ ۾ ڪو گناہ تہ ڪونھي؟ ڇا واسطي
آدمي حياتي جي مزن ۽ موجن کي ترڪ ڪري پنھنجي
مٿان جاٽي پڇھي دک ۽ تڪليفون مڙھين ٿا؟ انساني
حياتيءَ جو مقصد اھو اصل نہ آھي. ھر ڪو مخلوقات جو
جزو، ڇا مرد، ڇا زال، ڇا ٻار، ڇا پکي، ڇا جانور،

ایشور جو روپ آهي.

جیکڏهن کو شخص عیش واري زندگي ڪاٽي ٿو ته ایشوري جوت جا منجهس آهي سا خوش ٿئي ٿي. جیکڏهن اسین پاڻکي ڪشٽن ۽ مشکلاتن ۾ ڦٽو ڪریون ٿا ته اهو دک الهيءَ نوراني نورکي پسٽو ۽ سهٽو پوي ٿو. هن ماس جي پتلي ۽ مٽيءَ جي بدن ۾ روح ائین رهي ٿو جئن دیول، ٺڪاڻي یا مسجد اندر پوڄا جا ڌرمي پسنڪ: جیئن ڌرمي جڳهین ۽ آستانن کي انسان سینگاریٿو، تیئن جیکڏهن آدمي پنهنجي بدن کي خوب سینگاري ۽ ڪپڙن ۾ عطر عنبیر وجهي، ڇاکاڻ ته اها عزت ڏیڻي آهي الهيءَ ایشوري روشنيءَ کي جا اسانجي اندر ۾ هر وقت ۽ هر دم موجود آهي، ته الهيءَ ۾ ڪهڙو هرج یا هاڃو آهي؟

پر اهو انساني فرض سمجهڻ گهرجي ته سڏ ٿئي ته اوٺائجي. هرڪنهن انسان کي ڪنهن نه ڪنهن وقت حیاتيءَ ۾ سڏ ٿئیٿو. آتما جي آواز جي پوئواري ڪجي. هن ڪتاب جي نایڪا سجاڻي قربانيءَ جي سڏ تي پنتي نه ٿي پوي. آتمڪ ناتا جسماني بندڻن کان وڌيڪ محسوس ڪري ٿي ۽ اعليٰ جیون ڪاٽیندي، پنهنجي ذات سان پیار هوندي به پنهنجو پاڻ تیاڳي ٿي، پنهنجي شخصیت کي تڇ سمجهي قربان ٿيڪري ڇاکاڻ ته هن پروڙیو ته جسماني قربانيءَ ۾ ٿيآتمڪ سوڀ سمایل آهي.

( ١ )

## صندوق ۾ سوغات

هندن جي سرتاج هند بهار سان گهڻو ڪري جن
ويچارن جو لڳ لاڳاپو ڏيکاريو ويندو آهي سي آهن
خوشحالي ۽ لئين سر پيدا ٿيل اُميد. جيئن سرو جي
رت کي زندگيءَ جي خزان ڪري ليکيو آهي، تيئن بسنت
رت کي زندگيءَ جو بهار يا روشن ٽڪر ڪري سڏيو
آهي. اچا سياري جون اُٺر ڪان لڳندڙ سرد ۽ تڏيون
هوائون پرتوڙيءَ ڪان موڪلائيءَ جي تياريءَ ۾ ٿي آهن
۽ صبح جو سوير مفرح هوائون ۽ دل کي وڻندڙ هيرون
لڳي بهار جي اچڻ ڪان انسان ذات کي جڻ اڳواٽ
آگاهه ڪن ٿيون. سرشٽيءَ جي هيڪا چيز بهار جي
پير رکڻ تي خوش پيئي ڀاسيءَ. لڳي ٻڪو موج مان
خوشيءَ جا گيت ڳائي هند جي مرحبا ڪري رهيا
آهن. سيارو آهي حياتيءَ جو موت، دنيا جي رونقدار
شين جي پڇاڙي ۽ بهار جي موسم آهي حياتيءَ جي
تازگي ۽ روشن لوائي. بهار سان دڪن جي پڇاڙي ۽ سڪن

جي شروعات ٿئي ٿي. سيارو جڳ حياتيءَ جي پيدائش آڻي ۽ بهار آهي قوهه جواني. قدرت جي مندن جو چڪر آهي آدميءَ جي زندگيءَ جو چڪر. ڪهڙو نه بهاري شباب جو عجائب جادو نگاهن کي خوشيءَ سان ٿمثار ڪري پنهنجن ڳجهن رازن جو اظهار تو ڪري!

اهڙا فطرتي واقعا انسان جي اندر ۾ هڪ قسم جي سڄاڳي پيدا ڪن ٿا ته جيتوڻيڪ وقت جو دورو تمام تڪڙو تڪڙو هلي رهيو آهي، ته به آدميءَ جي روح کي نه سرو سڪائي سگهي ۽ اونهاري جي گرمي ساڙي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جيڪڏهن اسين بنين، گهاٽن جهنگلن ۽ چراگاهن ۾ وڃي قدرت جي ڪاميابيءَ جا سبق سکون ۽ فطرتي نظارن جي سونهن ۽ خوشيءَ پريلن مناظر مان دلي فرحت حاصل ڪريون. اهي نظارا روحاني رازن ۽ مقناطيسي طاقتن سان پر آهن. بهار جي بخشيش آهي شوق ديدار، اثر پذير دل ۽ احسانمند آتما. وقتي اهي ويچار پيا دل ۾ اٿن تين ته جانورن ۾ جو خوشمزاجي ۽ احسانمنديءَ جو انگ نظر اچيٿو سو انسان ۾ گهٽي قدر غير حاضر آهي ۽ شايد جانور ۽ پکي آدمين کان وڌيڪ قدرتي نظارن جا شائق ۽ ڳولائو آهن. اُهوئي آدمي آنند جي آغوش ۾ رهيٿو جنهن قدرت جي ڪتاب جو پوريءَ ريت اڀياس ڪيو آهي ۽ جنهنجو چيت بهار جي بهاريءَ ۾ لين ٿي وڃي ٿو.

بسنت جي رت هئي. جهڙالو ڏينهن ۽ پونياري جو وقت هو. دولتپور ڳوٺ جي پرسان دريا جي پرينءَ پر توري پنڌ تي وڏي بني هئي. هاري ۽ ٻيا ڪمترا ڪمي ڪيتيءَ جي ڪم ۾ رڌا پيا هئا ۽ سندن ٻارن ٻچن چيلهن سان ڪيلي پي دل وندرائي. وڻن ۾ ڳهن سگهِن سان ۽ سهڻا پاليل هرڻ پوڻ هئا جي ويءَ ۾ چيڪ پي چليا. پريان دريا جي ڪپ تي هڪ ٻيڙي اچي بيٺي: ٻه آدمي ٻيڙيءَ مان لهندا نظر آيا. هڪڙي جو نالو سندرشام هو ۽ ٻئي جو جيون. جيون جي هٿ ۾ بندوق هئي ۽ چيلهه ۾ ڪارتوسن جو پٽو ٻڌل هوس. شڪار جي سانگي ۽ جهنگل جي خيال سان شايد ائي اچي سهڙيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سانگي سان شهر کان ٻاهر مشغول انسان کي حياتيءَ جي روزمره جي ٻي تابيءَ ۽ هل هنبس، سختيءَ ۽ ڪهرائيءَ، دلگيريءَ ۽ غمگينيءَ کان ڪي قدر ۽ ڪجهه وقت لاءِ برابر ڇوٽڪارو بخشين ٿيون.

ٻئي ڄڻا عمر ۾ اٽڪل هڪ جيڏا تي پاسيا جيتوڻيڪ سندرشام پنجٽيهن ورهين جو هو ۽ جيون ٽيهن جو. ڪپڙي لتي جي رنگ مان جيون ڪنهن شاهوڪار ڪٽنب جو تي لڳو پر سندس دوست سندرشام پوريءَ پنيءَ وارو ۽ غريب آدمي. هو ننڍي کان ئي ماءُ پيءُ جي سرڳ پڌارڻ ڪري چاچي جي گهر رهندو

هو انساني جيوت ٿاريءَ ۾ اُڀِرَل ڳاڻ ڄڻان آهي، جن مان ڪن کي هوا جو سخت جهلڪو ڪنيو وڃي ٻهلاڻن جي ڏرين کان اندر پيل پلنگن تي ڦٽو ڪري، ته ڪن کي ڪني پاڻيءَ جي ڪسين ۾؛ حياتي موتين مثل آهي جي سڀ جي وات مان نڪرن ٿا: هڪڙن کي ڪٽي منجهائن موتين جو خاڪو ٺاهجي ٿو ته ٻيا راجائن جي تاجن ۾ جائگير ٿين ٿا.

لنڊي هوندي ٻنهي گڏ هڪ شڪول ۾ تعليم ورتي هئي ۽ انوقت کان وٺي سندر شام جو جيون سان دوستيءَ جو ناتو ٿي ويو هو. لنڊيءَ ٻنهيءَ ۾ انسان ۾ ذات پات جا ويڇا ۽ تفاوت نظر نه ٿا اچن: شڪولي جيوت کان وٺي سندن آشنائي شروع ٿي هئي ۽ اڄ ڏينهن تائين اهڙو هڪ واقعو به ڪونه ٿيو هو جنهن سبب هنن جي پاڻ ۾ غلط فهمي پيدا ٿئي. ٻئي هڪ ٻئي جا حال محرم، ڏک سک ۾ ٻانهن ٻيلي ۽ مددگار هئا.

سندر شام شڪل ۾ سهڻو ۽ ٺاهوڪو هو مگر قد ڇوٽو هوس. سياوُ جي ڪري. سندر شام جيون کان وڏيڪ وڻندڙ ۽ هردلعزيز هو. ٻاهرينءَ طرح ۽ دنيوي خيال کان غريب هو پر وٽس آتمڪ ڌن جهجهو هو. سندس منهن تي هميشهه مرڪ لهرائيندي نظر ايندي هئي. هُوُ روز صبح جو سوير اٿي پرارٿنا ڪندو هو: ”ايشور، مونکي نڪا غريبي گهرجي نڪا ملڪيت: اهوئي

نموني جو روزنامو آهي جنهن ۾ هو لکڻ هڪڙي ڳالهه تو چاهي پر لکجيو مور ڳوئي ٻي وڃي؛ ۽ هو پاٺڪي کهڙو نه نماڻو ۽ بيوس معلوم ڪري ٿو جڏهن ڏسي ٿو ته ڇا سندس خواهشون هيون ۽ ڪيئن قدرت جي قلم انهن کي اُلٽو ڪري ڇڏيو.*

جيون هيلنتائين ٻنهي ڏندن مان اکر به نه ڪڇيو؛ پر نيٺ پاڻ جهلي صرف ايترو چيائين، "سندر شام، هي وقت وڃائڻ جو موقعو نه آهي. هل ته جلدي نڪري هلون." ٻئي ڄڻا ٻيڙيءَ ڏانهن واپس وريا. وات تي سندر شام، جنهن ۾ قدرتاً غور ڪرڻ جي خاصيت هئي، چوڻ لڳو: "جيون، هيءَ دنيا رڻ ڀومي آهي، جنگ جو ميدان آهي؛ تون به شڪاري آهين ته مان به شڪاري. انسان ٻوڙي حيوان سيڪو ماريءَ جو ڪم ڪري ٿو. ڪي جانورن جا شڪاري ٿين ته ڪي انساني حسن جا شڪاري؛ ڪي مال ۽ زر جا شڪاري ٿين ته ڪي رام جي نالي جا شڪاري. دنيا ۾ چوگرد ڪٿي نظر ڊوڙاء ته ڏسندين ته زندگي هڪ شڪارگاهه آهي. هڪ قوم ٻيءَ قوم جي گلي ڪپڻ جي سانباهي ۾ آهي. هڪ آدمي ٻئي جي رت چوسڻ جو خواهان آهي. جانورن، جيتن ۽ پکين جي پيٽ ساڳئي نموني جي ويڙهه جاري آهي. ٻلي ڪئي جي پنيان آهي ته ڪتو ٻليءَ جي پنيان؛ ڪئليءَ کي ڪرڙي ٿي کايو ڇڏي ته ڪرڙيءَ کي نانگ ڳڙڪائي ٿو ۽ نانگ کي وري مور

چنبي ۾ ڪنيو تــو وڃي. مطلب تـــ چڪناڻ لـڳي پيئي آھي."

ٻيڙيءَ وٽ پهچي ملاح کي چيائون، "ٽڪڙو هل، دير ٿي ٿئي، سڄ اڇي لهڻ تي بينو آهي." ٻيڙي هلي ۽ سندر شام آهستي جيون کي چيو جيئن ٻيڙيءَ واري جي ڪن تي پرلاءُ نه پوي، "ڏينهن ڏني جو خون! ڪيئن بچي نڪرئو! پوليس کي ضرور خبر پوندي." معصوم نينگر جي رت ۾ رڱيل دردناڪ تصوير سندس اکين اڳيان ڦرڻ لڳي. پوليس ۽ جيل خاني جي خيالن ويچاري سندر شام جي دڙن ۾ ڏڪڻي پيدا ڪئي. سندر شام موڳو ۽ ملول پئي لڳو. اهــو خيال ڪيس ستائي رهيو هو ته سندس دوست جيون کي ضرور ڦاسيءَ يا گهٽ ۾ گهٽ ڳري جيل جي ســزا ملندي ۽ پنيان سندس استريءَ تارا، جنهنکي شادي ڪئي ايائي سال مس ٿيا هئا، تنهنجو ڪهڙو حال ٿيندو. دل ۾ خيال آيس: "مان چڙهو چانڊ آهيان، جيون شادي ڪيل آهي. مونکان وڌيڪ دنيا ۾ جيون جي گهرج آهي. منهنجي پنيان ڪير رئندو؟ پر جيون کي ڦاسي اچڻ تـي تارا وڌوا ٿي پوندي." ايڪيهن ورهين ۾ تارا وڌوا! اهي ويچار ڪري سندس وار ڪانڊارجڻ لڳا. خيال ڪيائين ته ڇو نه اهو ڏوهه پاڻ تي ڌريان. سندر شام جهڙا نيڪ دل ۽ ايماندار انسان دنيا ۾ اڻ لڀ آهن: هو حد سنو

آدمي هوءِ منجهس همدرديءَ جو انگ ٻه ڏاڍو هو. دوستي معنيٰ گهڻي ۾ گهڻي محبت جا هڪ ٻئي لاءِ سودمند ثابت ٿئي؛ دوستي اوکيءَ جو آسرو آهي ۽ خوشيءَ کي ڏوچند ڪري ٿي. اُن ۾ صداقت ايتري قدر سمايل رهي ٿي جو جان جي جوکي کي به شمار ۾ نه ٿو آڻجي؛ منجهس ٻن دلين جو عجيب اتفاق رهي ٿو. اهي سڀ خاصيتون هــن شخص ۾ موجــود هيون. سندرشام انهن بي وفا دوستن مان ڪونه هو جيڪي اسان جي ساڻ جيان آهن، جو جڏهن اسين سج جي روشنائيءَ ۾ پنڌ ڪريون ٿا تڏهن هميشه پٺ ونيو ايندو ۽ چوڻ ته انگ سنگ ساٿي آهي، پر اجا ڇانــو ۾ پنڌ ڪنداسين ته يڪدم غائب ٿي ويندو. سياڻن سچ چيو آهي ته سوڪڙيون پاڪڙيون ڏيئي دوست خريد نه ڪر ڇاڪاڻ ته جڏهن تون ڏيڻ بند ڪندين تڏهن هو تنهنجو ٿيڻ بند ڪندا. سندرشام ته ڪن ورهين کان جيون جو گهرو دوست هو؛ نه ڪنهن لالچ جي ڪري، پر دلي رغبت سببان.

جيون چيو، ”سندرشام، مان توسان انجام ٿو ڪريان ته اج کانوني وري مان شڪار نه ڪندس.“

سندرشام وراڻيو، ”دوست، اهو انسان نــه چڱبو جو ٻئي جو ڏک پسي ڪڏهن ڏکي نه ٿو ٿئي. اهو آدمي آدمي ڪيئن سڏبو جو ٻئي کي روئندو ڏسيءَ نيڻ نه آلا ڪري. ٻئي جي ڏک مان توکي جيڪڏهن سک

ڪيترا ٻار پيسي وارن جي آزار ڪان اجائيءَ دشمنيءَ جو شڪار بڻيا آهن. اسين بيگناهه پيسجي رهيا آهيون پر نه ٿا چاهيون نه اسان سان گڏ هيءَ ٻار پڻ دک ۽ سور سهي. ٻالڪ حق حلال جي پيدائش آهي. اي خدا ترس انسان، تون ڪو به گمان هن معصوم بابت دلير نه آڻج. هيءَ قدرت جي امانت پرتي اٿيئي؛ امانت جي پرگهور لهج. وقت پاڻيهي هن غيبي راز کي کولي ظاهر ڪندو گمنام."

جيون، جو خط جو مضمون خيال سان ٻڌي رهيو هو، جهيڻي آواز ۾ عجب وچان چيو، "سندر شام، حياتي ڇا آهي؟ انسان جو اولاد لاءِ سڪي ٿو سو ڪيئن ٻالڪ کي هيئن ڪڏي ڦٽو ڪندو؟ ٿوڪي اها ڳالهه وسهڻ ۾ اچيئي؟"

سندر شام جواب ۾ چيو، "دوست، انهيءَ ۾ ڪجهه به ناممڪن ڪينهي. حقيقت انساني ڪان وڌيڪ عجائب اٿيئي. انسان جي زندگي عبرتناڪيءَ جو سلسلو آهي. انسان جي حياتي هڪ ناٽڪ آهي ۽ هيءَ واقعو انهي ناٽڪ جو دردناڪ پردو آهي؛ انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. ايشور جي قدرت ني عجب لــــ ڪاءِ. پرماتما جا ٻار اپار آهن. هرڪنهن آدميءَ جي جموت پرماتما جي هڪ رٿيل تجويز آهي؛ اها هڪ سرڳ لوڪ جي ڪهاڻي آهي جا ايشور پنهنجي هٿن سان ويهي

لکي آهي. جيون، مقامن ۾ قبرون ڏسي سبق سکي؛ مسانن ۾ آدمي جلندا ڏسي ڪي پراڻي؛ قتل ۽ نابود ٿيل ڳوٺ پسي عبرت وٺي؛ اُجڙيل آشيانو پسي ويچار ڪري، غور ڪري؛ يتيم ٻار ۽ بيواهه عورت ڏسي اک ڀٽي؛ رستن تي پينو فقير ۽ لولا لنگڙا ڏسي رحم کائي؛ اسپتال ۾ مريض ڏسي ترس ڪري." جيون هڪ ٽڪ سندر شام ڏانهن نهاريو؛ سندس سانئيڪا نيڻ اندروني امنگن جو بنا زبان اظهار ڪري رهيا هئا. سندر شام چيس، "جيون، ايشور وٽان توکي هيءَ سوغات عطا ٿي آهي. هيءَ ٻالڪ جيون جو تارو ۽ تارا جو جيون ٿيندو. دل غمگين نه ڪر. سائين سڀ سولي ڪندو." جيون اندر ۾ گد گد ٿي برابر ٿيو خاص ڪري جڏهن خط مان اهو به معلوم ٿيس ته ٻار حق جي پيدائش آهي؛ مگر هن خوشيءَ ۾ دک سمايل هو؛ هن راحت ۾ رنج گڏيل هو. الي ٻيڙي به اچي ڪناري تي پهتي ۽ ٻئي دوست پنهنجي ڪٽي هيٺ لٿا. ڪناري تي جيون جو نوڪر اڳيئي پنهنجي مالڪ لاءِ انتظار ڪري رهيو هو. ديرتي وچوڙ ڪري جيون سندر شام کي چيو، "تون هلي گهر هل؛ وري صبح جو گڏ ٿياسين." پاڻ ٻيڙيءَ واري کي ڀاڙو ڏيئي، پنهنجي نوڪر کان ڪٽائي گهر ويو.

گهر ۾ اندر اچا گهر پوئي مس، ته تارا ڪيڪاري چيس، "ڏاڍي دير ڪيوَ؟"

جيون ٻاهران مشڪي چيو، ”تارا، دير ٿي ويئي، پر تو لاءِ هڪ قيمتي سوکڙي آندي اٿم.“

الهيءَ جواب ملڻ تي تارا ٿورو مشڪي پڇيو، ”هيءَ صندوق وري ڇا جي آهي؟ هرڻ ماري منجهس وجهي کڻي آيا آهيو ڇا؟“ (جيون جو چهرو ڦرڻ لڳو).

”مان توهانکي هاڻي ڇا چوان؛ مگر ٻڌي جي ماس ۾ ڪاڻي وجهڻ تي الائي ڪيئن ٿي دل ٿئيوَ!“

جيون ڪنهن اونهي خيال ۾ غرق ٿيندو ٿي ويو، پر ڀاڻڪي روڪي، دل جهلي چيائين، ”پياري تارا، هن صندوق ۾ تنهنجي لاءِ سوغات پيل آهي؛ هڪ ٻاڪل بي بها چيز هن پيٽيءَ ۾ بند اٿيئي.“

ائين چئي جيون کيسي مان ڪنجي ڪڍي پيٽي کولي، ٻالڪ ڪڍيو. تارا امالڪ رڙ ڪري ابهرائيءَ مان پڇيو، ”هيءُ ڪير آهي؟ توهين ڪنهنجو ٻالڪ کڻي آيا آهيو؟“

”پياري، هيءُ تارا ۽ جيون جو لال آهي. ٻالڪ تنهنجي جيون جو جيون ۽ منهنجي تارا جي اکين جو تارو آهي.“

تارا کي ڪجهه به سمجهه ۾ ڪين آيو. جيون کيس سموريءَ حقيقت کان واقف ڪيو. تارا جي واتان بي اختيار نڪري ويو، واهه، مالڪ تنهنجا شڪرانا! اسان اولاد جي سڪايلن تي اڄ مهر جي نظر ڪئي اٿيئي.“

تارا جي خوشيءَ جي حد نه رهي. جيئن رڻ پٽ ۾

گهٽي وقت کان اُڇايل مسافر کي پري کان صاف پاڻيءَ جو چشمو نظر چڙهي ۽ اهو پسي خوش ٿئي، ساڳئي نموني جي حالت اڄ تارا سان ٿي. اڄ پرماتما سندس خالي گود پري، پر جيون ۾ تارا جيتري خوشي نظر ڪانہ ٿي آئي؛ شايد اها خون جي خوف ۾ لڪل هئي. سندس پيشانيءَ تي غمگينيءَ جا اهڃاڻ ڏسڻ ۾ پئي آيا. جنهنجي تن سان لڳل هوندي تنهن کي ئي خبر هوندي؛ جنهنکي پير ۾ ڪنڊو چڀندو تنهنکي ئي درد ٿيندو. جيون خيالن جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳو. ويچار پئي ڪيائين تہ سندس پنهنجي تارا ۽ ٻالڪ جي سار سنڀال ڪير لهندو. دل ۾ اچا خيال پئي ڪيائين تہ ڪيئن پنهنجي جند آزاد ڪريان تہ ايتري ۾ نوڪر چيس، ”سائين روٽي تيار آهي، ميز تي رکان؟“ تارا جواب ڏنو، ”اسانجي روٽي ميز تي رکي تون ڪٿان نہ ڪٿان وڃي ٻڪريءَ جو کير هٿ ڪري اچ.“

ميز تي ماني کائڻ وينا تہ تارا چيو، ”سياڻي ڪان وٺي ڪنهن مائيءَ کي رکجي جا صبح سانجهيءَ ٻار کي گهمائڻ ڦرائڻ جو ڪم ڪري ۽ سندس رلڪا ۽ ڪپڙا لٽا صفا ڪري. هڪ ننڍڙي پلنگ ۽ پينگهي جي نهرائڻ جو ٻڌڻ بندوبست ڪجي. ايشور سيڪي ڏنو آهي.“

جيون بيپرواهيءَ جي نموني ۾ وراڻيو، ”صبح ٿئي تہ سڀ بندوبست ٿي ويندو. تون ڪوبہ فڪر نہ

ڪر...... تارا، مون نہ بس ڪئي ماڻ؛ وڌيڪ ماڻي نہ ٿي وٺي."

"توهان تہ بہ ٿي گره مس ڪاڏا!"

"منهنجو تہ خوشيءَ ۾ پيٽ ئي پرجي پيو آهي."

"توهين اڄ ٿورو منجهيل پيا لڳو. ڌهڙي قيمتي وستو پرماتما اسانکي بخشي آهي؛ اڄ تہ خوشيءَ جو موقعو آهي!"

"برابر اڄوڪي رات مبارڪباديءَ جي رات آهي؛ مگر تارا، جيءُ خوش نہ ٿو سمجهان. مونکي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي جنهن جهڙو اڳي ڪڏهن بہ ڪين سنيران. آرام جي ڏاڍي گهرج ٿو محسوس ڪريان."

نيٺ جيون وڃي بستري تي ليٽيو. تارا سندس مٿي کي امبرت ڌارا لڳائي ۽ وڃي بالڪ کي آرام ڪرايو. جيون بستري تي سمهيو پيو هو ۽ اکيون ٻوٽيل هئس مگر اندر وارا نيڻ بند ٿي نہ ٿيئس. هو بلڪل سجاڳ هو ۽ سندس مغز رڻ رڻ ۾ رڌل هو. هر ڪنهن آدميءَ ۾ جيڪڏهن روحاني شڪتيون آهن تہ جسماني شهوتون بہ موجود آهن؛ چڱائيءَ جا جزا آهن تہ بديءَ جا عناصر بہ؛ نيڪيون آهن تہ برايون بہ. انهن مختلف طاقتن جي هڪ ٻئي ۾ هروقت ڪشمڪش هلي رهي آهي؛ پوءِ ڪنهنجي هار ٿئي تہ ڪنهنجي جيت. جيون جي حالت بہ هينئر اها هئي. نيٺ نيچ عناصر جي اوچ طاقتن مٿان سوڀ ٿي ۽ سندس اندر ۾ بي ايماني

پيدا ٿي. مترتا جي مني پيالي ۾ هن زهر جي ڏارا گڏڻ ٿي چاهي؛ هڪ سچي ۽ صاف دل سڄڻ سان بيوفائي ڪرڻ جو خيال مٿس غلبو ڪري چڪو؛ پڪو ارادو ڪيائين ته خوب پئسا هاري، رشوت جــي ذريعي پوليس کي هٿ ڪري سندر شام تي خون جو ڏوهه مڙهيندس.

چونڊا آهن ته تنهنجي من ۾ منهنجي ڪن ۾؛ دلين جو مالڪ ته هڪڙو ئي آهي. هوڏانهن سندر شام به پنهنجي گهر بستري تي ليٽيو پيو هو پر آرام ڪين ٿي آيس. اندر ۾ جو يلا ماندائڻ مٿو پيو هوس سو آرام ڪٿان اچي! خون ته جيون هٿان ٿيو هو. سندس ڇا ٿــي ويو؟ پر دوست اهو جو دوست جي سک ۾ سکي ۽ دک ۾ دکي ٿئي. آخر ۾ اهو فيصلو ڪيائين ته ڏوه لاء پاڻکي جوابدار ٺهرائيندس ۽ صبح سان سوير اٿي جيون وٽ ويندس. ”دوست کي بچائيندي قربان ٿيس ته زندگي سڦلي ته ٿيندي،“ پاڻکي چوڻ لڳو.
انسان ۾ جيڪڏهن عمق ۽ اونهايون آهن جــني ڪيس جهنم ۾ نين ٿيون ته منجهس بلنديون ۽ اوچايون پڻ آهن جي جنت جي چانئٺ ڇهائينس ٿيون؛ چاڪاڻ ته آدمي جو هميشهه غيب ۽ اسرار سان پــر آهي ۽ جنهنجي جيوت جادو ۽ جهڙن تجربن سان پربل آهي، ان ۾ ئي جهنم ۽ جنت ٻئي سمايل آهن. هو پاڻ ئي بهشت مان دوزخ ۽ دوزخ مان بهشت ٺاهي سگهيٿو. متر لاء سر

قربان ڪرڻ اهڙو مشڪل نہ آهي جهڙو ان دوست کي گولڻ جنهن لاءِ قرباني ڪرڻ جڳائي، جو اُن قربانيءَ جو لائق هجي.

ٻئي دوست پنهنجي پنهنجي مڪان تي بي آراميءَ کان جاڳي رهيا هئا؛ پر سندر شام صداقت جي ڪري نہ جيون دغابازيءَ جي ڪري. هڪ کي پنهنجي ذات کان وڌيڪ دوستيءَ جي فرض جو خيال ٿيو تہ ٻيو وجود سان پيار ڪري دوست تي بيگناهہ ڏوهہ مڙهڻ لاءِ تيار ٿيو. ڇا آدمي اينتري ۾ ماضي وساري سگهيٽو ۽ دوستيءَ جي انگہ کي پلجي سگهيٽو! انسان ۽ انسان ۾ پرماتما ڪيڏو نہ تفاوت رکيو آهي!

## ٢.

## سچائيءَ جو ثبوت

سورج ديوتا آسمان تي پنهنجي سواري پوري ڪري آرام گاهه ۾ ويجهي آرامي ٿيو ۽ رات ڪارو لباس اوڍي ڌرتيءَ تي پنهنجو پاڇو وجهڻ شروع ڪيو. زميندار جو پٽ جو ساڍي پنجين بجي گهران نڪتو هو تنهنجو اينتريءَ مدت بعد به اچا ڪو پتو ڪونه پيو هو ۽ گهر ۾ سڀ ڀائي انتظاريءَ وچان سندس راهه نهارڻ لڳا ته مانيءَ جي مهل ٿي آهي، پير اندر پير باهر هولدس. ڪين ڪهڙي خبر ته هو بيگناهه ڪنهن ڏارئي شخص جي بندوق جي گوليءَ جو اوچتو شڪار بنجي چڪو هو ۽ هنوقت موت جي گود ۾ انهيءَ گهريءَ ننڍ ۾ بيهوش هو جنهن مان نه ڪڏهن ڪو اٿيو آهي ۽ نه ڪو اٿندوئي. ليٽ گهڻيءَ دير ڪانپوءِ زميندار پورنسنگهه ٽي هاري هٿ ٻتين سان موڪليا ته وڃي آس پاس چوڪر جي تلاش ڪن. ڳولا ڪندي هاري

۽ ليمف اچي اُتي پهتا، جتي نينگر جو لاش رت ۾ رڱيل زمين تي پيو هو. چوڪر خون تيل ڏسي هنن کان چرڪ نڪري ويو. ۽ جڻا اتي ترسيا ۽ ٽئين ٽڪڙو ٻ وڙي وڃي زميندار کي هيڙي خوفناڪ واقعي کان واقف ڪيو. فرزند جو اهو احوال ٻڌي زميندار ته مور ڇا تي ڪري پيو. جيسين پاڻ سرجيتيءَ جي حالت ۾ اچي، تيسين نندو پاٽس ڪرتارسنگهه حادثي واريءَ جاءِ تي ويو. سڀ واڙن جيان نهاريندا رهيا ۽ خون جو ڪو ٻه پتو پئجي ڪو نه سگهيو. ڪرتارسنگهه تعجب مان ظاهر ڪيو، ”هن نينگر جو ڪنهن سان وير يا ضد تي سگهي ٿو؟ ڪهڙيءَ مراد سان هن معصوم جو خون ڪيو ويو آهي؟“

هڪدم هُن پَرِ ڳوٺ ۾ پوليس ڏانهن ماڻهو روانو ڪري فرياد داخل ڪيو ويو. رات جو ساڍي ڏهين ٻجي پوليس جو صوبيدار ٻن سپاهين کي ساڻ ڪري سر زمين تي جاچ لاءِ اچي وارد ٿيو. چوڪر جي چاچي ۽ ٽن هارين جو بيان ورتو ويو جن چيو ته اسان نينگر کي الهيءَ حالت ۾ اچي ڏٺو، مگر وڌيڪ خون جي باري ۾ اسانکي ڪابه سڌ ڪانهي. ايتري ۾ پورنسنگهه به ٻن ماڻهن سان اچي اتي پهتو. هو پئسي وارو زميندار هو ۽ هلندي ۾ گهٽي هئس. ٻدلي جي باهه اندر ۾ ٻرڪا ڏيڻ لڳس. ٻن جڻن جا پيرا نظر آيا. پير ڏيکي پيرين

کي گهرايو ويو. هڪ بوٽ جو پير تي لڳو ۽ ٻيو سليپر جو: بوٽ کي لعل لڳل تي ڏٺا. پيرن ٻہ پيرو کڻندا اچي دريا جي ڪناري وٽ پهتا جنهن مان سمجهائون تہ خوني ٻيڙيءَ ۾ چڙهي هن پَر ويا تا ڏسجن. رات جو اوڏيءَ مهل جنهن ٻيڙيءَ ۾ صوبيدار آيو هو تنهنجي پاڻ، ٻہ پيري ۽ زميندار جو پاڻُ هن پر روانا ٿيا، باقي ٻن سپاهين کي لاش جي حفاظت واسطي اتي ترسايو ويو. دريا جي ڪناري تي جي ملاحن جا گهر هئا تن مان سيني ٻيڙين وارن کي نند مان اُٿاري، پاڻ وٽ گهرائي، صوبيدار ڪرڙي اک ڪري پڇيو، ”توهان مان ڪو ٻہ ملاح کي ٻہ ٻہ آدمي اڄ شام جو هن پر ٻنيءَ طرف وٺي ويو هو؟“

هڪڙي ٻيڙيءَ واري ڏڪندي ڏڪندي چيو، ”جيئندا قبلا، مان مسڪين پنهنجي ٻيڙيءَ ۾ ٻن آدمين کي هن طرف برابر وٺي ويو هوس. بندوق بہ ساڻ هئن؛ شايد شڪار ڪرڻ تي ويا.“

صوبيدار ٻين سيني کي وڃڻ جو حڪم ڪري هن ٻيڙيءَ واري ڏي نهاري ڪانئس پڇيو، ”ابا، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

ٻيڙيءَ وارو ڏاڍو ٻيو ٻہ نو. صوبيدار کي سامهون وينل ڏسي هن جو ساهہ ئي اچي مٺ ۾ ٿيو. غريب آدمي ڇا ڄاڻن پوليسي ڪارنامن مان. سو تمام جهيڻي

آواز ۾، پر ادب وچان، جواب ڏنائين، ”سائين، هن خادم جو نالو قاسم آهي.“

صوبيدار چيو، ”تون ڪنهن به قسم جو دل ۾ ڊپ نه ڌر. ڏٺيءَ ڪي حاضر جاٽي حقيقت بيان ڪر. توهين ڪيڏي مهل ٻرينءَ پر پهتا؟“

”سائين، مون غريب وٽ ڪو گهڙيال يا گهڙي ٿوروئي هوءِ؛ پر سج اسانجي پيچرڻ کان ڏيڍ ڪلاڪ ڪ پوءِ لٿو.“

”پلا واپس ڪيڏي مهل وريا؟“

”ٻتين پرڻ ڪانپوءِ.“

”هو جوان ٻيڙيءَ مان لهي ڪيڏانهن ويا؟“

”رخ تہ ٻنيءَ طرف رکيائون؛ باقي ويا الائي ڪيڏانهن.“

”قاسم، تون مٿي چئي آيو آهين ته بندوق ساڻ هئن؛ شڪار جي خيال کان آيل هئا.“

”هائو، سائين، بندوق ته ساڻ برابر هئن.“

”ڪهڙو شڪار ڪري موٽيا؟“

”ٻيڙيءَ ۾ ساڻ ته ڪي به ڪين هون؛ شايد شڪار هٿ نه لڳن.“

”توکي سندن نالن جي به ضرور ڪا خبر هوندي؟“

”بي ته ڪا سڌ ڪانه اٿم؛ باقي سندن گفتگو مان اهو سو معلوم ڪيم ته هڪڙي جو نالو جيون هوءِ ٻئي جو سندر شام.“

”توکي منجهائن ڪو نہ هڪڙو چٽو ڏيکارجي تہ
تون سچائي سگهندين؟“

”سچائي چئو نہ سگهبو.“

صوبيدار جنهنجو نالو ڪوتاريلعل هو تنهن ڪرتار سنگهہ
کي چيو، ”توهين هينئر پلي پنهنجي جڳهہ تي هلو.
مان سموري حال کان واقف ٿيو آهيان. توهين هر قسم
جي تسلي ڪريو؛ مان هاڻي پاڻهين تو وٽ پڪ جاچ ڪريان.
اميد تہ خوني هٿ اچي ويندا.“

ڪوتاريلعل ملاح کي ساڻ ڪري سڌو ٿاڻي تي آيو
۽ ڪيس سپاهين جي قبضي ۾ ڏنائين.

هتي اهو ذڪر ڪرڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن
ڪوتاريلعل جو چڱيءَ طرح واقف هو ۽ ٻئي اڪثر هڪ
ٻئي وٽ بنا حجاب ايندا ويندا هئا. پئسي واري آدميءَ
جا دوست سوين. سچ چيو اٿن تہ شاهوڪار جا سالا
گهڻا، پر غريب جو پيٽيويو بہ نہ ٿئي. چڙهيل آدميءَ جي
چاڪري ڪرڻ ۾ هرڪو پيو فخر وٺي. ڪلدار ۾ وڏي
ڪرامت سمايل آهي. پئسوئي آهي جو خوشامند کي
پاڻ ڏي ڇڪي ٿو. شاهوڪارن وٽ خوشامندڙيا ٽوليون
ناهيو، ميڙ ڪيو وينا هوندا آهن. اها هڪ عام چوڻي
آهي تہ خوشامند بيوقوفن ۽ پئسي وارن لاءِ هڪ نمولي
جي خوراڪ ۽ ڪاڌو آهي. خوشامندڙيا دنيا ۾ بدترين
لمڪ حرام ۽ ويساهہ گهاتڪ آهن چاڪاڻ تہ هو آدميءَ

جي عيبن کي صواب جي صورت ونائيندا ۽ سندس گهٽتاين کي همتائيندا ، ۽ پاپ ۽ گناهہ جو اهڙو وڻي دل کينچيندڙ نقش چٽيندا جو آدمي عيب ۽ صواب ۽ پاپ ۽ پنج جي وچم تفاوت جو اندازو لڳائي نہ سگهندو. ڪونار يلعل جڏهن ملاح جي واتان جيون ۽ سندر شام جا نالا ٻڌا، تڏهن دل ۾ آيس تہ اهو جيون پڪ سندس دوست هوندو.

رات جا ٻہ ٿيا هوا، چوطرف سن سنات ڇانئين پيئي هئي. هڪڙيون راتيون هيٺون اونداهيون، پيو وري ڪارن ڪڪرن سان آسمان ڇانيو پيو هو؛ بادلن تارن کي بہ ڇپائي ڇڏيو هو، پرٿوي ۽ تي جڻ ڪارنهن جو ڇت چڙهيو پيو هو. ڏڪڻ کان سخت طوفان لڳي گهوگهات ڪرڻ لڳو، گهرن جا در ۽ دريون هڪ ٻئي ۾ لڳي ڏاڍا آواز ڪري رهيا هئا. کنوڻ جي چمڪات ۽ بادلن جي گرجنا ڌهڪاءُ وجهي ڏنو هو. جيئن قدرت ۾ ڪڪرن جي ڪارنهن، طوفان ۽ گجگوڙ جي آواز بي آرامي، مونجهارو ۽ گمسان ڪٽي پيدا ڪيو هو، تيئن جيون جي اندر ۾ پڻ بيقراري راڄ ڪري رهي هئي. سندس اندروني امنگن جو اظهار فطرتي نظارن مان ملي چڪو هو. قدرت جيون جي پاپي ۽ پيالڪ ڪرتوتن تي جڻ تہ غصو کائي فساد ڪڙو ڪري رهي هئي. درختن جا پن ۽ ٽاريون هوا ۾ ٽڪري، پاڻہ لڳي جڻ تہ هڪ ٻئي

کي رات جي الوت ننڊ مان سجاڳ ڪري پرٿويءَ تي تيل پاپڪان آگاهه ڪري رهيون هيون. انساني افعالن تي اڄ قدرت افسوس ڪائي رهي هئي، اهائي گهڙي هئي، اهائي قيمتي مهل هئي، جڏهن آدمي محسوس ڪري سگهيو ٿي ته فطرت انسان جي حاجتن ۾ ڪنترو نه ڀرو ۽ دلچسپي وٺي ٿي. اهو شخص ويچارو آهي جو قدرت کي هڪ خسيس ۽ ناچيز چيز سمجهي ٿو.

جيون جي گهر جي ٻاهرين دروازي تي ڪڙ ڪڙ ٿي. ڪو شخص در کڙڪائي رهيو هو. تارا کي ته ننڊ هئي مگر سندس پتار جو ساري رات بستري تي پئي ڦٿڪيو ۽ پاسا ورائيندي پنيءَ ۾ ئي سور پئجي ويو هوس، تنهن پهرين ئي آواز تي پلنگ تان پير هيٺ لاٿو. پلنگ جي چيچاٽ تي تارا جي اک کلي پر ننڊ اکري هٿڻ ڪري وري جلدي اک لڳي ويس. جيون دروازي کولڻ کان اڳ ۾ آواز ڪيو، ”ڪير آهي؟“ جواب آيو، ”ڪوتاريلعل.“

جيون کي شڪ ڪائي ويو ته هڙي بيگاهه وقت ڪوتاريلعل وٽس ڇو آيو هوندو. چور کي ته چوري پئي سجهندي آهي. جيئن ٽيڪ ٻئي دوست هئا ته به جيون خيال ڪيو ته انوقت ڪوتاريلعل وٽس دوست جي حيثيت ۾ ڪونه آيو هوندو، مگر پوليس عملدار جي حيثيت ۾ خون جي جاچ ڪرڻ. هن ڏڪندي ڏڪندي در

کوليو، ڪوتاريلعل مرڪيو ۽ جيون ڪيڪاري چيس،
”اڄ، پلي آئين، هيڏي مهل اڌ رات جو پنڌ پيو آهين!
ڪو ضروري ڪم ڪار آهي ڇا؟“
”ههڙي وقت ضروري ڪم بنا ڪيئن اچبو.“
”ڳالهه ڪهڙي آهي؟“

”رات جو ساڍي نوين بجي خون جو فرياد داخل ٿيو آهي. مان سر زمين تي جاچ لاءِ ويس. خونين جو پيرو ڪٽي اچي دريا جي ڪناري وٽ پهتاسين. بيڙيءَ واريءَ کان معلوم ٿيو ته تون ۽ تنهنجو دوست سندر شام ٻئي ڄڻا اڄ شام جو شڪار جي خيال کان هن طرف آيا هئا ۽ خون به توهانجي هٿان ٿيو ڏسجي ٿو. بيڙيءَ واري کي سرڪاري شاهد ڪري ٽاڻي تي آڻدو ويو آهي. هن بيان ۾ ائين به ظاهر ڪيو آهي ته توهانکي پاڻ سڃاڻي سگهندو. تون منهنجو دوست آهين، گهڻي وقت کان اسانجو هڪ ٻئي ۾ پريت جو رستو آهي، اُن لحاظ کان تو وٽ لنگهي آيو آهيان. خون ٿيل ڇوڪرو زميندار پورنسنگهه جو پٽ آهي. توکي نه معلوم هوندو ته هو مٽي مارائي بنا ڇڏڻ جو نه آهي. عملدارن سان ڏيٺ ويٺ به جهجهي اٿس ۽ رسائيءَ وارو شخص آهي. هاڻي جيڪا صلاح ڏين، ڳالهه کي لئه مٽي ڪرڻ تمام اوکو ڪم آهي. هجي ها ڪنهن غريب ڪڙميءَ جو ٻار ته ڪم کي ٿاهي ڇڏجي ها. خونيءَ کي همٿ ڪرڻ لاءِ پورنسنگهه پئسو به پاڻيءَ جيان هاريندو.“

جيون چيو، ”مونوت وري ڪا ڳنڍي جي ڪمي آهي ڇا؟ دوست آهين؛ دوست کي بچائڻ ته تنهنجو ئي فرض آهي. پوليس ٻنهنجيءَ تي اچي ته الائي ڇا ڇا ڪيو ڇڏي.“

ڪوناريلعل وڏي ويچار ۾ پئجي ويو؛ جيون بـــ ڪجهه ڪين ڪڇيو. باقي دل ۾ سو پهه پچائڻ ۽ گهاٽ گهڙڻ لڳو. ويچاريائين ته اهڙي ڪا چالاڪيءَ جي جـــار وڇايان جو جند آزاد ٿئي. وٽس ملڪيت جام هئي؛ گهر ۾ روپين ۽ نوٽن جي ته رالد لڳي پيئي هوندي هئي. خيال ڪرڻ لڳو، ”دنيا جي اتهاس مان ڪئين اهڙا مثال هٿ ايندا جنمان ڏسبو ته وڏا وڏا منصف، جنکي عدالت جا پاوا سمجهو ويندو هو، مدبر ۽ اهل مجلس به زر سان خريد ڪيا ويا آهن. ڪوناريلعل ته هڪ معمولي پوليس عملدار آهي. چانديءَ جي چلڪي تي گهٽن جون دليون ياٽي تي پيون، ڪيترا انصاف ۽ عدل وڪٽي وينا. زر ڪانسواءِ التجائون ۽ عريضيون ناپسند ۽ بنا سواد لڳنديون آهن ۽ اڪثر رد ڪيون وينديون آهن.“ اهي ويچار ڪندي اٿي اندر ويو ۽ ڪپت مان ٻن هزارن جا نوٽ ڪٽي اچي ڪوناريلعل کي ڏنائين ۽ چيائينس، ”هاڻي جيئن وٺيئي تيئن ڪم کي ناهي ڇڏ.“

”پر اڳيان پورنسنگهه به ڳري ٽوپي آهي، هڪ

زبردست هستي آهي، جيسين خولي اکين نه ڏسندو، تيسين سمجهه نه سگهندو."

جيون ٿورو خيال ڪري هلڪي آواز سان چيو، "ڪونار يلعل، مان توکي هڪ طريقو ڏسيان ٿو. شڪار تي مون سان گڏ سندر شام پڻ هليو هو؛ هو غريب آدمي آهي. ڇو نه کيس ڏوهي ٺهرائجي؟ پاڻ به ڇٽا هئاسين؛ ٽيون ڪو ٿوروئي هو جو شاهدي ڏيندو."

جيون وساري ويٺو ته جو شخص جاڻي ٻجهي پنهنجي دوست سان دغا ڪريٿو سو پنهنجي خلقيندڙ سان ڊوهه ڪريٿو؛ ڇاڪاڻ ته خلق جي خدمت آهي خلقيندڙ جي خدمت ۽ خلق سان ڊوهه آهي ڌڻيءَ سان بي ايماني. ڪونار يلعل کي اها صلاح ڏاڍي پسند آئي. اتي صبح جا چار اچي ٿيا. ڪونار يلعل به هزار وڻي، جيون کي آٿت ڏيئي پاڻ سڌو ٿاڻي تي آيو ۽ به سپاهي ساڻ ڪري سندر شام جي چاچي جي گهر ڏانهن روانو ٿيو جتي هو رهندو هو؛ پهچڻ سان سندر شام جو پڪڙائين. پرهه ڦٽيءَ جو وقت هو. سندر شام سمجهي ڪين سگهيو ته ڇو صوبيدار وٽس آيو هو. ڪونار يلعل چيس، "سندر شام، مان توکي خون جي ڏوهه هيٺ گرفتار ڪرڻ آيو آهيان. ڪالهه شام جو تون جيون سان گڏ جي شڪار تي ويو هئين؟"

"ها، مان ويو هوس."

”مونکي جاچ مان معلوم ٿيو آهي تہ تو بندوق سان زميندار پورنسنگهہ جي پٽ جو خون ڪيو آهي.“

سندر شام وائڙو ٿي ويو؛ هن ڪونار يلعل کان پڇيو، ”توهانکي ڪا ثابتي آهي؟“

صوبيدار وراڻيو، ”جيون مونکي سموريءَ حقيقت کان واقف ڪيو آهي. هو هڪ وڏو زميندار ۽ وشواس جوڳو نگرواسي آهي. ڪوڙ ڳالهائڻ سان سندس ڪهڙو مطلب پرٺواب ٿيندو، خاص ڪري جڏهن تون سندس دوست پڻ آهين؛ مگر ساڳئي وقت هڙين ڳالهين ۾ سچ کي لڪائڻ نہ رڳو هڪ گناهہ آهي، پر عدل ۽ انصاف جي اصولن جي ابتڙ آهي.“

سندر شام کي تہ اهو ڪڏهن خواب خيال بہ ڪين هو تہ جيون انسانيت جو ليڪو لنگهي، شرم ۽ حياءَ جو لنگهہ لتاڙي، آشنائيءَ جي فرض کي پاسيرو ڪري کيس ڦوهہ ڪري ڦسائيندو. پاڻ تہ قربانيءَ لاءِ تيار هو؛ پر جيون جي ان هلت سندس دل کي سخت صدمو پهچايو. جيئن ڪنهن آدميءَ کي ويجهي عزيز جي حادثي يا اوچتيءَ بيماريءَ جو بڇڙي چوٽ رسي، تيئن سندر شام جي دل ۾ اڄ بي چئني هئي، بي قراري هئي، بي آرامي هئي. هو بنا ڪنهن بہ بحث مباحثي يا ردبدل جي ڪونار يلعل سان گڏ جي ٿاڻي تي آيو. ڪانئس بيان گهريو ويو پر هن ڪجهہ بہ ڪڇڻ کان انڪار

ڪوڙ ڳالهائڻ پاپ جو ڪم آهي پر سندر شام خودغرضيءَ لاءِ ائين نہ ڪري رهيو هو. ڪيس تارا جو ڏاڍو اونو هو. جيون جي تڪليفن ۾ اچڻ ڪري تارا تمام دکي ءِ دربدر ٿئي ها. جج فتوي ڏيندي چيو، ”جوابدار پاڻ قبولدار آهي تہ خون سندس هٿان ٿيل آهي، مگر اسانکي ڏسڻو آهي تہ خون پاڻمراد ڪيل آهي يا اتفاق جو نتيجو آهي. قاعدو تہ اها تقاضا ڪري ٿو تہ خون جي سزا خون ٿيڻ گهرجي، جان جي بدلي جان ورتي وڃي؛ پر هڪ ڳالهہ جا صاف ظاهر آهي سا هيءَ تہ خون جاڻي ٻجهي ڪيل نہ آهي. جنهن صورت ۾ سندر شام جو ارادو ءِ نيت پاڪ هئي ان حالت ۾ مٿس خون جي تهمت مڙهي نٿي سگهجي. باقي ہ ڳالهيون ڌيان ڇڪائڻ جوڳيون آهن؛ هڪڙو تہ سندر شام بنا پرواني جي بندوق هلائي آهي ءِ قاعدو هنکي هٿيار هلائڻ جي اجازت نہ ٿو ڏئي؛ ٻيو تہ هنجي بيپرواهيءَ ڪري هڪ معصوم جي حياتي ناس ٿي چڪي آهي. تنهنڪري ٻنهي ڏوهن هيٺ ڪيس ڇهہ ورهيہ سخت پورهئي سان جيل جي سزا ڏجي ٿي.“

ليڪ آدمي اهو ٿو ڪونجي جو ٻين سان نيڪي ڪري. جيڪڏهن پلائي ڪندي ڪيس عذاب آڏو اچن ءِ مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻو پويس تہ پاڻ ڀِتر؛ جيڪڏهن انهن شخص جي هٿان ڪيس دک پهچي جن سان پاڻ

چڱائيءَ جا پير پريا هجنس، تہ چئبو تہ هو پلمالسائيءَ جي چوٽيءَ تي رسي چڪو؛ پر جيڪڏهن انهن تڪليفن ۾ پيسجندي سندس موت ٿي پوي، تہ سمجهبو تہ سندس ثواب ۽ نيڪي بلنديءَ جي چوٽيءَ تي پهتا آهن؛ اها انسان ذات جي سورهيائيءَ ۽ قربانيءَ جي حد ليکبي!

۳.

## راز جو کلڻ

رات جو ٽاڻو هو، ساري مخلوقات آرام جي اجهي
هيٺ آسائش ماڻي رهي هئي. ننڊ ۾ ابرابر ڪيڏو نه
ميٺاج آهي! اها ننڊ ئي آهي جا مسڪين کي راجا جي
محلات جا سير ڪرائي ٿي، ڪکاپتيءَ کي لکاپتي
بڻائي ٿي، غلام کي آزادي بخشي ٿي، نا اميد کي اميد
ڏيکاري ٿي، مريض کي صحت عطا ڪري ٿي،
بيوقوف تي سياڻپ جو ڇٽ ڌري ٿي ۽ وڇڙيلن کي
وصال حاصل ڪرائي ٿي. ننڊ بکئي لاءِ کاڌو، اڃايل
لاءِ پاڻي ۽ ڦٽيلن دلين واسطي مرهم آهي. ننڊ ۾ آدمي
کلي ٿو، رئي ٿو، خوابي دنيا جا سير ڪري ٿو، هوائي
قلعا اڏي ٿو. ننڊ ۾ آدمي برف جا مڪان ناهي ٿو،
جي سج اڃا منهن ئي مس ڪڍي ته ڳري وڃن،
سامونڊي لهرن تي اکر لکي ٿو جنکي هڪڙوئي ڌکو
وهڪرو گهلي وڃي اوڙاه ۾ ڦٽو ڪري ٿو، ڪاغذ جا

مخالفت ٻڌائي ٿو جي ٿوريءَ هوا لڳڻ سان ڍهيو پون. منجهس ڪيترو نه لطف آهي! جڏهن ڏينهن جي جفاڪشيءَ ۽ ٻانهن جي ڪم مان ٿڪجي مزور جهوپڙيءَ ۾ اچي کٽ تي ليٽي ٿو تڏهن ننڊ ئي آهي جا سندس پرورش ڪري، ڪيس ٻئي ڏينهن لاءِ نئون ۽ تازو ڪري ٿي. ننڊ نه هجي ته آدمي جيڪر ديوانو ٿي پوي؛ ننڊ فطرت جي دائي آهي. منجهس صرف هڪ ئي خامي آهي جو ننڊ انسان لاءِ اڌ موت آهي؛ هوءَ موت سان مشابهت رکي ٿي، مثل ۽ ننڊ ۾ سُتل آدميءَ ۾ تمام ٿورو تفاوت رهي ٿو. ×

چنڊ جي سيتل روشنيءَ پرٿويءَ تي اڇاڻ جي چادر وڇائي ڇڏي هئي. جيل جي ڪوٺڙين ۾ سيخن جي درن مان تجلو اندر وڃي رهيو هو. سندر شام جي ڪمري جي پرسان ڪوٺيءَ ۾ هڪ ڪرڙوٻ آدمي، هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ تائين اچ وڃ ڪري رهيو هو. ٻيا سڀ قيدي ڏينهن جي سخت پورهئي کان فارغ ٿي، ننڊ جي گود ۾ پنهنجا غم غلط ڪري رهيا هئا، پر هن کي شايد اندر جي بي آراميءَ آرام ڪرڻ نه ٿي ڏنو. سندس اندر ۾ طوفان ڪتو هو؛ سندس نرڙ تي غمگينيءَ جا آثار نظر آيا ٿي. اکيون ڳوڙهيون هيس، شايد سمورو وقت اوجاڳي ۾ گذاريو هئائين؛ سندس لال نيڻ ننڊ لاءِ ڦٿڪي رهيا هئا. ٿوري مدت مس گذري ته هن

زار زار رئڻ شروع ڪيو. رئڻ آدميءَ جي دل جو بار گهٽي قدر پورو ڪري ٿو. اوچنگارن جي آواز تي پر واري ڪمري مان سندر شام، جو ننڊ جو بلڪل سجاڳ هو، اٿي ڪڙو ڏيو. ٻنهي ڪوٺين جي وچ ۾ لنڊي سيخن جي دري هئي. سندر شام آواز ڪيو، "ڪير آهي؟"

قيدي وڏي دريءَ وٽ آيو پر ڪي به ڪين ڪڇيائين. سندر شام ٻيو دفعو پڇيس، "يار، پيٽ ۾ درد اٿيئي ڇا؟"

"پيٽ ۾ درد؟ نه؛ مونکي ڇاتيءَ ۾ سخت سور آهي."

"هينئر رات جي وقت ڇا ٿي سگهندو. چنڊ به ڇگوئي چڙهي آيو آهي، ڇاڻ صبح ٿيو. پوءِ جيل جي ڊاڪٽر کي پاڻ ڏيکارج."

"مونکي سڀاڻي صبوح جو ڦاسي ملڻي آهي."

سندر شام وائڙو ٿي پڇڻ لڳو. "ڦاسي! تو ڪهڙو اهڙو ڳرو پاپ ڪيو آهي جو توکي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي آهي."

"اهي وڏا درديلا داستان آهن؛ ٻڌندين؟"

"هائو، خون جي ڏوهه هيٺ اها سزا ملي هوندءِ؟"

"ضرور."

"ڪنهنجو خون؟"

"پنهنجي استريءَ جو."

سندر شام کان چرڪ نڪري ويو ۽ تعجب ۾ پڇڻ لڳو ”چا، تو پنهنجي استريءَ جو خون ڪيو؟“

”نه!“

”تو ڪين هينئر چيو ته توکي زال جي خون ڪري سزا ملي آهي؟“

”اها هڪ وڏي ڪهاڻي آهي؛ پر ته پلا ٻڌايانءِ:

”مان سيوهڻ جي ڳوٺ ۾ ڪپڙن ڌوئڻ جو ڪم ڪندو هوس ۽ ماڻهو مونکي ”لٽو ڌوٻي“ ڪري سڏيندا هئا. مان شادي ڪيل هوس ۽ منهنجي زال جو نالو رامي هو. ڪيترن ئي ماڻهن جا ڪپڙا ڌوئندو هوس، جن مان هڪ زميندار گا گنمل هو. هو ورهين کان وٺي منهنجو گراهڪ هو. سيوهڻ ۾ گا گنمل پهچنديءَ وارو، مشهور ماڻهو آهي ۽ هٽ ٻه ٽي اٿس. بازار مان لنگهندو آهي ته دوڪاندار، گاڏين وارا ۽ ٻيا سڀ کيس رام رام ڪندا آهن.

”هڪڙي پيري جي ڳالهه آهي ته مونکي اچي ڏاڍو بخار ٿيو ۽ پورا ٻه هفتا بستري داخل هوس. انهيءَ عرصي ۾ رامي ڌوٻڻ سمورو ڪم پنهنجي سر تي هموار ڪيو. اسانجون زالون هڏ ڏوکي، ڪم جون جاڻنيون ۽ اورچ ٿين ٿيون، هننکي گهر جي ڪم جو اونو رهي ٿو: رامي ڪنب چاڙهيندي هئي، گڏهه تي ڪپڙا رکي درياءَ تان ڌوئي ايندي هئي، پوءِ اُس ۾ سڪائي، استري ڪري، گراهڪن کي گهرن ۾ پهچائي ايندي هئي. بين

ٿيپي اسانجي گهر ۾ اندر لنگهي آيا ۽ بار ڪٽي رمندا رهيا. هو هٿيارن سان هئا؛ اسين بنا هٿيارن جي ڪٿي ٿا ساڻن پڄي سگهون. ٻار وڃائي، روئي پٽي، ماٺ ڪري ويهي رهياسين. غريب آدمي، پوليس ۾ فرياد ڪيوسين، پر ڪي به ڪين وريو. رشوت ڏيڻي سيٺي ڪي گاگنمل پنهنجي طرف ڪري ڇڏيو هو. سيٺ اسانجي زندگي زهر ڪري ڏني؛ حياتيءَ مان ڪڪ ٿي پياسين. چوڻ ۾ ايندو آهي ته غريب جو واهي الله آهي؛ اسان پيري ته الله به الائي ڪٿي وڃي لڪو هو. ڪليو ڪلايو پيا ڪلور جا ڪم ٿين، پر روڪڻ وارو ليپڻي ڪونه. ڪير داد ٻڌي؟ ڪير فرياد سڻي؟ ڪنهن ڪان انصاف گهرون؟ ايشور جي عدالتخاني ۾ عدالت هجي ته الائجي پر دنيوي عدالتخانن ۾ ته رڳو الله ڏند لڳو پيو آهي.

”اهڙيءَ طرح ٽي ٻار وڃاياسون. جڏهن چوٿون ٻار ڄائو، جو پڻ پهرئين جيان ڇوڪرو هو، تڏهن ڪيس صندوق ۾ بند ڪري، ساڄيءَ ٻانهن ۾ رکيا ٻائي، ڳچيءَ ۾ لفافو ٻڌي ڪٺي ڳوٺ جي پر سان وهندڙ درياه ۾ ڦٽو ڪيم. وڌيڪ خبر ان مالڪ کي ته زنده رکيائينس يا نه......“

سندر شام اٿ ۾ روڪي چيس، ”انهيءَ ڳالهه کي گهڻو عرصو ٿيو؟“

”اٽڪل پنج سال.“

”ليڪر شڪل جو سانورو هو؟ وات ۾ چوپٽي

هيس؟ صندوق کي مٿان گول سوراخ هئا؟"
"اهي ڳالهيون نہ لڳي ٿيون اچن." "توکي ڪجھ خبر آهي ڇا؟"

"ها، اهو ڇوڪرو دولتپور جي هڪ وڏي زميندار جيون جو پٽ آهي؛ هن اها پيتي دريا مان لڌي هئي؛ ليڪن وڏي ناز سان پلجي رهيو آهي."

لٺوءَ جي منهن ۾ سرهائي نظر اچڻ لڳي؛ زندگيءَ جي راز کي ڪير پروڙي!

سندر شام پڇيو، "پوءِ ڇا ٿيو؟"

"زميندار کي خبر پئجي ويئي تہ مون اٽڪل ڪري، تجويز ويڙهائي ڇوٽون پار سندس ظلمي چنبي کان بچايو آهي. هينئر نہ هيڪاري ضد وڌيو؛ جڻ تہ دکندڙ آگ ۾ تيل پيو. هو اسانکي ڏاڍو تنگ ڪندو رهيو. سالن جا سال اسين سندس عذاب سهندا رهياسين. هڪ پيري مونکي اوچتو ڪنهن ڪم سان پر واري ڳوٺ ۾ وڃڻو پيو. ٻئي ڏينهن ٻڌڪيءَ جو موٽي اچي ڏسان تہ رامي خون ٿي پيئي آهي. هن ظالم ڪن خبيثن جي هٿان جي هميشهہ جهڙي انداز ۾ زميندارن جي اجهي هيٺ پلجن ٿا ۽ جنکي وري زميندار پنهنجن مطلبن بر ثواب ڪرڻ لاءِ ڪم آڻين ٿا، پاڪ راميءَ کي راتو واهہ قتل ڪرائي ڇڏيو. خون جــي خبر ٻڌليءَ جيان ڳوٺ ۾ پکڙجي ويئي. مون پوليس ۾ وڃي فرياد داخل ڪيو، پر ڳاڪنمل جڙتو فرياد بَدي خـود مونکي راميءَ جي

گذريا هوندا جن ۾ ابوجهه ۽ نردوش ڳوناٺن سان ٿهرجا
ڪم ڏيندا هوندا؛ پر ويچارا بي زبان گونگن گگدامن جيان
صبر ۾ پيا سهن؛ جي ٻڙڪ ڪا ٻولين ته موچڙا ٿا کائين؛
تنهنڪري اندر جو اندر ۾ غم کائي، سور پيو وينا آهن.
غريب جي زندگي بيڪار آهي! ڇو ڏٺيءَ غريب خلقيائي
چو؟ منهنجي نظر ۾ ته دنيا دک روپ آهي؛ ڪي آهن
ڏن دکي، ڪي آهن تن دکي، ته ڪي وري آهن
من دکي.“

نٿو ٻه اچا ڳالهه پوري ڪرڻ تي هو ته وري ساڳيو
سپاهي اچي اتان لنگهيو. هنن کي ٻيو دفعو ڳالهائيندو
ٻڌي ڪائن سندن نالا پڇيائين ۽ چيائين، ”صبح ٿئي ته
توهان کي جيل جي قاعدي ٽوڙڻ ڪري سزا ڏني ويندي؛
اطلاع مليڻ کان پوءِ ٻــــ توهين پــــاڻ ۾ بات ڪندا
رهيا آهيو.“

سندر شام ٻنهنجي ڪوٺيءَ ۾ پٽ تــــي ليٽي پيو.
ٽوڙيءَ ويڙم کان پوءِ صبح ٿيو؛ جيل جو گهنڊ وڳو.
سيپئي جيل جا ڪمرا کولي قيدين جي ڳڻپ ڪئي
ويئي متان رات جي عرصي ۾ ڪو ڀڄي ويو هجي.
جيل جو عملدار جڏهن نٿوءَ جي ڪمري جي در وٽ
پهتو تڏهن سيڪن مان ڏٺائين ته قيدي مردو ٿيو پٽ
تي پيو آهــــي ۽ سندس ڳچيءَ چو ڌاري هڪ ٿلهي
رسي ٻڌي پيئي آهي.

لاش ڇيرايو ويو. رات جو پهري تي جيڪو سپاهي هو تنهن بيان ۾ چيو، ”مون سندر شام کي ٽئون سان رات ۾ ٻه دفعا ڳالهائيندو ڏٺو. مون ڪين ڄاڻيو پر هو ته مڙيا. پڇاڙيءَ جو دفعو جڏهين مون هنن کي ڳالهائيندو ٻڌو ولڏهن اٽڪل پنج ٿيا هئا.“ سندر شام کان پڇيو ويو جنهن چيو، ”مون ٽئون سان ڳالهايو برابر هو پر خون جي مونکي ڪابه سڌ ڪانه آهي.“ جيل اندر سندر شام تي مقدمو هلايو ويو ۽ ڪيس الهيءَ ڪري ٻارهن سال ٽيپ ڏني ويئي ڇاڪاڻ ته سمجهيو ويو ته هن ٽئونءَ کي آپگهات ڪرڻ ۾ مدد ڪئي هئي.

سندر شام کي هينئر اچا تيرهن ورهيه جيل اندر رهڻو پيو.

۴.

## ننڍي ٻار جا ڏينهن

ٻالڪ پرٿوِيءَ تي خوشيءَ ۽ راحت جو چشمو، محبت ۽ ميلاپ جو قاصد، بي گناهيءَ ۽ معصوميت جو پتلو آهي. هو ڪائنات جو هڪ نئون مينار پريو اُڀرڻ آهي، جو تازو قدرت وٽان زمين تي موڪليل آهي ته وڃي ويران دنيا کي، جنتي روزمره گند پيو اُڀڄي ۽ نپجي، پنهنجي معصوم مرڪ سان باغ بهار ڪري سيني نعمتن يا رحمتن مان، جي زندگيءَ جي اونداهين ۾ سوجهرو ڪن ٿيون، ٻالڪ ئي آهي جو استقبال جي لائق آهي. ٻار آهي زنده موتين جو هار؛ ٻار انساني ڦول آهن جي دنيا جي باغيچي ۾ ٽڙي ان کي سرهاڻ ۽ سڳند عطا ڪن ٿا. جيئن ننڍڙا ڳره سج جي وڌيڪ ويجهو ٿيندا آهن، تيئن ننڍڙا ٻالڪ پڻ پرماتما جي نزديڪ ٿين ٿا. ٻار ڌرتيءَ جا پيغمبر آهن جنکي ڌرتيءَ تي موڪليو ويو آهي ته دنيا ۾ وڃي سڪ، سلوڪ ۽ صلح جو پرچار

پستڪن پڙهڻ جو هميشه شوق هوندو هو. دنيا جي
اتهاس ۽ اوچ آتمائن جي جيون چرترن جي اڀياس مان
کيس اها معلومات حاصل ٿي ته آدرشي اولاد آدرشي
ماتائن جي پرهيزگاريءَ جوئي نتيجو آهي ۽ دنيا جون
اوچ هستيون جن هيڏو درجو حاصل ڪيو تنهنجو ڪارڻ
سندن ماتائون هيون ۽ سماج جي آئيندي جون واڳون
پڻ قوم جي ماتائن جي هٿن ۾ رهن ٿيون. تارا جو اهو
عقيدو هو ته مستقبل ماءُ جي ئي هٿ ۾ رهي ٿو. پهريون
مڪتب جتي ٻار علم پرائي ٿو سو آهي سندس ماءُ جي
حب واري هنج. جهڙي ماءُ آهي اهڙوئي اولاد ٿيندو؛
سچ چيو اٿن ته جهڙا ڪانگ تهڙا ٻچا. آدمي ڪٿي
به ڪٿي پنهنجي تقدير آزمائي پر سندس قسمت جو پرو
پينگهي جي پيرن ۾ سمايل ٿئي ٿو، جنهن ۾ جيجيءَ
کيس گود ۾ وهاري لاڏ مان لوڏيو هوندو. ٻالڪ جي
سياءَ ۽ سيرت تي جيترو ماءُ جو اثر ٿئي ٿو اوترو پيءُ
جو نه. اولاد ڏانهن مائٽن جون جيڪي جوابداريون ٿين
ٿيون تن کان تارا پوريءَ طرح واقف هئي. هوءَ هميشه
اوچا خيال ڪندي هئي ۽ ڪڏهن به نيچ ويچارن کي
جيءَ ۾ جاءِ نه ڏنائين؛ ٻارڻ چوندي هئي ته اوچ ۽
سلڇڻيون ماتائون ئي اخلاقي اولاد پيدا ڪري سگهن
ٿيون. ٻارن ۾ نقل ڪرڻ جي عادت ذاتي ٿئي ٿي، تنهن
ڪري ڪشور جي نيپاج ۾ تارا هر قسم جي خبرداري

اُميدون ۽ ايندڙ وقت جا ابا آهن؛ پار انسان ذات جو ابو ۽ رهبر آهي. ننڍپڻ جا واقعا ۽ يادگيريون دل جي ڦرهيءَ تان سولائيءَ سان نٽيون ميسارجن؛ بالڪپڻي جا پور هميشه آدميءَ جي دل تي پيا ترن. بالڪپڻي ۽ جوانيءَ جا واسطا ۽ غرض ساريءَ مخلوقات جا غرض ۽ واسطا آهن؛ اهي ويچار دل ۾ آئي، مٿن غور ڪري تارا جيون تي زور آلدو ۽ زوز شام جو هڪ ماستر خالگي طرح ڪشور ۽ سندس سوٽ ڪمار کي ڌرمي سکيا ڏيڻ ايندو هو.

ڪمار جيون جي پاءُ راملعل جو پٽ هو ۽ ڪشور کان پوٽا ٻه سال عمر ۾ وڏو هو. ٻنهي ڇوڪرن جي سيرت نرالي هئي. ڪمار اڃا ڄڏهن نون سالن جي ڄمار جو هو تڏهن راملعل جي استري هن فاني دنيا مان چالاڻو ڪري ويئي؛ جنهن ڪري ڪمار سمورو وقت پيءُ جي نظر هيٺ پليو هو. راملعل جون ڪيتريون صفتون ڪمار ۾ نظر آيون ٿي. راملعل تنگ خيالن جو آدمي هو؛ هو سماج جي ڪهنن اصولن ۽ جهونين ڀنگتي رسمن جو پڪو پوئلڳ هو. هو آزادي پسند ڪين ڪندو هو. ڪمار کي سخت نظر هيٺ رکڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو هو هڪ هيسيل ۽ ڊڄڻو ڇوڪرو ٿي پيو. منجهس دلي همت ۽ بردباريءَ جو نالو ئي ڪونه هو. راملعل چوندو هو ته اولاد کي آزادي ڏيڻ آهي انکي بي ادب ۽ بي پرواهه ڪرڻ. ائين برابر آهي

نه مائٽ جي مار، ٻار جي سنوار؛ پر ان جو مطلب ائين ٿيڻ نه کپي ته هر ڪو ڪم ٻار کان دٻ ڏيئي ڪرائجي. ڪيترين ڳالهين سندس مرضيءَ جي برخلاف ڪمار تي مڙهيون وينديون هيون، جنهنڪري، سندس اندروني سوجهي ڪمزور ۽ سستي ٿي پيئي؛ بلڪ ڪشور جي حالت ۾ ائين بلڪل ڪين هو. هنکي جا ننڍي هوندي کان ئي خيالن جي ڇڙواڳي ملي هئي تنهن ڪيس هڪ خود مختيار خيالن وارو جوان بڻايو، جو هر ڪو قدم دريٽا سان ڪڍندو ۽ پنهنجي من کي ضابطي هيٺ آڻي پاڻ پيرو ٿو ڪري. خود ياوريءَ ۽ ايمان جي ڪشور جي طبيعت ۾ هئا تن ڪيس گنڀير ۽ ڳوري سڀاءَ جو ڪيو. ڪمار ۾ خود ياوريءَ جو جزو موجود نه هو ۽ هن ۾ نقل ڪرڻ جي عادت گهر ڪري ويئي هئي؛ پر مختلف شڪتيون جي ايشور انسان کي عطا ڪيون آهن تنجي ترقيءَ ۽ اسرائڻ لاءِ ڪشور کي اڪيچار موقعا پيش ايندا هئا.

ڪشور جي اهڙيءَ ريت پالنا ٿيڻ لڳي، جيئن سندس دماغ ۽ دل ٻئي ترقي ڪن. دماغي واڌاري لاءِ ڪيس تعليم ڏني ويندي هئي ته دلي قوت لاءِ بهادرن جا ڪارناما ٻڌايا ويندا هئا ۽ جسماني طاقت خاطر ڪيس روزانو ڪثرت ڪرائي ويندي هئي. جڏهن ڪشور کي وڪيشن ملندي هئي، تڏهن تارا، جيون تي زور آڻي،

ڪنهن نه ڪنهن ڏورانهين ملڪ ڏانهن سفر جي خيال
سان ڪشور کي وٺي نڪرندي هئي. اهڙين منافرين
مان ڪشور انساني سياح جي طرحين طرحين نمونن جي
جاڻ حاصل ڪئي ۽ هو تجربيڪار ۽ جهان ديدو ٿي پيو.
آدميءَ جي غير عملي علم کي مسافري آزمودي جو ويس
پهرائي ٿي ۽ يادگيريءَ جي پٽيءَ تي جي اکر اُڪريل
تين ٿا تنکي پڌرو ۽ ظاهر ڪريئي ؛ سفر جي مراد آهي
حقيقت جي ذريعي خيالي قوت کي سنوارڻي باقاعدي
هلائڻ. مسافريءَ مان اهڙن تجربن پرائڻ ڪري ڪشور
ڪشاده خيال ۽ جهان دوست ٿي پيو. عمر جو جيتوڻيڪ
اجا اهڙو ننڍو وڪين هو، ته به جنهن حفاظت ۽ خبرداريءَ
سان سندس پالنا ٿي هئي، جيترا جدا جدا ملڪ گهميو
ڦريو هو ۽ پاڻيين قومن جي رواجن ۽ رسمن جي
معلومات حاصل ڪئي هئائين، تنهن سندس دلي جذبن
کي پختو ۽ دماغ کي طاقتوار وڌايو.

تارا کي سماع جو گهڻو چاه هو ۽ اهو ساڳيو شوق
ڪشور ۾ پڻ پيدا ڪيائين. گهر ۾ ڪيس ڏرمي پچن ۽
پيا گيت مذر آواز ۾ ڳائي ٻڌائيندي هئي ۽ ڪشور ڪان
پڻ چوائيندي هئي. ڪئين دفعا ڪشور اڪيلائيءَ ۾
ويهي منا سر آلاپيندو هو ۽ ڪيس تال ميل جي پڻ چڱي
جاڻ پئجي ويئي. تـــارا ڪشور ۾ راڳ لاءِ عزت پيدا
ڪئي. ڪڏهن ڪو سازينده ڙ ساز وڄائيندو اچي سندن

اعليٰ درجي وارو ڪتاب عظيم الشان آتمائن جي قيمتي خون جي پيدائش آهي ۽ پستڪ آليہ هڪ دواخانو آهي، جتي روحن جي شفا جو ڪم ٿئي ٿو. ڪيترا دفعا جڏهن ڪشور اخلاقي مضمونن واريون آکاڻيون پڙهندو هو، تڏهن تارا کي اچي ٻڌائيندو هو.

هڪڙي ڏينهن شام جو شهر جي شاهي باغيچي ۾ لکرواسين جي محفل هئي، سو جيون ڪشور کي پاڻسان گڏ اتي وٺي ويو. جيون جا دوست ڪشور کي ڏاڍو پيا پالئين ۽ ڪانئس سوال جواب پڇن. ڇوڪرو وڏندڙ ۽ سمجھو هو، سو هرڪو پيو پاڻڏانهن ڇڪيس. جيون جي هڪڙي دوست، آسمان ڏانهن اشارو ڪري، ڪشور کي چيو،

”ڪشور، چنڊ ڏسين ٿو؟“

ڪشور ڦڙتائيءَ سان وراڻي ڏني، ”ها، ڏسانٿو.“

”توکي خبر آهي چنڊ ڇا آهي؟“

”چنڊ هڪ پيليءَ چمڙيءَ واري ضعيف عورت آهي جا وچايل دنيا لاءِ آسمان مان انتظاريءَ وچان هيٺ نهاري رهي آهي.“

حاضرين واتڙا ڦاڙي هڪ ٻئي ڏانهن مشڪي نهارڻ لڳا. خود جيون کي انهيءَ جواب تي عجب لڳو ته ڪشور کي اهو ٻڌايو ڪنهن. جيون جي دوست جنهن پهريون سوال بنا ڪنهن ويچار جي ڪٽي پڇيو هو، سو هينئر جاڻي ٻجهي ڪشور کان ٻيا سوال پڇڻ لڳو.

”ڪشور، پلا ٻڌاءِ ته تارا ڇا آهن؟“

”تارا ٻئيون آهن جي رات جي وقت ٻري سرڳ جي رهاڪن کي روشني ڏيئي رهيون آهن.“

جيون جي دوست هينئر پاڻ وڌيڪ منتظر ٿي پڇيو، ”رات ڇا کي چئبو آهي؟“

”رات هڪ زال آهي جنهنجو پتي ڪائنس ڌار ٿي ويو آهي؛ ڪاري جي وچوڙي ۾ هوءَ ڪارو ويس پهري، حسين چهري کي ٻريءَ نگاهه ڪان لڪائي، ڏک جو اظهار ڪري رهي آهي. انسان تي جادو پڙهي، ڪيئن لنبو لشو ڏيئي، پاڻ پريتم جي تلاش ۾ ڦرندي رهي ٿي.“

چوڏهن ورهين جي ڇوڪر جي واتان ههڙا جواب ٻڌي، ٻڌندڙن جا ته طاق ئي لڳي ويا. جيون اتي پٽ کي پاڪر ۾ جهلي چيو، ”ڪشور، ڏينهن ڇا کي ٿو چئجي؟“

”ڏينهن هڪ خوبصورت نوجوان آهي جنهنجو حسين چهرو ساريءَ دنيا کي اونداهيءَ مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو. هو رات تي موهت ٿي هميشه هنجي پنيان متوالن جيان ڦرندو رهي ٿو ته من هوءَ ڪيس پنهنجو ڪري، پر رات پيتار جي وفائيءَ ۾ رهي ڏينهن ڏانهن اک کڻي به نٿي نهاري“

”پلا سچ ڇا آهي.“

”سچ هڪ ڏمرٻل جيڻ اُلو آهي جو هر چيز کي

پسر ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ڏرتي ۽ پ وچان هميشه ڪانٽس پري پڇندي ٿي وڃي."

"ڪشور، ٻڌاءِ ته ڪڪر ڇا آهن؟"

"ڪڪر "آسماني ڦوهارا" آهن، جن جي ذريعي بهشت جو مالهي هن دنيا جي ويران باغيچي کي پاڻي ڇهڪائي سر سبز ۽ سائو ڪري ٿو."

ڪشور جـــي چالاڪيءَ، تيز فهم ۽ ترت جوابن وينلن ۾ سندس لاءِ محبت ۽ عزت پيدا ڪئي ۽ هو جيون کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. هرڪو ائين چوندو ائيو، "هيءُ ڇوڪر وهڪ اعليٰ انسان ۽ بيدار مغزوار و ٿيندو."

## ٥

# موڪلاڻي

هن ناپائدار ۽ بي بقا سنسار ۾، جنهن ۾ سڀڪا شيءِ بي پروسي آهي، ئي ڪا به چيز اهڙي يقيني نه آهي جهڙو ڪ موت. هر ڪاد ليوي وستو فنا آهي ۽ هميشه تباهيءَ ڏانهن وڪ وڌائيندي رهندي. ۽ نيت اها گهڙي اچي ٿي رسي جڏهن هوءَ صفا ناس ٿئي ٿي. پر ان بي بقا پرتويءَ تي جا شيءِ بقا آهي سو آهي اَجل ۽ اَجل اَمر آهي، هو هر ڪنهن تي سوڀ پائيندو ۽ ڪال جي ڪرڙي ۽ ناس ڪندڙ نير کان ڪو به نه ٿو بچي ۽ هر ڪنهن کي هن جو شڪار ٿيڻو پوندو ۽ وڏا وڏا شهنشاه به هن حاڪم اڳيان ۽ هار قبولي، سر جهڪائي ويا ۽ موت اڳيان آدمي بيوس ۽ لاچار آهي. سندس مٿان زبردست ۾ زبردست طاقت به فتح حاصل ڪري نٿي سگهي ۽ هو اَجيت آهي. ساريءَ مخلوقات جي پڇاڙي آهي موت سان مقابلو. ايشور جنهن کي هر ڪو رحم دل ڪوني ٿو تنهن

ٻاجهاري ڌهڙي بي رحم چيز دنيا ۾ ڪو خلقي؟ موت سندس رحم جي ئي پيدائش آهي. پرماتما هيءَ جهان کهڙو نه سندر رچيو آهي ۽ ان ۾ ڪيتريون نه حسين ۽ دل کيڇيندڙ شيون پيدا ڪيون اٿس! پر ڌهڙين اپار موجن جي بخشش سان گڏ اَجل پڻ موڪليائين؛ سڌهي ۽ باريڪ ڏاڪڻي ۾ بدل اَجل جي تلوار هميشه آدميءَ جي مٿان لٽڪي ڦري ۽ ڪيڏي مهل به ڏاڪو ٽٽي آدميءَ جو خاتمو آڻيو ڇڏي. اَجل اچي به اوچتو ۽ بنا چتاءَ جـــي. ڪال اڳيان ڪم ڪمر ڪشي! ڪير سندس سامهون سيئو ساهي!!

اساني اميدن جي اڏي کي اُجڙ ڪندڙ اجـــل، سائي ۽ سرسبز مڪانن کي ويران ڪندڙ اجل، سهاڳڻين کي ڏهاڳڻيون ۽ ٻارن کي يتيم ۽ چنو چورو ڪندڙ اجل، اڄ پنهنجو ڦهري ڪمان ڪٽي جيون جي بنگلي ۾ چڪر ماري رهيو هو. رات جا ٻي ٿيا هئا. اندر ڪمري ۾ پلنگ تي تارا بيهوشيءَ جي حالت ۾ سمهي پئي هئي. پرسان به ڪرسيون پيون هيون؛ هڪ تي ڊاڪٽر ويٺو هو، جنهن کي مريض جي ڀرپاس لاءِ گهرايو ويو هو ۽ ٻيءَ تي تارا جو پتي جيون. مٿن کان ڳوڙها ڳاڙيندي، ملول مکڙي سان ڪشور پنهنجي ماتا جي منهن ۾ انتظاريءَ مان نهاري رهيو هو ڇڻ ته ڪجهه جا ڇمائين پيو. جيون چيو، ”تارا!“

تارا اکيون جيون جـــي اکين ۾ ملائي، آهستي جهيڻي آواز ۾ وراڻيو، ”جي!“

ڊاڪٽر نبض تپاسڻ ۾ مشغول هو جا تمام ڍري ٿي هاي. تارا جا هونٺ سنڌين سمهي پيئي هئي تنهن پاسو ورائي چيو، ”ڪشور!“ ڪشور جو مٿن ڪان بيهي الهيءَ آواز لاءِ واجهائي رهيو هو تنهن سرهي منهن سان چيو، ”اما!“

وري آواز آيو. ”ڪشور!“

ڪشور وڏي تارا جي سامهون آيو. تارا جي ليٽڻ مان نير جاري هو. ايندڙ واقعن جا اهڃاڻ اڳواٽ ئي لظر ايندا آهن. تارا کي اها جاڻ پئجي چڪي هئي ته پاڻ ڍليا ۾ باقي ڪن گهڙين جي مهمان هئي؛ جيون کي به پار سجهي آيا؛ ڊاڪٽر جو اميد لاهي وينو هو تنهن جيون کي پاسيرو ڪري چيو، ”حالت تمام خطري جوڳي آهي؛ دل ڪيڏي مهل به ٽٽي پوي. دوا ڏيڻ اسان ڊاڪٽرن جو ڪم آهي، پر شفا ته جڏهن سائين ڏئي؛ ڦڪيون به ڦيرو ڪن جڏهن اُمر ٽٽي الاهي. شايد اوهانجي گهر واريءَ جي ڪپڙيءَ مان داڻا اچي پوري ٿيڻ تي بيٺا آهن.“ تارا ٻرڪڻ لڳي ۽ هن جيون کي پاڻ ڏانهن ويجهو اچڻ لاءِ اشارو ڪيو. ڪشور جو ترم ۾ ٻاراڻو هٿ تارا جيون جي هٿ ۾ ڏنو ۽ ڪمزور آواز سان، العجا جـــي لمولي، ڇچربل لفظن ۾ چيائين،

ڏک به، خوشيون آهن تہ خفا به، آزادي آهي تہ غلامي پڻ، سهائيون آهن تہ الداهيون پڻ، ميلاپ آهي تہ وڇوڙو به؛ زندگي ڏکن ۽ سکن جي پيدائش آهي ۽ سکہ دکن کري ئي اهڙا لذيذ لڳن ٿا. ڪشور، ڏکن کان نہ ڊڄ؛ اوچ انسان لاءِ دنيا ۾ ڏک ئي هڪ قسم جي ڪسوٽي آهن. ڏکن جو ڏڳ ئي آهي جو آدميءَ کي انهيءَ ديس جو سير ڪرائي ٿو جتي تڪليفن ۽ ڪشٽن جو نالو به ڪونهي. ڪو به مسافر نہ ڏسندين جو ان سگوري مڪان تي پهتو هجي ۽ واٽ تي ڪنڊن ۽ ڪرڙن ۾ سندس پير ڦٽجي ڦاڪون نہ ٿيا هجن."

"چاچا، مان تارا کي وري نہ ڏسندس؟"

"ڪشور، اها زماني جي ريت آهي؛ هر ڪنهن کي هيءَ دنيا ڇڏي هلڻو آهي. جئين ڪچي گهڙي ۾ پاڻي گهڻي وقت تائين نہ ٽڪي رهي، تئين انسان جي جسم ۾، جو ڪچي ٿانءُ مثل آهي، سواس روپي پاڻي هميشه نہ رهندو.

"ڪشور، هڪڙي راجا جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ عمدو محلات ٺهرايائين؛ هن ان تي ڪئين لک خرچ ڪيا. ٻاهريون پٿريون قيمتي پٿر جون جڙيل هيون؛ محلات جي ڪمرن کي شيشي جي ڇت هئي ۽ فرش تي پنڌ ڪندڙ آدمي ڄڻ تہ ڇت تي هلي رهيا هئا؛ دروازن تي سونا پڙچ چڙهيل هئا تہ دريون وري چانديءَ

تارا جي پرلوڪ پڌارجڻ کانپوء جيون ائين محسوس ڪرڻ لڳو ڄڻ سندس زندگيءَ جي بهار ختم ٿي چڪي هئي. زال جو موت مڙس واسطي اهڙو آهي جهڙو ڪنهن قديم ٻڙ جي وڻ کي وچ مان ڪپڻ، جنهن گهڻي عرصي کان ڪنهن ڪٽنب کي ڇانوءَ اجهو پيو ڏنو هجي؛ انڪانپوء جڏهن دنيا جود هو، فڪرءِ تبديليون قلانوتي جي دل لي اچي ٿا ڪڙڪن، تڏهن وٽس ڪي به ڪينهي جنهن جي مدد سان هو انهن جوزور پيءِ پاڻ کي بدنصيبيءَ کان بچائي يا جنهنجي سايي هيٺ پناهه وٺي. استري جا پرش جي زندگيءَ جي ساٿڻ آهي، سندس اڌ سرير ڪري ٿي ليکجي، تنهنجي وڇوڙي کان پوء مرد ان آدميءَ جيان نظر اچي ٿو جنهن جي ساڄي ٻانهن سڪل هجي، هو ان گاڏيءَ وانگيان آهي جنهنجو هڪ ڦيٿو نڪمو ٿي پيو هجي، هو اُن پکيءَ جيان ٿو پاسي جنهنجو هڪ پر ڪپجي ويو هجي، ۽ جڏهن به عرش ڏانهن اڏامڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، تڏهن هڪدم اچيو هيٺ زمين تي ڦهڪو ڪري؛ سندس نيڻ ڪمزور ۽ ڇنڇها پيا لڳن ۽ جڏهن موت جو ملائڪ ڪيس ڪوٺڻ اچي ٿو، تڏهن هو هنجي موجودگيءَ لاء مانڊ و ٿو رهي.

تارا سشيل استري هئي ۽ هن پنهنجي سليقي سياءَ، صاف دليءَ، حليمائيءَ ۽ پريم پرئي ورتاءَ سان جيون تي سوڀ پاتي هئي. جيون جي ساڻس محبت هئي ۽ ٻنهي

ساز سلوڪ سان حياتي ڪٽي ھئي. نيڪ عورت آدميءَ کي قدرت جي عمدي ۾ عمدي ۽ نايئد امداد آھي، عصمت جي جوھارن سان جھنجھيل ھار آھي، نيڪ بها موتين جي دڪ دبلي آھي. سندس آواز شيرين سماع آھي، ھن جي مرڪ سندس پيار لاءِ روشن ڏينهن آھي، ھن جون پانڌون سلامتيءَ جي ڪنڊ، ھنجي محنت ۽ اور چائي خزانو، ھنجي ڪفايت ۽ سنڀر خانسامان ۽ ھن جي چالي سندس تڪليفن لاءِ نرم وهاڻو آھي. ذرليءَ تي ڪابه اھڙي چيز نه آھي جنهنجي وفادار استريءَ جي پيار سان ڀيٽ ڪري سگھجي؛ ڪوبه مخلوق پنهنجي پرينءَ واسطي اھڙو اَمڙ ۽ اَجيت، انڪ لڪ، اورچ ۽ هميشه سر صدقي ڪرڻ واسطي تيار نه آھي جھڙي عورت؛ ۽ ھھڙو ساٿي هميشه لاءِ وڃائي وهڻ بلڪل ڪنن آھي!

## ٦.

# ماٽيجي ماءُ

وقت ٿي آهي جو ڪيترين ڳالهين کي دل جي پٽيءَ تان ميساريو ڇڏي؛ منجهس اها طاقت موجود رهي ٿي جنهن جي ذريعي هو ماضيءَ کي يادگيريءَ جي تڪ مان تڙي ڪيس غفلت جي ڌنڌ ۾ گم ڪيو ڇڏي. سچ چيو اٿن ته جيڪي چلهه تي سي دل تي. اها اصل کان زماني جي چال ٿي ويٺي آهي ته جيڪي اکين کان ڏور سي دل کان دور. ٿورا ڪي گذر ڪيئي اڃا ٻارنهن مهينا ئي مس ٿيا هوا ته جيون کيس صفا وساري ويٺو هو. پاڻ هينئر جيتوڻيڪ پنجيتاليهن سالن جو ٿي چڪو هو، ته به شاديءَ لاءِ ڪيترين ئي آڇون پيئي آيس. ڀلا جيون هو شاهوڪار زميندار- ۽ پنهنجي واري آدميءَ کي ڪا آڇن جي ڪمي! اوڙي پاڙي ۾ هر ڪنهن ٻڍيءَ زال جي وات ۾ اها ئي ڳالهه هوندي هئي ته ”اهي ڇوڪريءَ جا ته ڀاڳ کلندا جنهن کي جيون جهڙو ڀاڳوان پتي ملندو؛ چڙهه ته تخت تي وڃي ويهندي؛ نوڪر چاڪر ۽ داسيون هيئون اڳيان

بيپرواهيءَ جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ سماج ان تي فخر ۽ غرور ۽ ناز ٿي ڪري! اهڙيءَ سماج کي ڪريل ئي ڪوٺي سگهبو.

نيٺ ووا، جون گرما گرم تياريون ٿيون ۽ جيون جي شادي سک سان ٿي گذري. ڪشور کي هيئنر لڳين پاپيءَ سان پاڙ کي هيرُٽو هو. ڪانتي جيون جي لڳين زال ۽ ڪشور جي ماٺيجي ماءُ هئي. قدرت ۾ جيڪي ٻه ظالم ذرا آهن تن مان بدترين آهي ماٺيجي ماءُ. ”ماءُ“ لفظ ۾ ڪيڏو نه ميناج ۽ مدرتا سمايل آهي! استريءَ کي هرڪو چاهي ٿو، پر ماٺيجي ماءُ کي دنيا نفرت جي نگاه سان ڏسي ٿي؛ استريون نازڪ طبيعت ۽ نرم دل ڪونبيون آهن، پر ماٺيجي ماءُ پٿر دل ڪيئن ٿي؟ پنجئي آڱريون برابر ڪين آهن، مگر جتي مرد زال تي پورو ضابطو نٿو رکي سگهي، اتي ماٺيجي ماءُ جي اڻ سهندڙ طاقت خوفناڪ روپ اختيار ڪري ٿي.

لاٻارن جي ڏينهن ۾ ۽ اُن جي نيڪال وقت جيون ڪڏهن ته هفتو هفتو ساندهه وڃي ٻنين تي رهندو هو. سندس غيرحاضريءَ ۾ ڪشور جي حالت قياس جوڳي هئي؛ سارو ڏينهن پيو ڳرندو ۽ جهرندو هو. ڪانتي جنيون ٻه جنين جهڙيون ڪندي هيس. جيون ڏيندو هو پٺ، ته هن جي پرٻي هئي مٺ. اتفاق سان ڪا پل ڪندو هو يا ڪا ڳالهه خيال تان لهي ويندي هئس ته اچي مٿبي هئي. سڄو سڄو ڏينهن اندر

ٻار کي ٿڃ ۾ زهر ملائي ڏيندي ته ٻيا ڪهڙي مدد ڪري سگهندا؟ مائٽن کان وڌيڪ ٻارن لاءِ ٻيو ڪهڙو نگهبان ٿي سگهي ٿو؟ جي مالڪ پنهنجيءَ شيءِ جي پرداخت پاڻ نه ڪندو ته دنيا کي ڪهڙي غرض پيئي آهي؟ ٻين جو ڪهڙو مثو لڳتو آهي جو وتن پراون معاملن ۾ منهن وجهندا؟ ڪڏهن ڪڏهن ڪشور خيال ڪندو هو ته جيون کي وچي دانهن ڏيان، پر وري ويچار ايندو هوس ته جنهن کي ساهه ڪنهين سڌ نه پوي، تنهن سان سور ڪهڙو سلجي.

ڪشور دل مان هٽي نيٺ پاڻسان اهو فيصلو ڪيو ته گهر ڇڏڻ بنا ٻيو ڪو به چارو ڪونهي. ڪانتيءَ سان گذريل ڪرٽو هو مکڻ جي سيخ ٻچائي؛ منجهائنس پيار ۽ همدرديءَ جي اميد رکڻ هٺي ٻيرن کان ٻير ۽ اڪن کان آما گهرڻ. سخت اداسائيءَ ۽ منجهائيندڙ حالتن هيٺ انسان جي ضعيفائي هڪ زبردست طاقت ٿيو پوي؛ سندس هيٺائي ۽ ٻه ڄٽو سياءُ بهادر ۽ همٿ پريو. هنجو اراد و محڪم ۽ دل پٿر کان به سخت ٿئي ٿي. دک ئي آهي جو آدميءَ جي اندر جنون ڳڙکيون کولي ٿو ۽ منجهس اها جوت جهلڪائي ٿو جو هو پاڻ کي صفا ٻيو پيو سمجهي. جسماني ڪشٽن مان ئي آزمودو ملي ٿو ۽ زماني جي اونهين حقيقتن جي معلومات حاصل ڪجي ٿي جا آدميءَ ۾ نئين سر اميد جو سلو پيدا ڪري ٿي.

٧

# سنياسين جي ٽوليءَ سان ملاقات

روپ سڪي ڪرم ڪائي، ڪرم جهڙو ڪوئي ناهي. گذريل زندگيءَ جا ڪارناما انسان جي حياتيءَ تي بلڪل گهاٽو اثر پيدا ڪن ٿا. جيڪي آدمي ماضيءَ ۾ پوکيو، سو حال ۾ لڻي ٿو. جيئن حال جو مدار ماضيءَ تي آهي، تيئن مستقبل جو مدار وري حال تي آهي. انسان اتفاق جو غلام آهي ۽ قضا جو ٻڌو ٻانهو آهي؛ آدمي پنهنجي قسمت جو معمار پاڻ نه آهي ۽ هن کي پنهنجي روح جو ناکنٿو يا سونهون سڏي سگهجي ٿو پر نه نصيب جو مالڪ؛ اها ڏوري قادر پنهنجي قبضي ۾ رکي آهي. فطرت وٽان موڪليل اتفاقي ماجرائون آدميءَ جي اڳواٽ رٿيل رٿن ۾ اهڙا چٽائو تبديليون آڻي ڇڏين ٿيون. حياتي ڪمزور ۽ نبل مخلوق جي، محض لاچاريءَ، بيوسيءَ ۽ بيڪاريءَ جي قسمت جي ڏاڍائيءَ، منهن ٽوڙ طاقت ۽ قدرت مطلق جي اڳيان هڪ

ڪي ڪنهن به حرج يا هاڃي پهچائڻ کانسواءِ، گهڻو ئي وڃي سگهي ٿو. راڳ زخميل دل لاءِ مرحم، دلشڪسته آدميءَ لاءِ بنفشو ۽ ڪمزور قلب خاطر ياقوتي آهي.

ساوڻ جو مهينو هو، اونهاري جي موسم هٽيءَ ڏرتيءَ جو وقت هو. سخت گرميءَ ڪري بدن تان پسينو سڪيئي نه پيو. اونهاري جي تتي ڏينهن جڏهن سج جي تابش ڪري پکي به پنهنجن آکيرن ۾ وڃي آرامي ٿيندا آهن ۽ ميهون ڏينهن جي گرمايش ڪري پاڻيءَ ۾ پيهون ترڳنديون آهن، جڏهن اوسي وارا آدمي بدن کي آلو ڪپڙو ويڙهي وينا هوندا آهن، جڏهن دولتمند گهرن ۾ پنکي جي ٿڌيءَ هوا هيٺ سمهيل هوندا آهن ۽ مزور ڇڻيءَ وقت ڪم تان لهي، لسيءَ سان ڀوڙي ٽڪر کائي، وڻن جي ڇانو ۾ ٿڪ پيچي آسايش وٺندا آهن، مطلب ته ڇا انسان، ڇا حيوان، هرهڪ مخلوقات جو جز وجڏهن آرام جو تلاشي رهي ٿو، ان وقت جوهيءَ ۽ دادوءَ جي وچ ۾ شاهي رستي تي، ساڳ جي وڻ هيٺان هڪ نوجوان ٿاڪ زمين تي ليٽيو پيو هو. سندس اکين مان پاڻي وهي رهيو هو؛ شايد گذريل زماني جا واقعا ياد اچي رهيا هئس؛ هو هو ٿلوءَ ۽ راميءَ جو لاڏلو، تارا ۽ جمون جو ڪشور!

ڪنهن وقت جو پلنگ تي مخمل جو وهاڻو مٿن کان رکي سمهندو هو سو اڄ ٿاڪ زمين تي سخت پٿرن

تي ليٽيو پيو هو. آدميءَ کي ڪهڙي خبر ته قسمت جي ڪلڪ سندس تقدير ۾ ڇا لکيو آهي ۽ آدميءَ جو مستقبل هميشه کانئس ڳجهو رهيٿو ۽ جيسين مستقبل ڦري حال نه ٿيو آهي ۽ سڀاڻي ڦري اڄ نه ٿيو آهي، تيسين اهو راز کانئس لڪل رهي ٿو، غيب جي پردي اندر ڍڪيل ٿئي ٿـو. ايشور آدميءَ کي ڪڏهن به ايندي ڪال آگاهه نه ٿو ڪري، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن انسان کي اها ڄاڻ پئجي وڃي ته سندس مستقبل روشن ۽ سهانو آهي ته هو بيپرواهيءَ جي حياتي گذاريندو ۽ مگر جي معلوم ٿيس ته سندس مستقبل مصيبتن سان ڇانيل آهي، ته هو دلشڪستو ٿي پوندو، زندگيءَ مان مزو نه ايندس ۽ اندري نموني ۾ جهوت جا ڏينهن بسر ڪندو رهندو.

ڪشور آلين اکين سان ستار کڻي لنڊي هوندي تارا کي جيڪي گيت ڳائيندا ٻڌا هئائين تن مان هڪ پڇن ڳائڻ شروع ڪيو ته ايتري ۾ سنياسين جي هڪ ٽولي اچي اتان لانگهائو ٿي. سنياسي سريلو آواز ٻڌي بيهي رهيا. ڪشور الي سنياسين کي نمسڪار ڪيو. ٽوليءَ جي مهندار کيس آشيرواد ڏيئي چيو، ”ڇوڪر، تون ڪير آهين؟“

”سائين، مان ڪشور آهيان.“

”هت اڪيلو ڪيئن پيو نظر اچين؟“

”تڏهن ڪاڏي ويان؟“

”چو، توکي ماءُ پيءُ ڪونهن؟“

”پيءُ ماءُ جي سار سنڀال لهن ته هيئن يتيمن جيان ڇو پيو ڀٽڪان!“

”توکي تڏهن گهر مان نيڪالي ڏني ويئي آهي؟“

”مان ڀاڳمراد و پنهنجي لڪتو آهيان.“

اتي ڪشور جي دل ڀرجي آئي ۽ هنجون هارڻ لڳو؛ هنجي تار دل اُچلون مارڻ لڳي؛ اندر جي خود بخود اچل ڪي ڪير روڪي سگهي؟ سنياسين جو سردار سمجهي ويو ته هن نينگر جي دل کي متڙيئي ڪو صدمو پهتل آهي؛ سو سيني کي وهڻ لاءِ اشارو ڪري، ڀاڻ ڪشور کي دلداري ڏيئي، ڪالبُس گذريل حياتيءَ جو حال پڇيائين. ڪشور، ڪجهه به مخفي رکڻ بنا، مختصر طرح سارڀيءَ حقيقت کان سنياسين کي واقف ڪيو، مگر سندس اکين مان ڳوڙها بندئي نه ٿين. جيئن نه ڪنهن واهه کي ڪنڊ اچي پوندو آهي ۽ پاڻي ٻوڙ ٻوڙان لائي ڏيندو آهي، ليئن ڪشور جي ٻن نيڻن مان پاڻي زار زار وهي هيٺ زمين کي آلو ڪري ڇڏيو هو. ٽوليءَ جو سردار، ڪشور جي هني ٿپري، چوڻ لڳو، ”ٻچا، دل اُداس نه ڪر؛ دکن جي ڏولهين مان ئي سکن جو سوجهرو لڪرندو آهي؛ اولداهين پنيان ئي سهايون ايندڙيون آهن؛ سرمو جنهنجي پاڻ سان اکين جو نور

ڪن، بلڪ ان اجهندي ۽ اولڻ مان انهن کيس تازو ۽ طاقتوار ڪري ڪيو ن، جيئن رات جي اونداهي ڏينهن کي روشن ڪري تازگي بخشي ٿي؛ نه نه کيس ڪنائي ڪنگال ڪن، پر سائو ۽ آباد، جيئن هر زمين کي ڪيڙي، سندس سيني کي چوليءَ سان چيري، انکي سرسبز ڪري ٿو. ڪشور، جنهن زمين کي انساني ڳوڙهن جو پاڻي مليل آهي ان ۾ ٿي سچ جا سلا سنا ۽ پلا اسري سگهندا."

ڪشور ماٺ ۾ بدلدو رهيو ۽ سندس چهري مان معلوم ٿي سگهيو ٿي نه دل جو بار گهٽي قدر گهٽيو اٿس. سنياسيءَ وري چيس؛ "ڪشور، اسان سان گڏجي هلندين؟"

ڪشور منتظر نيڻن سان پڇيو، "ڪيڏانهن؟"

"اسانجي ڪٽيا ۾. هتان پنجن ڇهن ميلن جي مفاصلي تي دادوءَ ۾ اسانجو مڪان آهي."

ڪشور اڄ قبولي ۽ درويشن جي ٽوليءَ سان اٿي هليو. ٽيئن پرڻ ڪان ٽورو اڳ اچي منزل تي پهتا. دادوءَ جي ٻاهران، ماڻهن جي هل هنبس کان پري اها ڪٽيا ٺهيل هئي. پرسان ڪوهه پڻ هو جنهنجي پاڻيءَ مان ڪٽيا جي آس پاس هڪ ننڍڙو پر سندر باغيچو رکيل هو. روزاني طرز عمل موافق هرڪنهن کي پنهنجو پنهنجو ڪم سونپيل هو. ڪٽيا جا سيئي رهاڪو پرهه ڦٽيءَ جو اٿندا هئا. ڪشور صبح جو باغ ۾ وڃي دل ولدرائيندو

هو. شام جو هرروزِ ڪٿا ڪيرتن ٿيندو هو جتي ڪشور
پڻ ڌرمي گيت ڳائيندو هو. دادوءَ جا ڪيترا ماڻهو
اُتي ايندا هئا ۽ مطلب تہ ميلو لڳي ويندو هو. سنياسين
جي مهندار جو ڪشور تي ڏاڍو راز ٿي ويو. ههڙي
نموني ۾ ڪشور پورا چار سال هن ڪٽيا ۾ گذاريا.

۸.

## مانڊهند ۾ وارد ٿيڻ

سنجها جــي مهل هئي؛ سج به لهي چڪو هو؛ شفق جي لالاڻ هر چيز کي لال لباس ڪٽي پهرايو هو. چوپايو مال جهر جهنگ چري وٿاڻ ڏانهن وري رهيو هو؛ سج جي ماءِ به گهر جي ٻاهران ڪِر ڪئور و جهلي بيٺي هئي ته پٽس، جو ساري ڏينهن جي سواريءَ ڪري ٿڪل ۽ بڪابل هوندو، دروازي وٽ پهچي ته پيارس. فطرت جي شفق انسان کي سندس زندگيءَ جي سانجهيءَ جي يادگيري ٿــي ڏياري. اُن منهن اونداهيءَ مهل مانجهند شهر ۾ هڪ شاهي محلات جي ٻاهران گهوڙي گاڏي اچي بيٺي. منجهانئس ٻه ڄڻا هيٺ لهندا نظر آيا: هڪڙو ڪشور هو ۽ ٻيو سنياسين جو سردار. گاڏيءَ واري کي ڀاڙو ڏيئي روانو ڪري، دروازو کڙڪايون. انــدران نــوڪر نڪري آيــو.

سنياسيءَ چيو، ”ابـا، سيٺ پرمچند جــي جاءِ هيءَ آهي؟“

”هائو، سائين،“ نوڪر ادب وچان جواب ڏنو.
„سيٺ صاحب ڪينو آهي؟ سنياسيءَ پڇيو.
”نه، سائين، ٻاهر اڪري ويا آهن، جاڻ آيا. توهين ڀيسين پاڻ اندر اچو.“ نوڪر ٻنهي کي مهمانن واريءَ اوطاق ۾ وٺي ويو.

مالچهند شهر ۾ پريمچند جي جڳهه مشهور هئي. اُن عاليشان عمارت جي نزاڪت ۽ رونقدار ٻيهڪ ملاقاتين کي ڏاڍو وڻنديون هيون. جاء ٻه ڪشادي هئي، وچ ۾ چار وڏا هال هئا ۽ ٻنهي پاسن کان سورهن ويڪرا ڪمرا نهيل هئا، اڌ هڪ پاسي ۽ اڌ ٻئي پاسي. مهمانن لاء مڪان لڳو لڳ جدا نهيل هو. فرش لاءِ ڪاشيءَ جون سرون ڪم آندل هيون، ٻاهريون پٿيون سنگمرمر جي اوچي پٿر جون نهيل هيون، دروازن تي ۽ ٿنڀن تي جي اندر ڇت کي جهلي بيٺا هئا، واهه جو چٽساليءَ جو ڪم ٿيل هو! اندر ڪمرن ۾ پٿن تي عجيب نمونن جي نظارن جا نقش چٽيل هئا. مگر جاء جي خاص خوبي ان باغيچي ۾ هئي جو سندس چوڌاري اپريل هو. باغيچي جي چوگرد وچڻ ۾ آدميءَ کي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ لڳي ٿي ويو گلن جا ٻوٽا ۽ ڪولڊيون، ميون جا وڻ ۽ ڊاک جا منهه منجهس جهجها هئا مالهمن مٿان هڪ خاص مالهي رکيل هو جنهنکي ٿيهه رپيا در مهني پگهار ملندو هو، ان مالهيءَ جي رهڻ لاء ٻه

ڪمرا پڻ اتيٽي لهيل هئا. باغ جي چئني طرفن کان ٻاٽيءَ جا فرحتي ڦوهارا لڳل هئا.

رات جا نو ٿيا، سيٺ پريمچند ۽ ٻاهران گهمي موٽيو. نوڪر ٻاهر دروازي تي ڳالهه ڪندي چيس، "سائين، هڪ سنياسي اڄ ئي ڏاري آيا آهن؛ توهانجو پڇيائون؛ مون اندر ڪري وهاريو ٿي مان." پريمچند سڌو وان طرف رخ رکيو؛ هو سنياسيءَ کي ڏسي گد گد ٿيو ۽ ڏاڍي ادب ۽ اڪير مان کيس گڏيو. سيٺ سنياسيءَ جو گهرو واقف هو ۽ گهڻيءَ مدت بعد پاڻ ۾ ميلو ٿيو هون.

پريمچند چيو، "غريب نواز، وسريلن کي ياد ڪيو اٿو؛ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ مون مسڪين تي مهر جي نظر ڪئي اٿو: اسان جا وڏا ڀاڳ، ڇئبا جو هن گهر ۾ توهان پنهنجا پوتر چرن گهمايا آهن. ڀلي آيا! جيءُ آيا!!"

سنياسيءَ فرمايو، "منهنجي طبيعت ذرا خراب ٿي پيئي آهي. صلاح مليم ته هتي مانجهند ۾ پرشوتمداس نالي هڪ مشهور حڪيم آهي، سو چيم ته کيس آزمايان."

"پنهنجو گهر اٿو؛ آيا ته ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. مون پاڻ ٻڌو آهي ته پرشوتمداس حڪيم جي هٿ ۾ ڏاڍي شفا آهي... ڀلا سائين، ڪجهه کاڌو پيتو اٿو؟"

"پياس لڳي هئي سو ٻاٽيءَ جو چڪو پيتو سين."

ڪشور ڏانهن اشارو ڪري پريمچند چيو، "سائين، هيءَ ٻاٽسان ڪير آندو اٿو؟"

”هن ڄوان جو نالو ڪشور آهي ۽ اسالوت رهڻي ڪيس پريا چار سال ٿيا آهن. هنجي حيائيءَ جي ڪهاڻي به تمام دردناڪ آهي.“

سيٺ هٿ جوڙي چيو، ”سائين، مان پلا موڪلايان ٿو. اندر وڃي ڏسان ته رسوئيءَ جو ڪهڙو بندوبست ٿيل آهي.“

پريمچند جي وڃڻ کان پوءِ ڪشور سنياسيءَ کي چيو، ”سيٺ ڪهڙو نه مهمان نواز آهي!“

سنياسيءَ وراڻيو، ”ڪشور، انهيءَ آدميءَ جي زندگي اجائي ۽ بي مزي جاڻ، جو پنهنجي سڪ مان بين کي سڪ نه ٿو ڏئي. جو پئسي جي بل سان پاڙيسريءَ کي فائدو نه ٿو رسائي سگهي يا آئي وئي کي آدرياءُ نه ٿو ڏئي، تنهنجو پئسو به سمجهو ته اجايو ويو. جيڪو قرض ڪٺي دان پنج ٿو ڪري ان کي لعنت آهي، پر جو هوند مان نه ٿو ڪري تنهن کي به ڦٽڪار هجي. ڪشور، اُن جو زنده رهڻ سجايو آهـــي جو پنهنجي طاقت، جسماني توڙي روحاني، بين جي ڀلائي ۽ چڱائيءَ ۾ خرچ ڪري ٿو. هرڪو نيڪناميءَ جو ڪم خيرات ڪري سمجهه ۽ پاڙيسريءَ جي منهن ۾ لهاري مشڪڻ به سخاوت آهي ۽ ڀلل آدميءَ کي رستو ڏيکارڻ يا انڌي کي دڳ لائڻ به خيرات جو ڪم آهي؛ رستي تان پٿر ۽ ڪنڊا پري ڪرڻ به پنج ڪٺو آهي. بکئي کي پورت ڏيڻ، اڃايل جي پياس مٽائڻ ۽ اگهاڙي کي ڍڪڻ به نيڪ

جهوپڙين ۾ لنگهي ويندو هو ۽ ساڻن دلي همدرديءَ جو اظهار ڪندو هو، مٺا وچن ٻولي هنن جي دل کي آٿت ۽ تسلي ڏيندو هو. پريمچند جو لن من ۽ ڌن گهورجائو ڳوٺاڻن جي ملڪ هئي.

پريمچند کي سندريءَ نالي هڪ نوجوان ڌيءَ هئي جنهن کي دل وجان سان چاهيندو هو. دنيا ۾ ڪا به شيءِ اهڙي الم ۽ پوتر نه آهي جهڙو پيءُ جو ڌيءُ لاءِ پيار، پيءُ ڌيءُ ڏانهن نشڪام ليٽڻ سان نهاري ٿو. پرش جي استريءَ لاءِ جا محبت ٿئي ٿي اُن ۾ چاهنا ۽ جسماني خواهش موجود آهي، پيءُ جي پٽ ۾ لالچ آهي ۽ سندس پريم غرضي ٿئي ٿو، مگر ڌيءُ جي حالت ۾ ائين بلڪل ڪينهي.

## ٩.

# پهرين گڏجاڻي

صبح جو ويلو ڌرتيءَ ڪهڙو نه سندر ناهيو آهي! جڏهن صبح، چانديءَ جي سفيد رٿ تي سوار ٿي، رات کي نيڪالي ڏيئي، ٻاڻ پرٿويءَ تي پنهنجي بادشاهت کڙي ڪري ٿو، جڏهن ڪڪڙ، صبح جو ترهي باز، دس هٽي ڏينهن کي سستيءَ جي ننڊ مان سجاڳ ڪري ٿو؛ جڏهين سج جي ڊپ کان اونداهي مايوس منهن سان پر ڪري اُڏامي وڃي ٿي ۽ تارا ائين وڃي لڪن ٿا جيئن ڪتا ٻليءَ جي اچڻ جي ڊپ کان، جڏهن پره باکون ٿي ڪڍي ۽ سج جا سونهري ترورا پنهنجو پاڇو پرٿويءَ تي وجهڻ جي تياريءَ ۾ آهن، جڏهن تڏيون هيرون لڳي مکڙين جا منهن کولين ٿيون ته جيئن هو سج جي روشني جهٽي تازيون ٿين، جڏهن قول باغن کي سرهاڻ ۽ سڳند سان پُر ڪري ڇڏين ٿا، جڏهن ملڪ گلن جي پنکڙين ۽ وڻن جي پنن کي وهنجاري صاف ۽

سوچ ويچار جي قدم کڻڻ لاءِ هر بل هٿيءَ کنهن به ڳالهه بابت محڪم ارادو نه ڪري سگهندي هئي.

سندريءَ ڪشور ڏانهن نهاريو؛ ڪشور اکيون هن جي اکين ۾ کپايون.

سندريءَ چيو، ”هتي باغيچي ۾ ستار تي توهين ڳائي رهيا هئا؟“

”ها.“

”توهين ڪير آهيو؟“ سندريءَ منهن مرڪندڙ ڪري پڇيو.

”سيٺ صاحب وٽ رات جيڪو سنياسي آيو آهي مان تنهن سان گڏ آيو آهيان.“

”توهانجو نالو ڇا آهي؟“

”مان ڪشور آهيان؛ پر ليڪن، تنهنجو نالو ڇا آهي؟“

”مان پريمچند جي ڌيءَ سندري آهيان.“

ڪشور ماٺ ۾ بيٺو رهيو؛ سندريءَ قدر شناسيءَ جي نوع ۾ چيو، ”توهانجي سماع ۾ واهه جو لطف هو! مون پنهنجي سانير ۾ ڪيترن ئي گوئڻ جو راڳ ٻڌو آهي، پر ههڙو شيرين ۽ سوز پريو راڳ ڪڏهن به ڪنن سان نه ٻڌو اٿم. اڄوڪو راڳ راڳ، نه هو، پر ڪنهن دل جي دانهن هئي؛ جنهن نه روح تي رڙيون ڪيون. انهيءَ قلب جي ڪوڪ نه منهنجي لنبن ٿي ڦٽائي ڇڏي. پرڀات جون دلپذير هوائون جڏهن مولڪي لنبن جي گود ۾ گهليءَ، سپني روپي سنسار جا پسار ڪرائي رهيون

هيون، لڏهين سنار جو آواز ڪنن تي پيو ۽ سو به پنهنجي باغيچي مان. عجب ڪاڏم ته اهو ڪهڙو آدمي آهي جو ههڙي سريلي گلي سان ڳائي رهيو آهي. ڪيڏو نه منجهس جادو هو! ڪشش هئي!! تاثير هو!!!“

سندري ڪيڪاري هلي ويئي؛ وات تي ويچارڻ لڳي، ”سنياسي ته ڪونه ٿي لڳو. ڳالهائڻ جي ڍنگ ۽ هلت چلت جي نموني مان ته ڪنهن وڏ گهراڻي نسل جو اولاد نظر ٿي آيو.“

جيسين سندري سندس نظر کان غائب نه ٿي هئي، تيسين ڪشور منجهانئس اکيون نه ڪڍيون. ڪشور ماٺ ۾ رهيو؛ سندري ويئي، مگر کيس بي زبان ۽ گونگو ڪري ويئي؛ هن مان ڳالهائڻ جي طاقت ڇڏائجي ويئي دل جو دل ۾ سوچڻ لڳو، ”سندس نالو سندري هو، هوءَ برابر سندر هئي، منهن ۾ مٺيا ڀي بکيس. ڳالهايائين ڪونه ٿي، پر چڻ ته وات مان موتي ٿي ڪيرايائين. سياهءَ جي ڪهڙي نه سباجهڙي تي ڏني! ويڪري پيشاني ۽ ڪلمڪه منهن ۾ جي ڪڏون ٿي پيس تن ته ماڳهين مڪڙي کي ڪٽي ٿي ڏنس. اکيون غضبناڪ هيس. سندس متوالن نيڻن ۾ بيپرواهي هئي، خمار سان پُر چشمن ۾ ڪشش هئي، نرگسي نيڻن ۾ جبرو جادو سمايل هو. بن اکين جا تارا چڻ ته پنبڻين جي ڪمان جا به تير هئا.“

اڇيئون، ٽڙهن چئون تا ته "بهار آيو، خوشيون منايو،
بهار آيو." جيئن بهار جي اچڻ جي ڀڪ رهي ٿي،
ليڪن برهه جي بسنت رت پڻ هر ڪنهن جي
حياتيءَ ۾ اچڻي آهي؛ مگر ڪنهن لاءِ اڳي، ته ڪنهن
لاءِ پوءِ. اڄ ڪشور جو وارو هو. پريم خريد ڪرڻ جي
چيز ڪانهي؛ اُن جي پائمراد و آڇ ٿيندي آهي. سنيهه
جو باريڪ ۽ سنهو ڌاڳو آدميءَ کي اهڙو سوگهو ۽ پختو
جهلي ٿو جو مضبوط ۾ مضبوط تار ۽ ٿلهي رسي به نه
جهلي سگهن. ڪشور جي دل ۾ درد هو، پر اجو ڪي
درد ۾ هو مٺاج محسوس ڪرڻ لڳو. ڪشور محبت
جي مهراڻ ۾ غوطا کائي رهيو هو!

ڪشور پنهنجن ئي ويچارن ۾ غلطان هو ته هڪ حسين
نازنين، ڪرائيءَ ۾ گلن جو خوبصورت هار، ساڄي هٿ
جي مٺ قولن سان پريل، سندس پرسان اچي بيٺي؛
هار ڪشور جي ڳلي ۾ وجهي، گل اڳيان ڌري، هٿ
جوڙيائين. ڪشور جون ته مٿيون ئي منجهي ويون.
حياتيءَ ۾ پهريون ئي دفعو هوس جو زال ذات سان
هيڙو ورتاءُ ڪيو. هڪڙيءَ جي يادگيري اڃا دل تي
تازي هئس، ته ٻي اچي حاضريءَ ۾ بيٺي. منجهي پيو
ته سرڳ پريءَ ۾ ته ڪونه اچي پهتو آهيان. دل جهلي
چيائين، "نينگري، تون ڪير آهين؟"

"منهنجو نالو سڄني آهي؛ مان هن باغ جي وڏي
مالهيءَ جي ڀائٽي آهيان. اسين سيٺ پريمچند جي باغ

جي پرورش ڪندا آهيون. مونکي هتي اڪثر ”مالهڻ“ ڪوئيندا آهن.

”مالهڻ!“

”ها؛ دنيا جي چمن ۾ هرڪو انسان مالهي آهي. هيءَ جهان هڪ ڪيت آهي جنهنکي پلائيءَ جو پاڻ ڏيئي، پريم روپي پاڻي پهچائي، قربانيءَ جو ٻج ڇٽي، وڇوڙي ۽ حسد جي ڪوسيءَ هوا کان بچائي، منجهس سڪ جا سلا پيدا ڪرڻا آهن. مان مالهڻ آهيان، گلن جي سنڀاليندڙ آهيان. گل نه هجن ته جهان جيڪر هڪ بيابان ٿي پوي؛ ڦولن بنا دنيا آهي مشڪ بنان مڪڙو، آجيان بنا مجلس؛ ڦول پرٿويءَ جا تارا آهن.“

گلن ۾ پيل هار ڏانهن اشارو ڪري ڪشور پڇيو، ”هيءَ هار ڪيا جو آهي.“

”اها ليڪهن جي سوغات آهي، صداقت پريءَ دل جي سوکڙي آهي.“

”۽ سيءُ دل“

”اها ڦولن جي من پينا آهي... قبول پولدي؟“

مشرق ۾ آدمي گلن جي ذريعي رهاڻ ڪندا آهن، ڦولن جي ڪنديءَ ۾ ليڪهن جا نياپا پهچائيندا آهن؛ گلن کي قرب جا قاصد ڪري ليکيو ويندو آهي.

ڪشور جيتوڻيڪ دل جو بهادر هو ته به سياؤ جو لچارو ٿي ڏنو. جواب نه ملڻ تي سجنيءَ وري التجا سان پڇيو ”سوغات انگيڪار ٿيندي؟“

"ها، ڪشور هيڪندي چيو.

سجنيءَ سرهي منهن سان وراڻيو، "مهرباني!"

فقيراڻي لباس ۾ سجنيءَ پنهنجو پريتم، حياليءَ جو همراهه دل جو ديوتا ڳولي لڌو. سجنيءَ جي شڪل، سوڀيا ۽ مهانديءَ جي ڪشش دل جي پاڪدامنيءَ جو عڪس ٿي بيٺا هئا. هوءَ قدرتي نظارن جي وچ ۾ پلي هئي ۽ اهو سندس عقيدو هو ته سيرت بنا سوڀيا آهي خوشبوءِ بنا گل. تيز ڌارئي آهي جا تلوارُ کي ڪمائتو ڪري ٿي ۽ نه مياڻ جو ٻاهريون چاڪو ۽ چٽسالي. ساڳيءَ طرح فقط ٻاهريون جسماني حسن آدميءَ کي وڻندڙ ۽ هردلعزيز نه ٿو ڪري، پر جسم ۾ سالديل دل جي صفائي ۽ پوترتا جي پڻ منجهس سخت ضرورت آهي.

سجني ڪشور جو ضعيف سياءَ سمجهي ويئي، عورت جون اکيون مرد جي اکين کان وڌيڪ ڏکي ٿين ٿيون. ڪشور جي اکين ۾ نهاري ڪيس چيائين، "سامهون منهنجي جهوپڙي آهي. اوڏانهن هلو."

ڪشور ڪجهه به ڪين بنا سجنيءَ جي پٺ ونندو هليو. سجنيءَ جي دعوت ۾ راز رکيل هو. پر ڪشور بنا ڪنهن به مطلب جي وڃي رهيو هو. ليٽ اچي جاءِ وٽ پهتا. اندر گهڙي سجنيءَ خوشنما ڇهري سان چيو، "پتاجي، مان ڪشور کي وٺي آئي آهيان."

"ڪشور ڪهڙو؟"

”اڃهو هيءُ ڪين ٻڌو آهي،“ ڪشور ڏانهن هٿ کڻي ورندي ڏنائين.

”هيءُ ڪير آهي؟“

”هن منهنجي ڳولڻ مٿ قبول ڪئي؛ مون ڪيس گلي ۾ تازن گلن جو هار پاتو.“

”پر ڪشور آهي ڪير؟“

”ڪير به هجي، تنهن سان منهنجو ڪو واسطو،“ سڄڻيءَ ٻيهر واهيءَ سان وراڻيو. ڪشور ڏي نهاري سڄڻيءَ کيس چيو، ”ڪٿ ٿي ٿي وهو؛ حجاب ڇو ٿا ڪريو.“

سڄڻي جنهن کي پتا سڏي رهي هئي سو جيون جو دوست سندر شام هو؛ کيس قيد خاني مان نڪتي پريا ٽي سال ٿيا هئا. جيل مان سزا جو مدو پورو ڪري هو سڌو دولتپور ويو هو. ڇا لاءِ؟ جيون سان گڏجڻ تي ڏاڍي دل هئس؛ تارا سان ملڻ لاءِ منتظر هو؛ پر سڀ کان گهڻي انتظاري هئس للل بالڪ جي، جو اڄ ڪشور جي نالي سان سندس سامهون ويٺو هو، مگر جنهن جي کيس ڪا به معلومات ڪا نه هئي. دولتپور ۾ پهچڻ سان کيس خبر پيئي ته تارا گذر ڪري ويئي هئي ۽ سندس موت بعد جيون ٻيو وواه ڪيو هو. ماٽيجي ماءُ ڪشور سان بي رحميءَ جي هلت هلي، جنهن ڪري هو گهر ڇڏي ڀڄي ويو. هو ڪيڏانهن ويو؟ تنهنجي ڪنهن کي به سڌ ڪا نه هئي. اهو ٻڌ معلوم ٿيس ته جيون کي ٻوءِ جلدي رت

سڄڻيءَ ليٽ مٿي ڪٽي، ڪشور ڏانهن نهاري چيو، ”وڃو ٿا؟“

”ها،“ ڪشور ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو.

ڀرين ڳڌجاڻي پوري ٿي. ڪشور جي دل ۾ سندريءَ خاطر محبت اڀري. سڄڻيءَ جي ڪشور سان پريت ٻڌجي ويئي. سندريءَ جي اندر ۾ ڪشور واسطي عزت پيدا ٿي.

اڄ ڪشور جي نئين جيون شروع ٿي؛ سندس زندگيءَ جي ڪتاب ۾ نئون ورق وريو.

.۱۰

## انڪانپوءِ ......

ڏينهن رات، صبح سانجهيءَ، پرڀات جي وقت يا سنجها جي مهل، اٿندي وهندي، گهمندي ڦرندي کائيندي پيئندي، ننڊ ۾ يا سجاڳيءَ جي حالت ۾، ڪشور جي دل ۾ هڪ ئي مورت هئي انهيءَ منتار جي! هڪ ئي صورت هئي ان سهڻيءَ سردار جي!! هڪ ئي تصوير هئي انهيءَ دلدار جي!!! ڪشور جي اندر ۾ سندريءَ جو سوڀياوان سروپ واسو ڪري ويٺو هو؛ هنجي بدن جي وار وار ۾، تن جي تار تار ۾ سندري سمائجي رهي هئي. نڪي کاڌي ٿي اروا وڻيس ٿي، نڪي پاڻي ٿي اڃهيس ٿي. خود راڳ جو هيلنائين سندس زندگيءَ جو جياپو هو سو به ڪانئس وسرڻ لڳو؛ هينئر سندريءَ جو پريم هنجو کاڌو خوراڪ هو؛ اهو سندس اميد هو، آڌار هو، آسرو هو. ڪشور جي قسمت جي ڏوري پريمچند جي ڪنيا سندريءَ جي هٿ ۾

وقت جو چوغو ٽڪڙو ٽڪڙو ٿي لڏ ورهيو، سنڌريءَ ۽ ڪشور جو رستو چڱوئي وڌي ويو هو. هڪڙي دفعي وجهه وٺي سنڌريءَ رات جو سمهڻ وقت پيءُ سان ڳالهه ڇوري:

"بابا، منهنجي مرضي آهي ته مان راڳ سکان؛ ڏاڍو شوق اٿم؛ توهانکي ڪو اعتراض ته ڪونهي؟"

"سنڌري، مونکي اعتراض ڇو ٿيندو؟ سماع ته سٺي ڪلا آهي ۽ خاص ڪري ڇوڪرين لاءِ، ڇاڪاڻ جو ڇوڪرين جو گلو اڪثر ڇوڪرن جي گلي کان وڌيڪ سريلو ٿو ٿئي جنهن ڪري انهن جو راڳ من لڀائيندڙ ٿو ٿئي ۽ ان ۾ ڪن رس جهڙي انداز ۾ رهي ٿو؛ پر ڪنهن اهڙي هٿيڪي ماڻهوءَ جي جاچ ڪريان."

سنڌريءَ اڃا خيال پئي ڪيو ته ڪشور جي باري ۾ پيءُ سان ڳالهه ڪدي يا نه، ته اتري ۾ پريمچند پڇيس، "توکي ڪو اهڙو آدمي سجهي جنهن کي اهو ڪم سونپجي؟

"مونکي ٻئي ڪنهن جي ته خبر ڪانهي؛ اسان وٽ جيڪو سنياسي مهني کن کان ٽڪل آهي تنهن سان گڏ جيڪو نوجوان آيو آهي......"

"ڪشور؟"

ها،" سنڌريءَ ٻهرائي مان چيو.

"هو صبوح جو ستار تي برابر ڳائيندو آهي؛ تنهن جي مرضي آهي ته ان کان سکين؟"

"جيڪا توهان جي مرضي؛ پر هو گهر جو گهر آهي. سنياسي هوا بدلائڻ واسطي جو آيو آهي ڪجهه وقت نه ضرور ٽڪندو؟"

"چئن پنجن مهينن رهڻ جو خيال نه اٿس!!"

"ڪشور کي سماع جي چڱي جاڻ ني ڏسجي،"

سندريءَ جيوءَ جواب لاءِ منتظر ٿي ٻيءَ ڏانهن نهارڻ لڳي،

"ها، راڳ جي ڪلا جو شايد چڱو ابياس ڪيو اٿس...... سنياسيءَ کي چوندس. الهيءَ جي اجازت بنا ڪو ڪشور کي چئبو!"

"مان لئي سمجهان نه سنياسيءَ کي ڪو اعتراض ٿيندو."

"ناڪار نه ڪو نه ڪندو، پر جيڪڏهن پاڻ ڪشور کي تاڪيد ڪري چڙيندو نه هو ڪم ۾ چاهه وٺندو."

رات سک سان گذري. صبوح جو سندريءَ ٻيءَ کي يادگيري ڏياري. پريمچند سنياسيءَ کي ڪشور جي روبرو عرض ڪندي چيو، "سائين، منهنجي نياڻيءَ سندريءَ جي راڳ سکڻ لي ڏاڍي مرضي آهي؛ جيڪڏهن ڪشور کي چئو نه وڏي مهرباني."

"وڏيءَ خوشيءَ سان؛" وري ڪشور ڏانهن منهن ڪري سنياسيءَ چيو، "ڪشور، لوکي اهو ڪم ضرور ڪرڻو پوندو!"

ڪشور گنيير ٿي ورائيو، "جيڪو توهانجو حڪم!"

ڪشور جي پيشانيءَ تي خوشيءَ جا نشان نظر اچڻ

لڳا. هن سمجهيو ته ان طريقي سندري سان گڏجڻ جا ڪيس اڪيچار موقعا ملندا.

شام جو وقت هو: مٿي ماڙيءَ تي سندريءَ جي ڪمري ۾ ڪشور پٽ تي پيل باغيچي تي وينو هو: سندس پرسان سندري پڻ ڏسڻ ۾ ٿي آئي جا نئين گهرايل ساز تي، ڪشور جي هدايت موجب، هٿ هلائي رهي هئي. هينئر سندري سولا سولا سر پاٽمراد و ڪڍي سگهيٿي. ڪشور سندريءَ ۾ چاهه ونڻ لڳو: ڪيس راڳ سيکاريندو هو مگر تنهن سان گڏ محبت ڪرڻ پڻ سيکاريائينس. هڪڙي ڏينهن سندريءَ ڪشور کان سوال پڇيو، ”ڪشور، تو ۾ راڳ لاءِ شوق ڪيئن پيدا ٿيو؟ ڪنهن کان اهو هنر پرايءِ؟“

”سندري، تنهنجو اهو سوال مونکي گذريل زماني جون يادگيريون تو ڏياري، جي مان اصل لاءِ وساري ڇڏڻ گهران ٿو. منهنجي منڙي ماءُ جي هنوقت مون وٽ اهائي جائداد آهي.جا ورثي ۾ ملي اٿم ۽ جنهنکي ساهه سان سانڍيندو آيو آهيان: پر جڏهن کان تو سان سڃاڻپ ٿيم، جڏهن تنهنجين سباجهڙين اکين ۾ پاڻکي وينل ڏٺم، جڏهن پهرين ڏينهن تون منهنجو پريت جو گيت بڏي باغيچي ۾ لهي آئينءَ، تڏهن کان وٺي منهنجو سماع مان چاهه گهٽ ٿي ويو آهي. سندري،

تنهنجو شوق راڳ جي شوق کان وڌيڪ منو ۽ آنند سان ڀرپور ٿو ڀاسي......"

ڪشور اڃا ڪجهه وڌيڪ چوڻ ٿــي چاهيو تــه سندري اڌ ۾ روڪي چيس، "تنهنجا ماءُ پيءُ هينئر ڪٿي آهن؟"

سندريءَ جو ڪشور سان گهاٽو سنبنڌ ٿي ويو هو، پر رڳو هڪڙو خيال منجهائيندو هوس ته ڪشور ذات جو الائي ڪير آهي. هنجو پريم سچنيءَ جي پريم جيان اعليٰ درجي جو ۽ اوچو ڪين هو؛ انهيءَ گمان هو، شڪ هو، انهيءَ خيال جي پختگي موجود نه هئي.

ڪشور وراڻي ڏني؛ "سندري، اهو سوال جيڪر نه پڇين ته بهتر."

"ڇو، ڪشور؟ مان ضرور ٻڌنديس."

"سندري، انهيءَ لاءِ تون ڇــو ايترو زور پئي رهي آهين؟"

"چاڪاڻ ته مان توکي تنهنجي پريم جــي موٽ ڏيڻ ٿي چاهيان."

"سندري، مان دولتپور جي زميندار جيون جــو پٽ آهيان. جڏهن مان چوڏهن سالن جي ڄمار جـــو هوس، تڏهن منهنجي ماتا، جنهنجو نالو تارا هو، موت جو شڪار ٿي چڪي. پتا ٻي شادي ڪئي؛ لئين پاڻ ۾ مولسان سندي هلت نه هلي؛ مون ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڪاٽيا. نيٺ هڪ دفعي ڪڪ ٿي گهر ڇڏيم. ٿورن ڏينهن بعد

رستي ۾ سنياسين جي هڪ ٽوليءَ گڏيم جا مونکي پاڻ سان وٺي هلي. هيءُ سنياسي ان ٽوليءَ جو مهندار آهي.“

”ڪشور، تنهنجي پتا به اٿهيءَ نٿين ڀاييءَ کي نه سمجهايو؟“ سندريءَ دردڀلي لوع ۾ پڇيو.

”هو ڪجهه به ڪري نه سگهيو.“

سندري سرهي نظر آئي؛ هينئر پڪ ٿيس ته ڪشور سندس جيان شاهوڪار مائٽن جو اولاد آهي، پر نصيب جي چڪر ڪيس هن حالت تي رسايو آهي. نصيب سان ڪير جنگ جوٽي!

اتي سندريءَ کي ساهيڙين اچي سڏ ڪيو؛ ڪشور کيس سهيلين سان ڪمري ۾ چڙي پاڻ هيٺ لهي ويو.

سڄنيءَ کي سادگي پسند هئي؛ منجهس دل جي چترائي ڪانه هئي. جيترو ڪشور سندريءَ کي چاهيندو هو، تنهن کان وڌيڪ سڄني ڪشور سان محبت ڪري رهي هئي. هن پنهنجي من جي مندر کي ڪشور جي پوڄا جو پوتر آستانو ڪيو. روزمره صبح جو ڦلن مٺ ۽ گلن جو هار پيتا ڏرينديٰ هئي.

صبوح جي مهل هئي؛ سندر شام جي جهوپڙيءَ مان اوچنگارن جو آواز پيو آيو. سڄني روئي سندر شام کي ڪنهن ڳالهه کان واقف ڪري رهي هئي. سندر شام پڇيو، ”تو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟ ٻڌاءِ ته سهي.“

”سپني ۾ ڏٺم ته مون ڪشور اڳيان پنهنجيءَ محبت

جو اظھار ڪيو آھي، پر ھن جواب ڏنو، ”سجني، مان لاچار آھيان، مان توسان محبت ڪري نه ٿو سگھان.“ پتاجي، مان انھن اڪرن ٻڌڻ لاءِ تيار نه ھيس. مولڪي الائي ڇو پڪ ٿي ويئي ھئي ته ھو مولڪي چاھي ٿو؛ ڏاڍيءَ حب ۽ اڪير مان مون سان روز باغ ۾ گڏبو آھي ۽ منھنجا آڇيل گل قبوليندو آھي.“

”سپنا گھڻو ڪري ڪوڙا نڪرندا آھن.“

”شل ائين ٿئي!“

”سجني، تو ڪشور کي پھرين ڪٿي ڏٺو؟ ڪيئن ھن سان تنھنجو پريم جو ناتو ٻڌو؟“

”جنھن ڏينھن ڪشور ۽ سنياسي سيٺ پريمچند جي گھر آيا ان مھل مان بازار مان گھر لاءِ ضروري خريداري ڪري موٽيس ٿي. ياد ھوندوَ ته توھان کي ٽي چار ڏينھن بخار آيو ھو ۽ مان ڪم ڪار لاءِ ٻاھر نڪرندي ھيس. ان وقت مون ھنکي ڏٺو. سنياسيءَ ٻاھريون دروازو کڙڪايو ۽ نوڪر ٻاھر نڪري آيو. ساڻن ڪجھ ڳالھائي ڪين اندر وٺي ويو. اھي پنج اٺ منٽ منھنجي نظر ڪشور تي پيئي. صرف ڏسڻ جي دير ھئي؛ ھو چت چور ثابت ٿي پيو. مون سمجھيو ته قدرت ھنکي مالجھند ۾ آندو ٿي منھنجي لاءِ آھي.“

سجني سچ چئي رھي ھئي؛ برابر ڪشور سندس خاطر ٿي ھت آيو ھو.

”پوءِ؟“ سندر شام انتظاريءَ مان پڇيو.

”هيئنڙ هو باغيچي ۾ هوندو. اڄ ڏير به ٿي ويئي آهي. مان ضرور سانس فيصلو ڪري ايندي س.“
”فيصلو ڇا جو؟“
”سندس دل جي حقيقي حال کان پاڻ کي واقف ڪنديس؛ مان ته سندس ٿي چڪي آهيان.“
”تو پنهنجو پاڻ کيس ارپيو آهي؟“
”ها.“
”پوءِ هو توسان پريم ڪري يا نه ڪري تنهن سان تنهنجو ڪهڙو واسطو!“
”ڇو؟“
”پريم جي پيڪڙن پوڻ کانپوءِ پريم ڪرڻ کانسواءِ ٻيو چارو نظر نه ايندو آهي، پاڻ کي روڪڻ محال ٿيندو آهي. دل ڏيڻ وقت پريم ڪندڙ آدمي محبت جي موت جي پرواه نه ٿو ڪري.“
”مان ڏسڻ ٿــي چاهيان ته خواب ڪيتري قدر سچو آهي.“
”سمجهه ته سپنو برابر ٿو نڪري؟“
”پوءِ؟“
”پوءِ بڌاءِ ته ڇا ڪندينءَ؟“
”پوءِ!...... ڇا ڪنديس! توهين بڌايو.“
”پنهنجي دل جي ڄاڻو توهين آهين.“
”ءُ توهين؟“
”مان پنهنجيءَ جو.“

”چڱو، دير ٿي ويئي آهي، مان پلاباغيچي ۾ هلان ٿي.“
سڄني گلن جو هار ۽ ڦلن مٺ ڪٽي رواني ٿي.

سڄنيءَ جي دير ڪرڻ ڪري ڪشور ڪيس گهر ۾ ڏسڻ آيو هو؛ پر اندران ڳالهائڻ جو آواز ٻڌي، ٻاهر دريءَ جي اوٽ ۾ بيهي سموري گفتگو ويني ٻڌائين. گفتگو پوري ٿيڻ بعد ڪشور روزمره واريءَ جاءِ تي اچا مس وڃي وينو ته سڄني به اچي پهتي. ڪشور اڄ ڏاڍي ويچار ۾ ٿي لڳو. سڄني آئي؛ ڪشور جي گلي ۾ ڦولن جي مالها پاتائين؛ هن لهاري ڪيڪاريو پر اجوڪيءَ ڪيڪار ۾ فڪر هو؛ هن جي دل تي مڙيئي ڪو بار ٿي نظر آيو. سڄنيءَ چيو، ”ڪشور، اڄ تون ڪنهن ڳڻتيءَ ۾ ٿو ڏسجين. ٻڌاءِ ڪهڙو خيال اٿيئي؟“

”سڄني، چو تو اڄ اچڻ ۾ دير ڪئي؟“ ڪشور پڇيو.

سڄنيءَ وراڻي ڏيندي چيو، ”ڪشور، دل جو راز گهڻيءَ مدت تائين لڪائڻ ٺيڪ نه آهي.“

”سڄني، تون ڇا پيئي چوين؟ ڇا جو راز؟“ ڪشور اهڙي نموني ۾ ڳالهايو ڄڻ ته گفتگو ٻڌي ڪانه هئائين.

”اڄ مان تو اڳيان گهڻي وقت کان دل جي ساليل آرزو ظاهر ٿي ڪريان.“

”ٻڌاءِ ڇا آهي، سڄني؟“

”ڪشور، مان توکي چاهيان ٿي، دل وجان سان پاليان ٿي.“

”سڄڻي، چاهڻ ۽ پائڻ ۾ ڪهڙو نقصان آهي؟
ن ۾ دل جي راز جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟“
”مان توکي پنهنجو ڪرڻ ٿي گهران.“
”مطلب؟“
”مان توسان محبت ڪريان ٿي.“
”سڄڻي، محبت ڪرڻ ۾ ڪو گناهه ڪونهي.“
”پريم برابر پاپ نہ آهي.“
”باقي؟“
”ڪشور، مان توکي حياتيءَ جو همرفيق بڻائڻ چاهيان ٿي.“

”سڄڻي، هينئر مون سمجهيو.“
”مان جواب لاءِ منتظر آهيان.“
”سڄڻي، مان پاڻ کي نہ ٿو ڄاڻان؛ پنهنجيءَ دل کي نہ ٿو سڃاڻان؛ فقط اها پڄاڻ اٿم تہ منهنجي دل منهنجي نہ آهي؛ اها ٻئي جي امانت ٿي چڪي آهي. ڏاڍ دل واپس نہ ٿي ورتي وڃي. تون تہ عورت آهين؛ توهان وٽ سچيءَ محبت جو ملهہ آهي، قدر آهي...... سڄڻي، مون ڀورين ڏينهن کان تنهنجي دل جو راز سمجهيو هو.“
”ڪيئن؟“ سڄڻيءَ عجب مان پڇيو.
”تنهنجي اکين مان. اکيون اندر جو آئينو آهن؛ سڄڻي، اکيون دل جون دريون آهن، جن مان جيڪي بہ اندر ۾ وهي واپري ٿو اهي سموري نظر پئجي

سگهي ٿي. انسان جا چشم ٿي پريم جو چشمو آهن؛ اکيون ٿي آهن جي عشق جي جاڳڻ جو اڳواٽ اطلاع ڏين ٿيون. نيڻ روح جي نبض آهن؛ جيئن حڪيم دل جي حالت نبض جي تپاس مان پروڙي سگهن ٿا، ليڪن پريمي اکين جي ذريعي."

"پر پهرين مون توکي ڏٺو؛ پنهنجي دل ڏنم."

"برابر، مون تنهنجو سمورو ذڪر ٻڌو آهي پر انڪار مان انوقت غير واقف هوس."

"ڪشور، تڏهن ڇئبو ته محبت کي لون هڪ قسم جي جوا ڪري ٿو ليکين؟ جيئن جوارين جو اڏ جواخاني ۾ کيليندو رهي ٿو؛ هرڪو راند يکر چاهي ٿو ته پاڳ کيس ملائي جيئن پهاڻ کٽي؛ ٻيا هارائين، تيئن پريم جي راهه ۾ پڻ هرڪو گهري ٿو ته قسمت کيس ئي شل قرب جي قطري جو حقدار ڪري! پر ڪشور، مان سمجهان ٿي ته پريم جا ناتا اتفاقي ۽ اوچتا نه ٿيندا آهن اهي اڳواٽ ئي رٿيل ٿين ٿا؛ اڳين جنمن جي محبت استرين ۽ پرشن کي هن جهان ۾ ملائي ٿي. مان توسان پريم ڪريان ٿي ڇاڪاڻ ته گذريل حياتيءَ ۾ اسانجو پاڻ گهاٽو سنبند رهيو هوندو."

"سچني، مولکي تنهنجي اُمنگن لاءِ عزت آهي."

"مگر پريم نه؟"

"مان بيوس آهيان؛ بيوس آدمي ڪري به ڇا ٿو سگهي؟"

”تڏهن مان نا اميد ٿي موٽي وڃان؟“
”نا اُميديءَ مان اُميد ڏيندڙ ايشور مان ايمان چو ڪڍجي.“ ڪشور بي خبر و آئيندي جي اڳڪٿي ڪري رهيو هو.
”تڏهن آسرو رکان تہ تون منهنجو ٿيندين؟“ سڄنيءَ پڇيو.
”منهنجو اهو مطلب نہ هو.“
”ڇٽبو نہ مان پياسي رهجي وڃان؟“
”مگر مان خود پياسي آهيان.“
”ڪشور تون مون کان جسم بچائي سگهندين، پر منهنجي دل مان تنهنجو پڇي نڪرڻ محال آهي، بلڪل ڪنن آهي، اهڙو ڏکيو آهي جهڙو هاٿيءَ جو سٽيءَ جي نَنگ مان لنگهڻ، جهڙو پاڻيءَ کي ٻرڻ ۽ جهلڻ، جهڙو هوا کي ۽ سج جي پاڇي کي روڪڻ. ڪشور، منهنجي تنهنجي جسم سان محبت ڪانهي، پر ان جوت سان آهي جا مان تو ۾ وسندي ڏسان ٿي.“
”سڄني ان جوت سان نہ تون اجا ٻہ پيار رکي سگهين ٿي، اهڙي پيار کي موت جي غرض نہ ٿي رهي.“
”مگر دنيوي محبت هڪ پُل آهي جنهن تان انسان سنيه جو ساگر لنگهي ٿو. پر حقيقي حب جي چاشني چکي پاڻ کي تربت ڪري ٿو. ڪشور، انساني زندگيءَ جي مراد آهي ايشور لاءِ تلاش، سچي پريم جي ڳولا.“
”پر مان نہ هڪ معمولي انسان آهيان.“

”آدميءَ ۾ ايشوري جوت آهي. نورٌ نوراني وسي ٿو روح روحاني اندر،“

ڪشور ماٺ ۾ رهيو؛ هو ٻي جواب ٿي پيو. سجني واپس ورڻ وقت ڪشور ڏانهن آلين اکين سان نهاريو.

سندر شام گهر ۾ ڪتولي ڪي ليٽيو پيو هو؛ سجني اچا اندر گهڙي ته هن پڇيو، ”سجني، ڇا ٿيو؟“

”پڇو ٿا؟ ناڪاريءَ جو جواب مليو.“

”خواب ليت سچو لڪتو!“

”پتاجي، انسان‌جي زندگي‌هڪ انڌيري رات‌آهي.“

”دل جو ڊيڪ جڳاءِ! پوءِ چوندينءَ تہ زندگي روشن ڏينهن آهي. سجني دلگير نہ ٿيءُ. پيار ڪڏهن ٻه اجايو نہ ٿو وڃي. پريم جي راز کي سمجهه. پريم اَمر آهي، اَڪٽ آهي؛ ان کي نہ باھ ساڙي سگهي، نہ پاڻي ٻوڙي سگهي ۽ نہ هوائي سڪائي سگهي. مگر انسان جو پريم جي تلاش ڪري ٿو، پريم جي موت لاءِ ماندو رهي ٿو، سو فنا ۽ ڪڻ پينگ آهي. آدميءَ جون شڪتيون محدود آهن، مگر محبت ڪلي مطلق ۽ بي انتها ٿئي ٿي. هاڻي ٻڌاءِ تہ، سجني، هڪڙي ڪنجهڻيءَ مٽيءَ جي نهيل شيءِ ڪيئن ٿي هڪ بقا چيز کي حاصل ڪرڻ جي تمنا رکي، چاهنا دل ۾ ڌري؟ آدمي بي بقا ۽ ناسولت آهي، جيئن پاڻيءَ تي نقش؛ هھڙي اڻ جٽائدار

سگھبو. ڊڪاندار ڪا به چيز ڏئي ٿو ته ان جي عوض ناڻي جي طلب ڪري ٿو، مگر اعليٰ درجي جو پريم نه ٿو ٿئي. محبت جو پاڻيءَ سان پريم آهي؛ جل بنا هن جو جالڻ ناممڪن آهي، مگر جل ڏانهس بيپرواهه رهي ٿو ۽ مڇيءَ کي ان جي ڪا به غرض ڪانهي. جيتري ته نهيو مگر مڇي پڇاڻان به هوءَ جل جي جدائي سهي نٿي سگهي.“

”سو ڪيئن؟“ سجنيءَ پڇيو.

”توکي معلوم آهي ته مڇيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري پهرين پاڻيءَ ۾ ڌوئبو آهي؛ ان جو مطلب ڇا آهي؟ جسم ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ بعد به هوءَ پرينءَ سان ملي ٿي؛ ڏيگڙي ۾ رڌڻ مهل به ڪيس جل سان ملاقات ڪرائي وڃي ٿي؛ جيسين مڇيءَ ۾ پاڻي نه وجهبو ليسين اها رجهندي نه. مڇيءَ ڪائڻ کان پوءِ آدميءَ کي جلد جلد پياس لڳندي آهي ۽ هو پاڻيءَ جي طلب ڪري ٿو. ڇا ڏنءِ؟ صفا ناس ٿي وڃڻ کان پوءِ به مڇيءَ جو پاڻيءَ سان پريم اڻ ٽُر رهيو. انهيءَ کي چئبو اتمي اعليٰ درجي وارو پريم!“

سندر شام جي هن خيالي تقرير سجنيءَ جو اليوءَ گولي چڏيو ۽ منجهس خود جي پروڙ پيدا ٿي. هر ڪنهن شيءِ کي هوءَ ڪشور جي شخصيت جو پاڇو سمجهڻ لڳي. گلن جي خوشبوءِ ۾، پنکڙين ۾، مکڙين ۾، پنن جي لڏڻ ۾، واهڙ جي وهڪڙي ۾، پنورن جي

پون پون ۾، وڻ جي هرهڪ ٽاريءَ ۾، ٽاريءَ جي هرهڪ شاخ ۾، شاخ جي هرهڪ پن ۾، مطلب ته سڀ چيز ۾ سڄڻي اُها هڪ ئي تصوير پسڻ لڳي.

ڪجهه وقت رکي سڄڻي وري ڪشور وٽ وئي.

”ڪشور!“ سڄڻيءَ پڪاريو.

”سڄڻي!“ ڪشور وراڻي ڏني.

”ڪشور، مان توکان پيار گهرڻ ڪين آئي آهيان؛ مان محبت جي تقاضا نٿي ڪريان؛ ان کان محروم رهڻ لاءِ تيار آهيان؛ مگر پاڻ کان پري نه ڪريمر. قدمن ۾ قبول ڪريمر؛ مان تنهنجي شيوا ڪرڻ چاهيان ٿي. ڪشور، زندگيءَ ۾ هڪ ئي مراد اٿم ته حياتي تنهنجي پيٽ ڏريان؛ شل تنهنجي ڪم اچان! نه ته ائين سمجهندس ته منهنجي جيوت نڪمي گذري.“

”تون اج گنڀير پيئي لڳين،“ ڪشور پڇيو.

”انسان کي حياتيءَ ۾ گنڀير ٿيڻو ئي پوي ٿو!“

سڄڻي، تو هيئنر سچ چيو ته تون مون کان پريم گهرڻ نه آئي آهين؟“

”ها.“

”مهرباني!“

”ڪشور، تنهنجي مهرباني مولکي پنهنجي مهرباني

يـاد ڏيـاري ٿـي. جڏهن پهرئين ڏينهن مون توکي قلن مت ڏني ۽ گلي ۾ قولن جي مالها وڌي تڏهن مون توکان پڇيو، ”سوغات قبول پيئي؟“ تو چيو، ”ها“ مون غلطيءَ کان توکي پنهنجي پريم ۾ قابو ٿيند و سمجهي چيو، ”مهرباني.“ اڄ تو وري پاڻ کي آزاد ٿيندو ڏسي چيو ”مهرباني.“

”جيڪي دل چوايو سو چيم.“

”ڪشور مان توکان ڪجهه پڇڻ ٿي گهران.“

”يلي پڇ.“

”انجام ٿو ڏين ته بڌائيندين؟“

”وچن!“

”تنهنجي ڪنهن سان محبت آهي؟“

”اهو سوال ڇو ٿي پڇين؟“

”تو انجام ڪين ڪيو ته بڌائيندين؟“

”برابر.“

”ته بڌاء، اها ڪهڙي ڀاڳوان ڇوڪري آهي جنهن کي تنهنجو پيار نصيب ٿيو آهي؟“

”سندري.“

”سندري!“ سڄنيءَ کان رڙ نڪري ويئي.

”ها؛ ڇو عجب کاڌء؟“

”سندري توکي چاهي ٿي؟“

”اها سندريءَ کي خبر؛ مان نـه ساڻس محبت

ڪريان ٿو ۽ ڪندو ايندس. منهنجي زندگي سندر
جي زندگي آهي.”

ڪشور کي معلوم ٿيو ته سڄڻي ڪيس چاهي ٿي؛ سڄ
کي خبر پيئي ته ڪشور جو سندريءَ سان پريم آهه
مگر سندريءَ کي ڪابه ڳالهه رهي ته، ڪو
ڪشور سان محبت ڪري ٿي!

## ١١.

## چؤپڇؤ

سچ ٿو چئي هينئن لڪڻ جو نہ آهي؛ خوشبوء ڪستوري ضرور ظاهر ٿيندو! محبت ۽ کانوڙ جي جذبن کي ڇپائڻ ڏکيو آهي؛ ڳالهه ڪا ڳجهي رهڻ جي آهي! مانجهند جي شهر ۾ ڏاڍي چؤپچو ٿي پيئي تہ سيٺ پريمچند جي نياڻيءَ سندريءَ جو هڪ ڪشور نالي سنياسيءَ سان محبت جو ناتو ٿي ويو آهي. سندريءَ دل جو بار ٻوري ڪرڻ لاءِ ڪنهن ساهيڙيءَ کي پڻ الت ڏنو هو؛ ههڙيون ڳالهيون ڪيون ماڻهن جي اندر ۾ ٽڪن! وڃ جيان چوطرف اهـو افواهہ پکڙجي ويو. ماڻهو تـہ ههڙن موقعن لاءِ واجهائيندا آهن؛ انهن کـي اهي وجهہ مولا ڏياري؛ ڳالهين ۽ گهر ويڙهائو زالن جي زبانن لـي ٻـي ڳالهہ ٿي ڪانہ هئي. جيترا وات، اوترا يون ڳالهيون؛ ڪو ڪيئن پيو چوي تہ ڪو ڪيئن! سندري تہ منگيل بہ هئي. ڳالهہ پريمچند جي ڪن تائين وڃي پهتي ۽ ڇوڪريءَ

جي ساهرن کي پڻ خبر پئجي ويئي. هنن سندريءَ جي پتا پريمچند کي شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪرڻ لاءِ لکي موڪليو. هيڙن واقعن جي واسطي رڪندڙن کي هميشه دير سان سڌ پوندي آهي!

ڳالهه هن ريت هئي ته پريمچند جي استريءَ کي، جا هن وقت حيات ڪانه هئي، جڏهن سندري اڃا پيٽ ۾ هئي، ان وقت سندس هڪ ساهيڙي، ماڇهند جي هڪ وڏي زميندار بهار يلعل جي زال، پڻ گرڀ وٺني هئي؛ ٻنهي هڪ ٻئي ۾ پيٽ ٻولي ڇڏيا. ايشور جي قدرت وري اهڙي اچي ٿي جو هڪڙيءَ کي جائو پٽ، ته ٻيءَ وٽ ڌيءُ جنم ورتو. سندريءَ جي ماءُ پريمچند کي سموريءَ حقيقت کان واقف ڪيو جنهن پڻ، زال جي مرضي رکڻ لاءِ، بنا ڪنهن اعتراض جي پنهنجي رضامندي ڏني. ان وقت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ٻنهي ڌرين جو پاڻ ۾ تمام گهاٽو سنبنڌ ٿي ويو هو. خاص ڪري جڏهن سندريءَ جي ماتا سرڳواسڻ ٿي چڪي هئي، تڏهن پريمچند جي به خواهش هئي ته سندس حياتيءَ ۾ ڏنل انجام کي پاڙڻ گهرجي. وُر ڳولڻ جو ڪم اڪثر مائر ئي ڪنديون آهن؛ پريمچند کان هن عمر ۾ اهو ڪم پڄي به ڪين سگهي ها. ڇوڪري جي مائٽن کي به ڪا ڪس ڪانه ٿي لڳي. ڇوڪري سٺي ۽ ٺاهوڪي هئي، ساهرا به پئسي وارا ۽ چڙهيل هئا؛ ٻيو ڇا گهربو هون!

ان سنسنيءَ واري خبر پريمچند جي دل کي سخت چوٽ پهچائي؛ هن جو اهو سڀاءُ هو ته هوُ عام رابي اڳيان هميشه سر جهڪائيندو هوءِ سماجڪ اصولن جو پڪو پائبند هــو. هن سندريءَ کي پاڻ وٽ گهرائي دک وچان چيو: ”سندري!“

”جيءُ بابا!“ سندري ترت وراڻي ڏنــي. وري چيائين، ”بابا، توهين ڇو اڄ غمگين ٿا لڳو؟“

”منهنجي غمگينيءَ جو ڪارڻ تون آهين، سندري!“

”مان!“ سندريءَ عجب مان پڇيو.

”سندري، تنهنجي ڪري ئي مان اڄ هن وهيءَ ۾ دکه پسي رهيو آهيان؛ مولڪي ۾ ڪهڙي چنتا آهي؟“

”مون ڪهڙي خطا ڪئي آهي؟“

”توکي خبر ڪانهي ته شهر ۾ ڪهڙو افواهه ڦهلجي رهيو آهي؟“

”ها، مون پڻ ٻڌو آهي.“ سندري ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو.

”پوءِ؟“

”توهين مولڪان ڇا ٿا پڇڻ چاهيو؟“

”توکي الهيءَ باري ۾ ڇا چوڻو آهي؟“

”توهان جيڪي به ٻڌو آهي سو بلڪل سچ آهي؟“

”تنهنجو ڪشور سان رستو آهي؟“

”پتاجي، مان هن سان پريم ڪريان ٿي.“

”هو به توکي چاهيندو؟“

”اسين ٻئي هڪ ٻئي کي پيار ڪريون ٿا!“

" سندري، توکي ڪشور سـان پريم ڪرڻ جـو حق ڪونهي."

" ڇو، پتاجي؟ " سندريءَ ڏڪندي چيو.

" ڌرم توکي اهڙي اموني جي اجازت نٿو ڏئي."

" ڇا، پريم پاپ آهي؟ "

" پريم ڪرڻ پاپ ڪينهي ...... "

" مگر؟ "

" تنهنجو ڪشور سان پريم پاپ آهي !! گناهه آهي!! وڏو ڏوهه آهي!!! "

ڇا، مان پاپ تـي ڪريان؟ گناهه جـي راهه تـي پير ڪري رهي آهيان؟ پتاجي! توهان هيءُ ڇا چيو؟ "

" سندري، سوچي ويچاري قدم کڻجي. توکي معلوم آهي ته تون مڱيل آهين؟ "

" تنهنڪري؟ "

" تون صرف ان شخص سـان پيار ڪري سگهين ٿي جنهن سان مذهب ۽ سماج توکي ٻڌل رکن ٿا. "

" يعني موهن سان؟ "

" ڌرم ۽ اخلاق جي نقطہ نظر کـان هوئـي تنهنجو پتار ٿي سگهي ٿو! "

" مان اهو هرگز قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. "

" سندري، موهن ۾ توکي ڪهڙ يون اوڻايون ڏٺيون آهن؟ "

" مان هنکي سڃاڻان ئي ڪانه. "

”هو هڪ خوبصورت نوجوان آهي؛ تعليم ۾ چڱي پرايل اٿس؛ اخلاق وارو ۽ شاهوڪار مائٽن جو اولاد آهي. تون ڏاڍي سکي رهندينءَ.“

”انسان دک ۽ سک جي ڳڻ ڳوت ڪري ٿو؛ پيار نه ٿو ڪري؛ پريم بحث ڪي نه ڄاڻي؛ دل دماغي دليلن تي نه ٿي هلي؛ پيار قاعدن کي نه ٿو سڃاڻي.“

”سندري، بي قاعدي ۽ بنا اُصول پيار پيار نه آهي؛ انکي وحشپڻو ئي ڪوٺي سگهجي ٿو.“

”مگر مان پاڻکي ان مڱڻي سان بند نه ٿي رکان.“

”سندري، تو هي. ڇا چيو؟“

”جا ڳالهه منهنجي جنم وٺڻ کان ۾ اڳ ٿي آهي، تنهن سان منهن جو ڪهڙو تعلق؟“

”تنهنجي سرڳواسي ماتا ليڪ نيت سان ئي اهو ناتو ڪيو هو.“

”پر توهان منهنجي آئيندي جو خيال نـ رکيو؛ توهانکي ان وقت منهنجي آنند جو اونو نه رهيو. پيٽ بولي نياڻين جي زندگي نابود ڪرڻ نيڪ ڪرم آهي؛ اهين ڏينهن جون جهوليون ۽ بيسود رسمون هن زماني جي تهذيب جي ابتڙ آهن. مڱڻي ۽ پرڻي جي حالتن ۾ مائٽن کي پنهنجا شخصي پور يا رٿڪ پورا ڪري، ٻين جي زندگي ذلت ۾ ري نه ڪرڻ گهرجي. مرد کي ۾ ڪري ترکيس روا آهي، باقي منيون نردوش نياڻيون ڌرم الهن خاطر ۾ آهي ڪين رکو اسان واسطي؟ ڌرم ڪوڙ تو چوي نه استريءَ ۽ پرش ۾ تفاوت رکجي.“

”سندري، اولاد کي مائٽن جي عزت جو اولو رکڻ گهرجي.“

”مائٽن کي پڻ اولاد ڏانهن پنهنجون جوابداريون وسارڻ نه گهرجن؛ ڪوبه جوابدار مائٽ جيڪر ائين نه ڪري، جيئن توهان ڪيو آهي. عورت جي حيائي مرد جي حيائيءَ وانگيان ڪينهي؛ عورت هڪ نازڪ گل آهي جنهنجي پرورش ۾ سخت خبرداري ڪرڻي پوي ٿي! مائٽ عجب ٿا ڪائين ته لهرون ڪوڙيون ڇو آهن، جڏهن خود پاڻ ويهي لديءَ ۾ زهر جي ڌارا گڏي اٿن؛ مائٽ سمجهي ٿا سگهن ته سلا ڪيئن اُپريا، جڏهن زمين ۾ ٻج به پاڻ ئي ڇٽيو اٿن.“

”سندري، پنهنجي دلي شوق خاطر تون خاندان جو شان مان مٽيءَ ۾ ملائڻ ٿي چاهين؟“

”تڏهن توهان جي مرضي آهي ته منهنجي زندگي زهريلي ٿئي، مان دکي جيوت ڪاٽيان؟“

”ڪهڙو مائٽ چاهيندو ته سندس ٻار سکي نه ٿئي؟“

”نه مولڪي انهيءَ باري ۾ وڌيڪ زور نه پريو.“

”توکي ٻيءَ ماءُ جي عزت جو خيال نٿو پوي؟“

”توهان کي ڌيءُ جي خوشيءَ جو ويچار نٿو اچي؟“

”سندري، مائٽن جو فرمان اولاد لاءِ ملائڪن جو حڪم ٿيڻ گهرجي. ٻارن کي' تيستين مائٽن جي جذبن ۽ اُمنگن جي خبر ڪانه ٿي پوي جيستين پاڻ مائٽ نه ٿيا

جي اوٺايون هجن تن کي تڙي ڪيڻ ۽ هرڪنهن کي اهي گڻ عطا ڪرڻ جنهن هو پاڻکي ضعيف محسوس تو ڪري؛ مرد کي سيرت جي صداقت، اخلاقي ارادي جي پختگي ۽ پڪائي ته زال کي همدردي، نرم دلي ۽ حياء شرم جي بخشيش ڪرڻ. زال ۽ مرد جي توتر ناتي کانسواءِ پرتويءَ تي بي ڪابه طاقت ڪانهي جا آدميءَ کي سرفراز ڪري ۽ شرف ڏئي. دنيا ۾ به ٽڪريون آهن جنجي پناه ۾ يا ته آدميءَ جو روح لنگرهڻي اچهو وٺي سگهيتو، يا ته انهن کي لڳي پرزا پرزا ٿي سگهيتو: هڪڙي آهي پرماتما، ٻي آهي برخلاف جنس."

"سندري، تو ۾ هيڏي ڳالهائڻ جي جريت ڪٿان آئي؟ هينئن جواب سوال ڪندي حياءُ به نه تو ٿئيئي؟"

"جنهن سان ناحق ٿيندو سا ڪجهه به نه ڪڇي؟ ڪند تي ڪاتي اچي، نه چپ به نه چورجن؟ حق لاءِ وڙهڻ ۽ انصاف جي طلب ڪرڻ کي بي حيائي نه ٿو سڏجي. جي ڇوڪريون حياءَ جي ڪوڙي لحاظ ۽ شرم جي اجائي دٻپ ڪان گگدامن جبان ماٺ ۾ رهن ٿيون، سي پنهنجن هٿن سان زندگيءَ جي درخت جون پاڙون پٽي رهيون آهن."

"سندري، ماڻهو سهڪاري ساهوارو آهي؛ لوڪ لڄا جو ته خيال ڪرڻوئي پوي ٿو. عام رواجوئي آهي جو سماج ۾ گهڻي ۾ گهڻو فائدو يا ڇيهو رسائي سگهي ٿو؛ ان کي نظرانداز ڪرڻ سياڻي ماڻهوءَ جو ڪم نه آهي."

”سياڻا آدمي عام رايي کي نوڪرون هٽندا آهن، ۽ نه بنا ويچار جي ان جي پٺڀرائي ڪندا آهن. اڄايا سماجڪ وهم ئي آهن جي اسانجي برباديءَ جو ڪارڻ بڻجن ٿا. پتاجي، گهڻي تعداد ۾ ته ماڻهن کي پنهنجي راءِ ٿئي ئي ڪانه: اندا ٿي، اکيون پوري، وتن جهونين رسمن ۽ خيالن جي پيروي ڪندا. عام رايو دُنيا ۾ وڏي ۾ وڏو ڪوڙ ۽ پاکنڊ آهي، جنهن جي ذريعي سنگدل سماج گهڻن گهرن جا خانا خراب ڪيا آهن؛ توهين به ان جو شڪار بڻجڻ ٿا چاهيو؟“

”سندري، پڻنچن ۾ پرميشور وسي ٿو؛ پڻنچات جو آواز آهي ايشور جو حڪم. هيڻن مائٽي ڇنبي ته سموريءَ پائپيءَ جي قت لعنت اسان مٿان پوندي.“

”آدمين ۾ جي ايشور آهي ته ابليس پڻ منجهن واسو ڪري ٿو. سياڻي آدميءَ کي عام رايي جي پنيان اٿين هلڻ گهرجي، جئن گاڏيءَ وارو گهوڙي جي پٺ وٺي؛ لغام جون واڳون هميشه پنهنجي قبضي ۾ هئڻ گهرجن. جنهن آدميءَ کي پنهنجو رايو نه آهي، جو صرف ٻين جا ٿاهيل اصول پنهنجي حياتيءَ جا نيم ڪري ٿو سمجهي ۽ سماج جا قاعدا پنهنجا اصول ڪري ليکي ٿو، سو ٿي غلامن جي قطار ۾ ڳڻجڻ ۾ ايندو آهي؛ سندس جسم آزاد تو ڏسڻ اچي، پر هن جو روح ٻانڌي آهي......“

”سندري!“ پريمچند دک ڀرئي آواز ۾ پڪاريو.

”پتاجي، اهو آدمي حياتيءَ ۾ پاري پل ڪري ٿو جو سمجهي وٺو آهي ته ٻين جا خيال ۽ رايا ڪيئن خوش رکي سگهندا. پنگتي رايو هڪ تکي ڪپ جيان آهي؛ بيوقوف آدمي هميشه الڪان ۾ چڙهن ٿا ۽ منجهن اها سمرٿي ڪانهي جو انکي همٿ لائي سگهن؛ ٻئي طبقي ۾ اهي اچي ٿا وڃن جي جوش وچان ڦر ڪري جهلين ٿا، الهيءَ نتيجي سان جو سندن همٿ ڪپجيو پوي؛ ٽيان آدمي اهي آهن جي ڪپ کي ڳن ڪان سوگهو جهلي پنهنجن مطلبن بر ثواب ڪرڻ لاءِ جيئن وٽين تيئن ان کي هلائين ٿا.“

”سندري، تڏهن چئبو ته بهاريلعل کي صفا جواب ڏياري موڪليان، ته جنهن صورت ۾ ڇوڪريءَ جي مرضي اصل ڪانهي ان حالت ۾ مائٽي نوڙ ٽي ٿي پوندي؟“

”منهنجي اها صلاح آهي.“

”مان ته سمجهي نه ٿو سگهان ته اڳتي مان ڪهڙي منهن سان شهر ۾ لڪري سگهندس.“

”اوهانکي فخر وٺڻ گهرجي. هيءُ هڪ موقعو مليو اٿو ته سماج کي اولڏن ابتن رواجن کان آگاهه ڪيو. توهان جي الهي قدم کي هرڪو خود مختيار خيالن وارو آدمي ساراهيندو. جنهن سماج ۾ خيال ۽ عمل جي آزادي ڪانهي، ان سماج ۾ رهڻ پنهنجي ڪمزوريءَ جو اظهار ڪرڻو آهي.“

”پر مان ڪشور سان لنهنجي شادي ڪرڻ جي فائدي ۾ نه آهيان. هو هڪ فقير سنياسي آهي ۽ اسين

گرهستي آهيون؛ مان توکي هنجي حوالي نہ ٿو ڪري سگهان."

"هو وڏ گهراڻو اولاد آهي."

"پر هينئر نہ حالت سقيم اٿس؛ سندس گڏريل حياتيءَ سان اسانجو ڇا؟"

ائين چئي پريمچند سڌو پنهنجي ڪمري ۾ آيو. پريمچند تمام ٿڌي سيني وارو ماڻهو هو؛ سندريءَ ڪان سواءِ کيس ٻيو ڪوبہ اولاد ڪونہ هو، جنهنڪري هو مٿس غصو ڪري نہ سگهيو. بهاريلعل کي اطلاع ڏيڻجو خيال ڪري هينيون خط ڏانهس لکڻ شروع ڪيائين:

"پيارا بهاريلعل،

ڪالهہ توهان مونسان موهن ۽ سندريءَ جي شاديءَ واسطي ذڪر ڪيو. مونکي ڏاڍي ڏک ۽ افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ منهنجي نياڻي سندري موهن سان وواهہ جي ڳالهہ لئي مڃي. مان سمجهان ٿو تہ جي شادي ٿئي تہ بهتر؛ الٻ بنهي ڌرين جي عزت آبروءَ جو سوال آهي؛ منهنجي استريءَ پاڻ اهو پورنڻ ناتو ڪيو هو؛ مان نٿو چاهيان تہ سندس غيرحاضريءَ ۾ ڪو اهو چنڻ گهرجي؛ پاڻ زنده هجي ها تہ شايد سندريءَ کي مڃائي وجهي ها؛ ڌيءَ لي سيڪنهن حالت ۾ پيءَ ڪان وڌيڪ ماءَ جو اثر ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ موڻ بہ سندريءَ کي

سمجهائڻ ۾ گهڻ ڪانه ڪئي آهي، مگر هوءَ باز نه ٿي اچي. مان بلڪل لاچاريءَ جي حالت ۾ هيءَ چٺي لکي رهيو آهيان ۽ اميد ٿو ڪريان ته توهانجي دل ۾ مون لاءِ ڪابه غلط فهمي پيدا نه ٿيندي. مان سمجهان ٿو ته هيءُ پڙهي توهان کي ضرور صدمو رسائيندو، مگر مان سخت مجبوريءَ هيٺ هيءُ قدم کڻي رهيو آهيان.

توهانجو سچڻ،

پريمچند."

خط بهاريلعل کي مليو، پڙهي پڙهڻ سان منهن جو پنو ٿي لهي ويس. هن موهن کي، جو انوقت ٻاهر ويل هو، ماڻهو موڪلي گهرايو ۽ چٺي هٿ ۾ ڏنائينس. موهن چٺي اجا پڙهي مس ته اکين ۾ لالاڻ اچي ويس. پڇڻ لڳس "موهن!"

موهن ڪوبه جواب ڪونه ڏنو، هنجي ماٺ ۾ معنيٰ هئي، مطلب رکيل هو، موهن جي منهن مان ظاهر هو ته هو مڙيئي ڪي گهات گهڙي رهيو هو.

١٢.

## انهيءَ رات

ڪيترو ڪيترو وقت پڄي ويندو هو تہ ڪشور سنياسيءَ کي هيئنر پورو گڏبو بہ ڪين هو؛ سارو ڏينهن الائي ڪٿي پيو وسندو هو. سندس هلت ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو هو. جنهن ڏينهن کان سندريءَ کي ڏٺائين. انوقت ڪانوني دنيا ڏانهن پنهنجا نيڻ بند ڪيائين. هو هميشهہ انهي وقت جو انتظار ڪندو رهندو هو، جڏهن سندري سندس آرام ڏيندڙ آغوش ۾ وڃي پاڻ لڪائيندي هئي. سنياسيءَ جي اندر ۾ گمان پيدا ٿيو ۽ هن اجا اهو خيال ڀي ڪيو تہ ڪشور کي سڏي سندس دل جي حال کان واقف ٿيان، تہ پريمچند کيس اچي سندريءَ ۽ ڪشور جي پريم جي حقيقت ٻڌائي ۽ ڪشور کي سمجهائڻ لاءِ پڻ عرض ڪيو. سنياسيءَ کي ڏاڍو خيال ٿيو، خاص ڪري جڏهن پاڻ ڪشور سان گڏ پريمچند وٽ مهمان ٿي لٿل هو.

رات جي وقت سنياسيءَ ڪشور کي پاسيرو وٺي وڃي چيو، ”ڪشور، مون ٻڌو آهي ته تون سندريءَ سان پريم ڪرين ٿو؟“

”ائين برابر آهي،“ ڪشور وراڻي ڏني.

”مان تنهنجي هلت تي شرمسار آهيان. پرديسي وٽ مهمان ٿي ڪري تون سندس نياڻيءَ سان بيواجبي هلت هلين، اهو توکي ڪيتري قدر سهڻو ٿو لڳي؟ اِهو تنهنجي شان وٽان آهي؟ تون اسانجي اِها آبرو ٿو رکين؟ ڪشور، تنهنجو انهي نموني جو وهنوار اسانجي عزت ۾ رخنو وجهي رهيو آهي.‘ هڻڙي قدم کڻڻ کان اڳ توکي اسانکان پڇڻ کپندو هو.“

”مونکي پڇڻ جو وقت ئي ڪو نه مليو. مان اوچتوئي اوچتو، بنا چتاءَ جي جهليو ويس.“

”سنياسين جي سنگ ۾ رهي به توکي رنگ نه لڳو: تو پاڻکي نفساني تمنائن جو شڪار ٿيڻ ڏنو آهي؛ آزادي ترڪ ڪري تو غلاميءَ ۾ گهارڻ قبوليو آهي.“

”انهيءَ غلاميءَ مان الائي ڇو مونکي آزاديءَ کان به وڌيڪ سواد ٿو اچي؛ اُنجو درد مٺو آهي. پريم جا دک سک آهن؛ پريم جو درد درد نه آهي، مگر دنيا جي دردن کي دور ڪرڻ لاءِ اڪسير علاج آهي. قرب ڪي ڪنهن ڪوڙو ڪيو؟ دنيا ۾ محبت جهڙي مٺي چيز ٻي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟“

تون ڇڙيو ڇا ني ٿيو آهين؟ تو سندريءَ ۾ ڏٺو ڇا آهي؟"
"منهنجي لاءِ هوءَ سڀ ڪجهه آهي!"
"تنهنجو ساڻس شاديءَ ڪرڻ جو خيال آهي؟"
"اسان ٻنهي جو رايو آهي."
"آزاد رهڻ ۾ آنند آهي ڪين ٻنڌن ۾؟"
"پريم جي ٻنڌنن ۾ لطف آهي. گرهست جي حياتي ۾ برابر تڪليفون ۽ بوجا آهن، پر برهمچريه ۾ خاص ڪهڙو مزو آهي؟ اڪيلي زندگيءَ ڪاٽڻ کان شاديءَ ۾ وڌيڪ سلامتي آهي؛ شاديءَ ۾ سک ۽ قرار وڌيڪ نه به ڪٿي هجي، مگر منجهس خوف گهٽ آهي."
"ڪشور، ائين هجي ته پوءِ برهمچريه جو درجو سڀ کان مٿي ڇو ليکيو ويو آهي؟"
"شاديءَ جي رسم ئي آهي جا اخلاقي دنيا کي زنده رکي سگهي ٿي ۽ کيس ڪوَقتي موت کان بچائي ٿي. انهيءَ کان سواءِ دنيا ۾ موهه جيڪر هجيئي نه."
"موهه ته پاڻ هڪ وڪار آهي جنهنجو انسان ۾ نه هجڻ فائدي مند آهي."
"سائين، دنيا جي ترقيءَ لاءِ موهه بلڪل ضروري آهي؛ موهه نه هجي ته هوند ماءُ ٻار جي پوري پرداخت نه لهي، وڏو مائٽ ننڍي جو اونو نه رکي. موهه ئي آهي جنهن جي ڪري دوست دوست کي مدد ڪري ٿو، زال مڙس جي همراهي ڪري ٿي نه ته جيڪر گرهست جو گاڏو ئي بيهي وڃي. وطن دوست ملڪ لاءِ سر قربان

”مگر مان ان کــي قاهي ڪري نہ ٿو سمجهان! انساني زندگيءَ جي مراد آهي آنند جــي حاصلات. تياڳ ۾ بهشت ڪونهي؛ جيءَڪي جفا ڏيڻ سان ايشور ٿورو وئي ملندو؛ پنهنجن خواهشن ۽ تمنائن کي ناس ڪرڻ مان ورٿو ڇا آهي؟“

”ڪشور، عورت جي پهرينءَ ”ها“ تي پلجي نہ وڃ. تون غريب آهين، هوءَ شاهوڪار آهي، تون ڪيس ڪاڏي وٺي ويندين؟ ڪهڙي ثابتي آهي تہ هوءَ هميشه تو سان وفادار رهندي؟ عورت جي انجامن تي ايترو اعتبار رک جيترو هلندڙ ڪڪر تي، وهندڙ پاڻيءَ تي، لڳندڙ هوا تي، ساون جي برسات تي. عورت وڏي نڳڻي آهي!“

”توهين ڇا چئي رهيا آهيو؟“

”تو عورت جي چترائن کي اڃا نہ سمجهيو آهي؛ عاقل آدمي هنجي لفظن کي ايترو وزن نٿو ڏئي.“

رات جو ڪشور هڪ هيبت ناڪ سپنو لڌو؛ ڏٺائين تہ سنياسي سندس سامهون بيٺو هو؛ اڄ هنجي صورت ڏڪائيندڙ هئي؛ سندس ڳچيءَ ۾ کوپرين جي ڪنٺي پيل هئي ۽ وارن کي پيوت لڳل هئي؛ اکين مان شوخائي بکي رهي هئس؛ هن نظاري ڪشور جي دل ۾ دڪ دڪ پيدا ڪئي. سنياسيءَ، ڪشور کي بدن کان لوڏي، چيو،

”آخرين فيصلو ڪيئہ؟ مان توکي آگاهہ ڪريان ٿو تہ سندريءَ سان گڏ تون سکي جيوت نہ ڪاٽيندين، بلڪ دکي رهندين؛ هوءَ تنهنجو خاتمو آڻيندي. بيوقوف، اها زهريلي نانگڻ آهي جنهنجو ڏنگ توکي نهوڙي ڇڏيندو. وري سنئين لڳي نہ ڏسبين! تون تباهيءَ ڏانهن قدم کڻي رهيو آهين.“ ڪشور ڪاوڙ وچان ڪاڏهن ڏني، ڊپ وچان هن جا چپ ڏکي رهيا هئا. ايتري ۾ سندري اچي سنياسيءَ جي پرسان بيٺي. هوءَ ساڳي سندري هئي، پر اڳي کان گهڻو ڦريل نظر ٿي آئي. بدن سڪو سڙيو پيو هو. بدن جي اندران هڏن جو پڃرو پئي نظر آيو. ڪشور کان رڙ نڪري ويئي.

”سندري! سندري!!“ ڪشور پڪاريو.

”ڪشور!“ جواب آيو.

ڪشور تعجب ۾ پڇي ويو، ”سندري، توکي ڇا ٿيو آهي؟ تنهنجو اڳيون جلوو جمال ڪيڏانهن ويو؟ تنهنجي اکين سڙيا ۽ چمڪ ڪٿي آهي؟“

”ڪشور، وقت مون کان سڀ ڪجهہ کسي ورتو.“

”ڇا، تون بہ هڏن جو پڃرو آهين؟“

”مان بہ تہ هڪ رواجي انسان ئي آهيان.“

”سندري، تنهنجا وڏا ۽ ڪارا زلف ڪيڏانهن ويا؟“

”ڪُسي ويا.“

”ڪُسي ڪيئن ويا؟“

”بيماريءَ ۾.“

آهستي آهستي سندريءَ جي صورت قرندي ويئي، ۽ نيٺ ڪشور جي سامهون صرف هڏن جو پڃرو اچي بيٺو. ڪشور بيهوش ٿي ڪري پيو: سنياسيءَ ڪيس سجاڳ ڪيو.

هڏن جي پڃري (سندريءَ) ڳالهائڻ شروع ڪيو، "ڪشور!"

ڪشور ڪاٻه وراڻي ڪانه ڏني: هُو مونجهيل آدميءَ جيان موڳو ٿي موڳو پئي لڳو.

وري سندريءَ (هڏن جي پتلي) ڳالهايو، "ڪشور، جواب ڇونه ٿو ڏين؟ مان سندري آهيان، تنهنجي پريتماءَ سندري آهيان. ڪشور، ڇا تون مونکي نٿو سڃاڻين؟"

ڪشور وري به ماٺ ۾ رهيو. سنياسيءَ، زور سان ٺهڪ ڏيئي، ٿوڪ جي نموني کلي چيو، "ڪشور، تون سندريءَ کي چاهين ٿو: سندري توکي ملڻ لاءِ منتظر آهي. تنهنجي جدائيءَ ۾ تڙڦي رهي آهي."

سندريءَ وري چيو، "پيارا، مان تنهنجي مڪـ، مان ڪجهه به ٻڌڻ کان سواءِ تراس موٽي ويان؟ مان تنهنجي اپريم جـي بکي آهيان. پهرين توئـي مونسان محبت جو اظهار ڪيو، مون پريم جـي موٽ ڏنـي. تنهنجي آپسري مون پتا کـي بـہ اڄ جواب ڏنـو ۽ موهن سان شاديءَ ڪرڻ کـان صفا ناڪار ڪئي. مونکي ڏسي تـو هينئن ڏڪين ۽ ڪنبين ڇو ٿو؟ جيڪي نيڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ منهنجن ليڻن ۾ ڪتل

هوندا هئا، ســـي اڄ موڙائهن نهاري بـــ نٿا سگهن! ڇا، مرد اهڙا بيوفا ٿيندا آهن؟ تنهنجو شايد منهنجيءَ صورت سان پريم هو، نه منهنجيءَ سيرت سان؟ دک سک نه ڏيهه جو ڏرم آهي؛ ڪشور، ڪو به انسان هميشه ساڳيو نه ٿو رهي. بيماري هنجي خوبصورت شڪل کي بدصورت ڪيو ڇڏي. مگر اهي ڳالهيون پريم ۾ تبديل لٿيون آڻين؛ پريم اٽل ۽ دائمي آهـــي؛ پريم وقتي نه ٿو ٿئي."

هڏن جـــو پيرو ڳالهائيندو ڪشور ڏانهن وڌندو آيو، پر ڪشور پوئتي هٽڻ لڳو.

"ڪشور، ڇو اڄ تون مان ۾ آهين؟ جنهن سندريءَ کي سامهون ڏسي ڦوليو نه سمائبو هئين ۽ گدگد ٿيندو هئين، تنهنجي سڏ اونائڻ ۾ ايتري دير؟ مان تنهنجي طرف وکـــ وڌائيندي رهان ٿي ۽ تون وڃين ٿو پوئتي هٽندو! مون ڪهڙي نه ڀل ڪئي جو تو تي اعتبار ڪيم؛ تنهنجي ڪچي پريم کـــي پڪو سمجهيم. تنهنجي بس موٽڪي اتاولو ڪري ڇڏيو آهي، ڪشور."

الي سندريءَ (هڏن جـي پيري) ٻانهون کولـــي ڊگهيڙيون ۽ تڪڙو تڪڙو ڪشور کـــي جـهـلـڻ لاءِ ڏانهنس وڌي. ڪشور کـان ڪيڪ نڪري ويئي ۽ ننڊ مان سجاڳـــ ٿي اٿيو؛ اکين کلڻ تي ڏٺائين تـــ سيڪجهه سپنو هو. ڪيڪن جي آواز تي سنياسي اٿي

ڪڙو ٿيو. ڪشور ڪي چيائين، ”ڇا آهي؟ ننڊ ۾ ڪو خوفناڪ نظارو ڏٺءِ ڇا؟“

”دل ڏاريندڙ سپنو هو! شڪر مالڪ جو جو خواب هو، نسورو ڪوڙ هو.“

”ڇا ڏٺءِ؟“

”ڏٺم.....“ اتي ڪشور هبڪي بيهي رهيو، سندس زبان جهڙ تہ وڌ ڪا ڳالهائڻ ٿئي چاهيو. پر جيڪي جو پرينو هو سو ٻڌائڻ کان انڪار ڪري نہ ٿي سگهيو. خاص ڪري سنياسي بہ جو ڏٺو هئائين، سو شڪ ڪائي ويس تہ اهو خواب سنياسيءَ جي ڪرامت جو ٿي ڪم هوندو. سنياسيءَ ڪشور جي پنهنجي چيو، ”گهٻرائج نہ، جيڪي بہ ڪي ڏٺءِ، تنهنجو سمورو بيان ڪر.“

”توهانکي ڏٺم، سندريءَ کي ڏٺم،“ ڪشور وراڻي ڏني.

”توکي جنهن ڏکايو اهو ڇا هو؟“

”سندري!“

”تنهنجي پريتما سندري! تنهنجي لاءِ سا ٿس محبت آهي.“

”سندري ڦڙيل حالت ۾ ڏٺم، هوءَ هڏن جو پڃرو هئي. ڪيس ڏسي مان ڏڪي ويس؛ سندس سامهون بيهڻ جي همت ساري نہ سگهيس؛ هن پريم جو اظهار ڪيو ۽ مان ٻڌندو رهيس. پاڻ ۾ جواب ڏيڻ جي طاقت ڪانہ سمجهيم، هوءَ مون ڏانهن وڌي، مونکي چنبڙڻ

چاهيائين ٿي، مولکي پنهنجو ڪرڻ گهريائين ٿي ، مگر مون کان رڙ نڪري ويئي ۽ جاڳي پيس . هڏن جي پڃري جو نظارو مان سهي نه سگهيس . "

" ڪشور، تو ۾ حقيقت کي منهن ڏيڻ جي شڪتي موجود ڪانهي . تو شايد سندريءَ جي چمڙيءَ کي پاتيو ٿي...... اها آهي تنهنجي پريم جي حد! ٻاڙون تي وڏيون ٿي ٿي هنيئہ ! "

" مان پاڻکي هنجي پريم جو لائق نہ ٿو سمجهان . "

" توکي جلدي آخرين فيصلو ڪرڻ گهرجي . "

" توهانجو چوڻ برابر آهي . "

" هيءَ دل من هٽڻ جو سوال نہ آهي . "

" منهنجي فيصلي تي ٻن حياتين جو مدار آهي . "

" تون سندريءَ سان گڏ دکي گذاريندين . "

مان ڪائنس سواء سکي بہ نہ ٿو رهي سگهان . "

" توکي پهرين سندريءَ جـي سکہ جـو اونو ڻيڻ گهرجي . "

" ضرور ! "

پوء ان ۾ ويچار جي کهڙي ڳالهہ آهي ؟ "

" مان اول سائنس گڏ جڻ چاهيان ٿو . "

" ڪشور ، انجام ڏي ت. سائنس شادي نہ ڪندين. "

" مان پاڻ کي سائنس شادي ڪرڻ جـو لائق نہ ٿو سمجهان ، مگر هن جي غير حاضريءَ ۾ اهو انجام ڏيڻ تهندو سندريءَ سان ٻوه ڪرڻ . "

## ١٣.

# آخرين فيصلو

”مون لوهالجي لاءِ خوش خبري آندي آهي،“ سندري سرهي منهن سان چيو.

ڪشور وراڻيو، ”ڪهڙو اهڙو سماچار آڻدو آهين جو خوشيءَ ۾ ٿي نٿي سمائجين؟“

”توهين ڏڪو هڻو!“

”مان ڪيئن چوان؟“

”چوندا آهن ته عاشقن جون اکيون تيز فهم ٿينديون آهن ۽ هو دل پرکي سگهندا آهن.“ سندريءَ مشڪي چيو. ”توهين اها پروڙي به نٿا سلي سگهو!“

”سندري ......“

سندريءَ ڪشور کي اڌ ۾ روڪي چيو، ”سندري نه چئو، چئو، ’منهنجي پياري سندري‘.“

”منهنجي پياري سندري!“ ڪشور گنڀير ٿي چيو. ”همٿر پڌايو ته توهان ڇا ٿي چيو؟“

”تون اڄ مون سان جمع ۾ ڇو نه ٿي ڳالهائين؟“
”ادب ٿي رڪاوٽ.“
”ڇو، ڇا ٿيو آهي؟“
”اهائي ته خوشخبري کڻي آئي آهيان نه!“
”يعني؟“
”بابا ڪالهه موهن جي پتا کي چٺي لکي موڪلي ته سندريءَ جو موهن سان وواهه ناممڪن آهي.“
”پوءِ؟“
”هاڻي اسانجي راهه صاف آهي. رهي کهي رڪاوٽ به دور ٿي ويئي.“
”سندري، مونکي تنهنجي اها ”توهان“ لڳي وڃي ٿي؛ اڳتي مونکي ڪشور ڪري ڪوٺيندي ڪر.“
سندري بهار بهار ٿي رهي هئي؛ سندس چهرو اندر جي خوشحاليءَ جو آئينو ٿي پيو هو؛ مگر ڪشور جي هونئن خوشنما چهري تي اڄ فڪر جا هڪڙا پردا لٿا ٿي ته ٻيا چڙهيا ٿي. سندريءَ کي سامهون ٻيٺل ڏسي راتوڪو خواب، هڏن جو پڃرو ۽ سندريءَ جي گفتگو ياد اچڻ لڳس. ڪشور منجهي پيو ته ڪهڙو جواب ڏيان. ڪشور کي ماٺ ۾ ڏسي سندريءَ چيو،
”ڪشور، ڇو تون اڄ ماٺ ۾ اچي ويو آهين؟ نهائينءَ جيان نينهن ڪرڻ تو سکين ڇا؟ ”سڙي سارو ڏينهن پر ٻاڦ نه ڪري.“ سچو پريم برابر بي زبان ٿئي ٿو، باهر ٻاڦ نڪتو ڪيدي. مگر، ڪشور، ياد رک ته ٻاڦ

ڪا گهڻو وقت لڳي ڪالهه سگهندي. باقي ڪي ٻاهر
لڪرڻ جو رستو نه ملندو ته ڻانوڪي پڇي رستو ڪندي."
"سندري مون، ساريءَ ڳالهه تي غور ڪيو آهي،
۽ انهيءَ راءِ تي پهتو آهيان تہ تون مون وٽ سکي رهي
نه سگهندينءَ!"
"ڪشور!"
"سندري، مون سچ چيو."
"تو هي ڇا چيو؟ تو ڪهڙا لفظ وات مان ڪڍيا؟"
"مان گهڻي ويچار بعد ان فيصلي تي آيو آهيان."
"توئي مون سان پريم جي ڳالهه چوري ۽ بيڪاري
ٻڌي مون کان پريم جو دان منگڻ وينين."
"اٿين برابر آهي."
"تنهنجي ڪري مون ٻيا سڀ وسيلا ڇڏيا ۽ هينئر
تون مون کي بيوسيلي ڪرڻ ٿو چاهين!"
"منهنجي ڏاڍي مرضي آهي تہ تون محسوس
ڪرين تہ مونوٽ تولاءِ خوشي ڪانهي. جيڪي بہ ڪي
منهنجو آهي سو تنهنجي ملڪيت آهي، پر ان مان توکي
آنند جي حاصلات ڪانہ ٿيندي، اهو تنهنجي خاطر
ڪافي ڪينهي. مون ۾ گهڻيون ڪوتاهيون آهن جنجي
پوري پوري جاڻ مون ۾ رات آئي آهي."
"هيءُ سمورو شايد سنياسيءَ جي نصيحت جو
نتيجو ڏسجي ٿو."
"نہ."

تڏهن؟“

”خود شناسيءَ جو.“

”هيستائين تڏهن توکي پنهنجي پاڻ جي خبر ڪانه هئي؟“

”توکي مونتي اعتبار نٿو اچي؟

”اعتبار ڪيئن نه ايندو؟ پر ان حالت ۾ تو جيڪا هلت ورتي سا توکي وڻڻ نه گهربي هئي.“

”مان تنهن لاءِ معافي طلب آهيان.“

”مگر اُنمان مونکي ڪهڙو فائدو رسندو؟“

”سندري، تنهنجو درجو مونکان گهڻو مٿي آهي. مان چاهيانٿو تہ تون هميشه مونسان هجين ۽ تو بنا منهنجو جيئڻ جنجال ٿيندو، پر جڏهن وري تنهنجي آئيندي جو خيال اچيم ٿو، تڏهن چوانُ تہ ڇو تنهنجي خوشحاليءَ ۾ غم گڏيان، ڇا لاءِ تنهنجي ورونهه پريءَ زندگيءَ ۾ ڏک ملايان! تون جيڪي بہ مونکي سمجهين ٿي، مان اهو نہ آهيان؛ مان هڪ معمولي آدمي آهيان ۽ اوٽاين سان پريل، عورت جي سچي پريم جي هرگز لائق ڪين آهيان.“

”ڪشور، تون مونکي بيڙيءَ چاڙهي ڦرهو ڪيدي رهيو آهين. اهي ڳالهيون تو پهرين ڇو ڪين ڪيون؟ هن وقت اهو نمونو اختيار ڪرڻ توکي مناسب نہ آهي.“

”سندري، مان جو بہ ڪجهہ ڪرڻ چاهيان ٿو سو تنهنجيءَ بهتريءَ واسطي؛ تون مونکي شايد نہ ٿي

سمجهين. مان توسان دغا ڪرڻ نٿو گهران ۽ پاڻتي "بيوفا پرينتر" جو نالو رکائڻ نٿو چاهيان. مان جيڪي ب ڪندس اهو تنهنجي قبوليت سان، منظوريءَ سان، رضامنديءَ سان. مان نٿو چاهيان ته توکان ڪجهه بـ لڪايان، متان پوءِ چئين تـ ڪشور مونکي گمراهيءَ ۾ رکيو."

ڪشور سپني جو سربستو احوال :سندريءَ اڳيان رکيو جنهن لـي هـن نهه پهه جواب ڏنو. "بس ڳالهه ب ايتري! "

"منهنجيءَ ڪمزوريءَ ۽ ناموافقت جــو هن کان وڌيڪ بيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو؟"

"سپني روپي سنسار کـي توهين سچ ڪري ٿا سمجهو؛ سپنو حقيقت کـان ايترو پري آهــي جيترو ڪوڙ سچ کان."

"سپني ۾ آدمـي ان حالت ۾ آهـي جـا ڪيس اٽلڪي ٿي لڳي، مگر تنهن هوندي ب اڻ سڌيءَ طرح خواب انسان جي بي حياتي آهي جنهن ۾ هو بي سرجيت رهي ٿو."

"مگر سپنا ب ڪڏهن سچا نڪتا آهن؟"

ڪشور جي دل ۾ جبري جنگ جوٽجي رهي هئي؛ ٻن مختلف طاقتن جي وچ ۾ چڪتاڻ جاري هئي: هڪڙي طرف سندريءَ لاءِ سندس محبت ۽ هنجو ساٽس پريم ڪيس سندريءَ ڏانهن ڇڪي رهيو هـو ۽

”مان محسوس ڪريان ٿي ته اسان کي هتي وڌيڪ وقت ترسڻ نه گهرجي.“

”بنا دير جي هتان لڪري هلڻ کپي“

”اڄ جو اسان کي اهو قدم کڻڻو پوندو.“

”مالهيءَ جو اُتي باغ ۾ بينو آهي.“

”ڪيڏانهن هلڻ جو خيال ڪيو اٿو؟“

”هتان ته بهاولپور ٿا هلون؛ اڳتي جو ويچار اتي ڪبو.“

”ڪشور، اسان کي هڪ آدميءَ جي مدد جي گهرج ٿيندي.“

”هڙو احوال ڪنهن کي به اڳواٽ ٻڌائڻ جوڳي جو ڪم آهي.“

”مالهيءَ وٽ نه جا سڄي رهندي آهي تنهن ۾ منهنجو ايمان آهي؛ اُن کي پيٽ ڏيڻ سان اسان کي ڪو به نقصان ڪونه پهچندو.“

ڪشور کي ڏپ ٿيو ته متان سڄڻي، جا ساڻس محبت ڪندي هئي، ڪنهن سان ڳالهه ڪري، تهمل ڪم نه بگاڙيڇڏي، سو چيائين، ”سڄڻيءَ کي نه مان به چڱيءَ ريت سڃاڻان، مگر هن نازڪ ڳالهه جي اسان بن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به خبر پوڻ نه گهرجي.“

قدرتاً زال جي دل مرد جي دل کان ڪي قدر وڌيڪ هلڪي ٿئي ٿي. شام جو وقت هو؛ سندري

سجنيءَ جي گهر ويئي. سجنيءَ چيو، ”سندري، ڀلي آئينءَ!“

سجنيءَ کي ڀڄيءَ ۾ ٻانهن وجهي، سندريءَ چيو، ”پيڻ، مان توسان دل جو هڪ مخفي حال اورڻ گهران ٿي.“

”بنا حجاب جي چئي ڏي،“ سجني وراڻيو.

”سجني، مانجهند ۾ صرف تون ئي آهين جنهن کي ان راز کان واقفڪار ڪريان ٿي.“

”سندري، دل ۾ ڪتڪو نه ڌر؛ منهنجي واتان ڳالهه ڪڏهن ٻه ٻاهر نه نڪرندي؛ ائين سمجهه جڻ ته پاڻ کي ٻڌايئه.“

”مونکي تنهنجي مدد جي گهرج آهي.“

سجنيءَ کي سندريءَ ۽ ڪشور جي وڏڙ ناتي جي سموري سڌ هئي؛ هوءَ سمجهي ويئي ته ڪهڙي قسم جي مدد گهربي هوندي؛ سو چيائينس، ”سندري، سڀ کان وڌيڪ پياري چيز انسان لاءِ ڪهڙي آهي؟“

”حياتي.“

”مان تنهنجي ۽ ڪشور خاطر، خود پاڻکي به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

”مون ۽ ڪشور رات هتان ڀڄي نڪرڻ جو خيال ڪيو آهي؛“ سندريءَ جهيڻي آواز ۾ چيو.

”سندري، سڀ ڪجهه سمجهيم...... مان حاضر آهيان...... پر وڃو ڪيڏانهن ٿا؟“

"ٻڌاپور وچڙ جو خيال ڪيو اٿئون."

"منهنجي طرفان ڪشور کي هر طرح جٺي خاطري ڏجانءِ."

"وڏي مهرباني!"

"مهرباني ڇا جي؟ مان پاڻ تنهنجي شڪرگذار آهيان."

"مون تنهنجي لاءِ ڇا ڪيو؟"

"تو مولکي فرض پالڻ جو موقعو ڏنو آهي؛ تو مونکي وجهه ڏنو آهي ته مان تنهنجي ۽ ڪشور جي شيوا ڪريان. شل ايشور هڪ ٻئي جو پياسي ڪريوَ! جتي هجو اتي آباد هجو."

سجنيءَ کان موڪلائي سندري باغيچي ۾ آئي، جتي ڪشور اڳيئي سندس اوسيئڙي ۾ اکيون پايو وينو هو. سجني ڪمري کان ٻاهر سندريءَ کي ڇڏڻ آئي ۽ جڏهن واپس اندر ٿي ويئي، تڏهن اوچتو هڪ آدميءَ تي وڃي نظر پيس، جو جنهن ڪمري ۾ پاڻ ۽ سندري ڳالهائي رهيون هيون انجي درِيءَ پرسان جيڪي بوٽا هئا تن مان ڪنڌ لڪائي آهستي ٻاهر نڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. سجنيءَ کي دل ۾ گمان جاڳيو ته اهو ڪهڙو آدمي آهي جو هيئن گلن جي جهڳٽن ۽ ولين جي ٻيڪڙ ۾ لڪي وينو هو؛ خيال آيس ته ممڪن آهي ته سندس ۽ سندريءَ جي وچ جا گفتگو ٻي هٿي انجو آواز ڪن تي پيو هجيس. سجنيءَ سندس

آهي، جيئن هيري جي ملھ جي خبر هيري کي لڳائڻ سان ئي پوندي آهي ۽ ڊاتو ڪوري ۾ ٽڄلو ڪيو ندو آهي، تيئن آدميءَ جـي صداقت جي سڌ بہ آزمائش جي گهڙيءَ پوندي آهي. هيءُ سڄنيءَ جي آزمائش جـو وقت هو: سندس سيرت جي پرک ٿـي رهي هئي. ڪهڙي عورت سڄنيءَ جهڙي همت هلي ها! سندريءَ کان وير وٺڻ بدران جنهن ڪئنس ڪشور کسيو، اُن لاءِ بغض سانڍڻ عوض سندس مددگار ٿـي ڪم ڪرڻ، گهرج جي وقت ۾ ساڻس همراهي ڪرڻ اهو هر ڪنهن انسان جو ڪم نہ آهي. ڪشور کي سکيو رکڻ لاءِ سڄني کي بہ سهسائڻ لاءِ تيار هئي! انهيءَ ۾ هـن پنهنجو فخر ٿي سمجهيو. پنهنجو پاڻ صفا وساري ڇڏڻ ۽ ٻين جـي سک خاطر جيئڻ کي جفا ڏيڻ عظيم الشان آتمائن جوئي ورثو آهي.

## ۱۴.

## پريتم جي صدقي - ا

راتِ پردہ پوش آهي؛ پنهنجي ڪاري برقعي ۾ راتِ چورن ۽ ٺاڳن کي پناهه ڏئي ٿي؛ ڪوڙ، دغابازي ۽ ٺڳي، مطلب تہ هر قسم جو گناهه، راتِ جي اجهي ڏينهن ڏاڍي ۾ لڪل رهي ٿو. راتِ جي ساڀي هيٺ ڪيترائي نہ پاپ جا ڪم ٿين ٿا! راتِ جو هڪ لڳو هو؛ ٻيا پور ڏانهن ويندڙ رستي تان سندري ۽ ڪشور اٺ تي سوار ٿيل نظر اچڻ لڳا؛ اڳيان سندري ويٺي هئي ۽ پٺيان ڪشور. ڪشور سنياسيءَ جي موڪل بنا ۽ سندري پريمچند کي ڇنائڻ کانسواءِ پٺي اڪتا هوا. ٻئي ڏاڍا خوش ٿي لڳا. سندريءَ جي پر ۾ ڪشور ٻئي ڪنهن کي بہ پاڻجهڙو خوش نصيب نہ ٿي سمجهيو ۽ سندري پنهنجي پريتم جي پرسان جڻ تہ بهشت جا آزمودا محسوس ڪري رهي هئي؛ سندس اندر ۾ عجب نموني جي ڪتڪتائي ٿيڻ لڳي!

موهن جو بغض جي باهه ۾ جلي رهيو هو، جنهن

جي دل بدلي وڃڻ لاءِ بيقرار هئي، سو اونداهيءَ رات ۾ ڪشور ۽ سندريءَ جي انتظار ۾ رستي تي لڪو ويٺو هو. هوڏانهن سڄڻي جنهن موهن جي دلي راز کي پروڙيو هو تنهن ڪشور ۽ سندريءَ جي اسهڻ کان پوءِ پنهنجو ويس بدلائي- پاڻ کي گمنام رکڻ جي خيال کان سڄو منهن اهڙيءَ طرح ڍڪيو جيئن اکين کان سواءِ ٻيو ڪي به نظر نه اچيءَ سندر شام جي گهوڙي تي سوار ٿي ڪشور جي نگهبانيءَ واسطي لڪتي. هوءَ شاهي رستو ڇڏي جهنگل جي پيچرن تان هلڻ لڳي، جيئن ڪو به کيس ڏسي نه سگهي. سڄڻي ڪشور ۽ سندريءَ کي ڏسي رهي هئي، مگر هنن کي سڌ ڪانه هئي ته سڄڻي ڪو سندن ويجهو هئي. ڪلاڪ ڪن پنڌ ڪرڻ کانپوءِ رستي تي هڪ پل آئي. موهن جو پل جي هيٺان لڪو ويٺو هو ۽ هنن جي راهه ڏسي رهيو هو سو يڪدم پاڻ کي ظاهر ڪري، مياڻ مان ترار ڪڍي، ڪشور کي وار ڪرڻ لاءِ اڃا اڳتي وڌيو ٿي ته سڄڻيءَ، گهوڙي کي تکو هلائي، ور مان وڏي ڦر سان نڪي ڇري ڪڍي، موهن تي حملو ڪيو ۽ هڪ ئي ڌڪ سان کيس زخمي ڪري ڪيرائي وڌائين. موهن ڀ ڪيڪون ڪيون: آنڌا پيٽ مان نڪري اچي ٻاهر پيس. سڄڻي نقاب پوش جي حيثيت ۾ خون ڪري گهوڙي کي ڊ ڪائيندي جهنگل ۾ غائب ٿي ويئي.

عشق انسان جي طبيعت ۾ انقلاب آڻي ٿو، هنجي

زندگيءَ کي رنگ ئي صفا نئون ڏيئي ٿو ڇڏي؛ نيچ ۽ ڪميڻو شخص ڪشادہ دل ۽ آزاد مزاج ٿئي ٿو، ڏمڪيل ۽ ڪانئر کي محبت سورهيائيءَ جو ڪوڏيو بڻائي ٿي، هلڪي ۽ چنچل سياڻ واري ڇوڪري ثابت قدم ۽ محڪم ٿئي ٿي ۽ لافانيءَ پريم جي صدقي سر قربان ڪرڻ کان بہ نٿي هٽي؛ ڪابہ زبردست، پر زبردست طاقت ڪانهي جا هنڪي منزل مقصود کان روڪي سگهي!

موهن جي ڪيڪن جو آواز ڪشور ۽ سندريءَ جي ڪنن تي پيو؛ سندريءَ چيو، "ڪشور، رستو بہ ڏايو خوفناڪ ورتو اٿئون."

"ڇو؟"

"ڪيڪڙات پيا ٻڌجن؛ شايد ڪنهن آدميءَ کي خون ڪيو ويو آهي."

"مان پاڻ ائين ٿو سمجهان. اونداهي بہ اونداهين جهڙي آهي."

"اُت ڪي تڪڙو هلايو تہ جلدي نڪري هلون."

ٿورو اڳتي هليا تہ ڪشورَ چرچو ڪري چيو، "سندري، رستو تہ ڦورن ۽ لوٽن سان پريل ٿو ڏسجي؛ سمجهہ تہ اسانکي ڪجهہ ٿي ٿو پوي؟ اسين ٻئي تہ بنا هٿيار آهيون."

"ايشور جي مرضيءَ کان سواءِ ڪوبہ ڪم لٿو ٿئي؛ هن جي ڇٽي بنا ڪکہ بہ نٿو چري؛ جنهن اسان جو ميلاپ آندو آهي، سوئي ڪيئن وري اسانجي وڇوڙي جو ڪارڻ بڻبو؟"

ٻئي ڇٽا ائين سمجهي رهيا هئا تہ هينئر سندن جيون جي بهار شروع ٿي هئي، پر ساڳئي وقت اهو محسوس ڪرڻ وسري وين تہ جيتوڻيڪ بهار مندن جي سرتاج مند برابر آهي، مگر ننڍي ۾ ننڍي ۽ ٿوري عرصي واري موسم آهي؛ اهو خيال ڪين ڪيائون تہ خوشيءَ جا ترورا سبج جي روشن ڪرڻن جيان پنهنجي پنيان رات جي ڪارنهن پڻ آڻين ٿا ۽ بي بقا آهن؛ ڪنهن وقت بہ ڪڪرن جي قطار ڪين گم ڪري ڇڏي. هنن سمجهيو تہ سندن زندگيءَ جو بسنت ڪڏهن بہ ختم ڪين ٿيندو. ڪشور ڪان ورهين جا ڏک ۽ ڏولاوا، تڪليفون ۽ ڪشٽ پلجي ويا؛ برابر سکن جي هڪڙي گهڙي سالن جا ڏک دل تان ميساريو ڇڏي. ٻنهي جي اندر ۾ شاد مانا ٿي رهيا هئا؛ سندن دليون جشن ڪري رهيون هيون؛ سندن بدن جي رڳ رڳ رباب موافق طلب جي تنوار تنوارڻ لڳي. مگر قدرت هنن جي خوشي سهي نہ سگهي؛ فطرت ۾ بہ شايد انسان جي خوشحاليءَ تي حسد ٿئي ٿو؛ ملائڪ ڪشور ۽ سندريءَ جي خوشنما هلت تي ريس ڪري رهيا هئا. قدرت هنن جي موج پريءَ زندگيءَ تي ٽنولي ڪري رهي هئي، ڪن ۾ پڻ ۽ پڻ ڪري ڇڻي رهي هين تہ اها خوشي گهڙيءَ مدت لائين جناءَ ڪاڻ ڪندي؛ پر هنن جا ڪن اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ ڪان صفا ٻاڙي واري وينا هئا. ڪير قدرت جي ڳجهہ ۾ هٿ وجهي!

## پريم جي صدقي-٢

سڄڻي ڪشور ۽ سندريءَ جي ڀٽ ولنديءَ ساڻن گڏ بيداپور تائين ويئي. جنهن مهمان سراءِ ۾ هو ڪمرو وٺي رهيا، اها جاءِ آسر جي محل واپس وري. سڄڻيءَ ٻه خط لکيا: هڪ ڪشور کي، ٻيو سندر شام کي.

"پيارا ڪشور،

هيءُ خط لکندي ۽ منهنجي هن دنيا ۾ آخرين گڏجاڻي آهي. مان نه لکندي ٿي ڇڪيان، جيتوڻيڪ تو مونکي پنهنجو ڪري نه سمجهيو. تو مونکي پنهنجو نه ڪيو، پر مون هميشه لاءِ پاڻ کي تنهنجو ڪري ڇڏيو، تو مونکي دل ۾ جاءِ نه ڏني، مگر مون توکي دل جو مالڪ ڪري ليکيو ۽ اکين ۾ تو لاءِ آسڻ وڇايم. هن خط دواران سڄڻي ماڻهڻ توسان الوداع ڪري ٿي، دنيا سان موڪلاڻي ڪري ٿي. منهنجي زندگيءَ جا سهارا، ڪشور! مان بيڪارڻ بڻجي، پوڄاريءَ جي حيثيت ۾، اندر ۾

ڪري عــورت ڪي، ســـا انهــيءَ معلومات مان
جهان ۾ ڪو مڙيئي شخص آهي جــو ڪيئن چاهي
انهيءَ وٽان پريم ملڻ جنهن کي پريم ڏجي تو، انهيءَ
عزت آبرو ملڻ جنهن کي عزت ۽ مان سان ڏسجي
مطلب ته پنهنجي پريتم جـــو پريتم بڻجڻ آهي ا
خوشيءَ جي حد لتاڙڻ، فرش تي رهي عرش جو ا
ديدار ڪرڻ، نرڳـــ ۾ رهي سرڳـــ جي سکن ۾ پا
پائيوار ٿيڻ، بهشت جي چشمي مان آب حيات جو پ
پرڻ. مگر بدنصيب سجنيءَ جي نياڳـ ڪيئن سپ
محروم رکيو. مان سڄي ڄمار سڪندي رهيس! س
جي سوز ۾ سڙندي رهيس!! منهنجو تن لوڪي سالم
آيو تي، مگر منهنجي من جي ڪڏهن ڪا خبر لڌ
منهنجو من لنهنجي موهه ۾ مسجي چڪو آهي. ڪ
جي، ڀاڳـ سان ريس ڪالهي! قسمت جو لکيو هر
لوڙي. لکئي کان ڪو منهن نه موڙي!!" (ايترو ه
لکيائين ته سجنيءَ جي اکين مان بي اختيار گرم آلس
وهي ڪاغذ کي پسائڻ لڳيون. هن لکڻ جي ڪو
ڪئي، پر ليٽڻ مان لير بند ئي نه ٿئي؛ ڪاغذ آلو
پيو. سجني ڇنيءهمت ۾ جهلي پاڻ زمين تي ليٽي ...
ٿوري مدت رکي وري لکڻ شروع ڪيائين). "ڪش
مان هينئر پلا جي ڇا ڪنديس؟ هونئن ته روز صبح
پاڻ کي چوندي هيس:

باغ ۾ اڄ دوس جو ديدار آ.
دل بهاريءَ باغ لءِ بيدار آ.

اهو آباد باغيچو جتي اسين روز مرهه صبح جي سيتل ۽ ٿڌين هيرن ۾ گڏ جندا هئاسين سو تو بنا غير آباد زمين جيان نظر ايندو. خوشبودار گل جن مان تازن ڦولن جي ڪنني ناهي تنهنجي گلي ۾ پائيندي هيس، سي هينئر جهنگلي گلن جيان پيا پاسندا ۽ اهي مڪان جتي روز تنهنجو ديدار نصيب ٿيندو هوم هاڻي مونکي جنسي ڪاٽڻ ايندا. تو راڻل بنا مان ڪيئن گهاريان! مون آپ گهات جو پڪو اراد و ڪيو آهي. هڪ ٻن ڏينهن ۾ توکي منهنجو لاش بيداپور جي پرسان جو شاهي درياه آهي ان جي لهرن ۾ لڙهندو نظر ايندو. منهنجي هڪ آخرين آرزو آهي جا، ڪشور، چاهيان ٿي ته پوري ٿئيم. جيئري ته تنهنجو همٿ نصيب ڪين ٿيم، مون مٿي پڇاڙان منهنجي لاش کي پنهنجن هٿن سان پاڻيءَ مان باهر ڪڍين! ڪشور، توکي ياد ڪري مون پنهنجو پاڻ وساريو. تو ۾ موهه وجهي، مون پاڻ مان موهه صفا ڪڍي ڇڏيو ۽ تنهنجي خوشيءَ جو هر وقت اونو رکي، مان پاڻ کي دکه هموار ڪرڻ لاءِ تيار رهمس، توکي پنهنجي زندگيءَ جو روشن ستارو سمجهڻ لڳيس. اڄ ان روشنيءَ جي غير حاضريءَ ۾ اولدهه ۾ جالڻ مشڪل ٿي سمجهان. مان تنهنجا ٿورا ٿي مڃان، ڪشور! تنهنجي

پريم ٿي، مون مان خود پروريءَ جو جزو ڪڍي، مون ۾ نفس ڪشي پيدا ڪئي. خود پروري السائي قانون آهي، سماجڪ نيم آهي، مخلوقات جي ترقيءَ جو اصول آهي، مگر تو مونکي محسوس ڪرايو ته خود قربانيءَ جو درجو خويشتن داري کان اوچو ۽ بلند رهي ٿو!
الوداع!

سچني ماڻهو."

هينيون خط سچنيءَ سندر شام کي لکيو:
پتاجي، مان سمجهي سگهان ٿي ته سچنيءَ جي همت جو لکيل هيءُ پرزو پڙهي توهانجي دل کي سخت صدمو رسندو، مگر پنهنجي فائدي خاطر ئي مان هيڙو قدم کڻان ٿي. هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ توهان کي منهنجو لاش بداپور جي پرسان جو شاهي درياهه آهي ان جي لهرن ۾ لڙهندو نظر ايندو. اڄ مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهان ٿي. ڪشور ۽ سندري منهنجي مدد سان پڇي لکنا الهيءَ ڪرم مان ئي سندن پاڻهي پيلي ڏي بيٺيس. هيڙي قسم جو احوال مان ڪشور کي پڻ ڏيان ٿي.
"هڪ ڳالهه جنهنجو ذڪر مون ڪشور جي چٺيءَ ۾ نه ڪيو آهي سا آهي موهن جو خون. بهاريلعل جو پٽ موهن جنهنجو سندريءَ سان مڱڻو ٿيل هو، تنهنکي ڪشور ۽ سندريءَ جي پيڻ جي خبر ڪنهن طريقي پئجي

ويٺي هئي، سو ڪشور کي خون ڪرڻ جي خيال سان سندن پنيان پيو. مونکي سموري حقيقت معلوم ٿي چڪي. مون اهو پنهنجو فرض ڪري سمجهيو ته ڪشور کي بچايان جيتوڻيڪ ٻئي جو خون ڪرڻ پڻ گناهه جو ڪم سمجهيم؛ مگر ساڳئي وقت اهو خيال به دل ۾ آيم ته خونُ مان خود مطلبيءَ جي ويچار کان نٿي ڪريان. مگر دنيا اهي ڳالهيون قبول نه ڪندي؛ زماني جي نظر ۾ مان خوني ٿي چڪيس؛ سماج مونکي ڏوهيءَ جي نيچ نظر سان ڏسندي؛ انصاف جي گهر ٿيندي ته مان قاسيءَ تي لٽڪائي وجان. ان ڪري بهتر ٿي سمجهان ته ٻنهي جي هٿان جو مران تنهن کان ڇو نه پاڻ پنهنجو خاتمو آڻيان.

لوهاڻي ڌيءُ،

سڄڻي."

سڄڻيءَ هيٺئين پاٽيءَ ڏانهن رخ رکيو؛ سندس خوشنما چهري مان ائين پئي لڳو آيو ڄڻ ته سندس زندگيءَ جي مراد برثواب ٿي هئي. بحر ۾ ڀي آرامي هئي؛ دريا ۾ دم هو، دهشت هئي؛ تيزي هئي، تکائي هئي؛ لهرون هڪ ٻئي ۾ لڳي، گجي، ڄڻ؟ ڪين جانورن جيان شڪار لاءِ وات قاڙي واجهائي رهيون هيون. دريا جي آواز آدميءَ جي دل ۾ ڌهڪاءُ ڪٺي ٿي پيدا ڪيو. سڄڻيءَ پاٽيءَ

۾ ٻيو رکيو ۽ مشڪندڙ منهن سان قدم وڌائڻ لڳي. ليٽ وهڪري کهلي وڃي اهڙي ڪنهن ٺهري ڪن ۾ ڦٽو ڪيس جنهن زمين تان هميشه لاءِ سندس هستي ئي ميٽي ڇڏي.

انسان خاڪ جو پتلو آهي مگر ان مٽيءَ جي بوتي کي ٺاهڻ ۾ قدرت ڪيڏي نه ڪاريگري ڏيکاري آهي! ڪيڏو نه پنهنجي ڪمال جو نماءُ ڪيو آهي!!

ڇا آهي آدميءَ جي بزرگي ۽ رفعت!!! فرش تي رهي هو عرش سان ڳالهيون ڪري ٿو، زمين تي ويهي تارن سان روح رهاڻ ڪندو نظر اچي ٿو. هن جون خواهشون ۽ تمنائون ڪهڙيون نه معمولي ۽ خسيس آهن، مگر اهي اعليٰ روح جون شاندار ۽ عظيم مرادون پوريون ڪن ٿيون. دنيا جي اٿاهه ۽ اڪت لڏتي تي هو هڪ جامڙو لڳي ٿو، هن جي آتما محدود مفاصلي ۾ راضي نه ٿي رهي، دائما چاهي ٿي ته جسماني زنجيرون ٽوڙي آزادي حاصل ڪري. فطرت کيس محدود ڪيو، پر عقل جي ذريعي هو پاڻکي اپار ۽ بيحد بڻائڻ چاهي ٿو! قدرت هن کي فاني ڪيو، پر آدمي فنا مان بقا حاصل ڪرڻ گهري ٿو!! قربانيءَ جي ڪارنامن ۾ ملائڪن کان ڇا ۾ گهٽ پيو آهي؟

.١٦

## غلط فهمي

صبح جو ڪشور کي خط مليو ۽ پڙهڻ سان پرزو پرزو هٿ مان ڪري پيس جڻ ته ڪجهه وڃائي ويٺو هو ۽ گهيرت وٺي ويس. سندري ٻڇيو، "ڇا آهي؟" "پڙهي ڏس." ڪشور جهيڻي آواز سان وراڻيو. چٺي پڙهندي، سندري تعجب مان چيو، "سجنيءَ جي لوسان ايتري محبت هئي!" سندريءَ ڪان سجنيءَ جو موت نہ صفا وسري ويو.

"سندري، هل تہ دريا تي هلون ۽ لاش کي هٿ ڪري گهر جي،" ڪشور چيو.

ڪشور گاڏي ڪري آيو ۽ ٻئي ڄڻا ان طرف روانا ٿيا. سندري ۽ ڪشور گاڏيءَ ۾ هڪ ٻئي جي لڳو لڳ وينا هئا، پر اڄ سندريءَ جي دل جي حالت ٻي هئي. سجنيءَ جي خط پڙهڻ سان اندر ۾ گمان گهر ڪري ويس ۽ گمان مان هينئر حسد پيدا ٿيڻ لڳو. خط مان

جملا ياد ڪري خار کائڻ لڳي؛ اندر پوسرڻ لڳس،
ڪشور کي چيائين، "هيتر و وقت تو مونکان اها ڳالهه
ڳجهي رکي هئي!"

"ڇا جي ڳالهه؟"

"ته تنهنجو سجنيءَ سان پريم هو."

"منهنجو سجنيءَ سان نه، مگر سجنيءَ جو مونسان."

"۽ مان ان کان ُغير واقف رهيس!"

"سندري، هينئر انهن ڳالهين ٻڌڻ جو کهڙو سود؟"

"انهيءَ ۾ گهڻوئي راز رکيل آهي."

"هنجي قرباني ته ڏس. سجنيءَ پنهنجي پريم کي
بنجو ڏيئي، امنگن کي ضابطي هيٺ رکيو، ۽ مون کي
راضي رکڻ لاءِ پاڻ کي هن نموني نابود ڪري ڇڏيو.
انساني خود انڪاري به ڪا حد ٿيندي آهي. سجني
تــ ڪا بهشت جــو فرشتو هئي! سچ پچ تـــ پوڄا
لائق هُئي!!"

سندري ڪشور جي واتان سجنيءَ جي بيساراهه سهي
نه سگهي. هن چيو، "ڪشور، تون ڳالهه کي قدرائي
تو وڃين."

"اسان جو پريم سجنيءَ جي پيرن جي خاڪ برابر
آهي؛ هن جي پيٽ ۾ اسان جو پيار تيچ چيز سمان آهي.
سندري، هن د ڪدائڪ واقعي منهنجي دل کي چوٽ
رسائي آهي. مان ايڏيءَ قربانيءَ جي لائق ڪين هئس.
مون برابر عورت جي دل کي اڃا پورو نه سمجهيو آهي."

سندري، جنهن جي دل ۾ ڪشور جي باري ۾ غلط فهمي پيدا ٿي رهي هئي، سڀ ڪجهه گمان جي نگاهن سان ڏسڻ لڳي ۽ اجائي شڪ جو شڪار بڻجي، ڪشور مان پنهنجو اعتقاد وڃائڻ لڳي. زال بيو ڪي به سهي ويندي، پر پنهنجي ڏاريءَ استريءَ سان ڪلندو ڳالهائيندو ۽ رلندو ملندو ڏسي برداشت ڪري نه سگهندي؛ جنهن کي هوءَ پنهنجي ملڪيت ڪري ٿي سمجهي، ان ۾ ٻئي کي دست اندازي ڪرڻ نٿي ڏئي. مگر سندري ڀليل هئي. سندس ڪري ئي ڪشور سجنيءَ جي پريم کي ٺوڪر هڻي چڪو هو، پر سندريءَ جي اکين تي شڪ جا شيشا چڙهيا پيا هئا. جيئن رنگين عينڪ ماٿهو پائيندو آهي ته هر ڪا چيز رنگين ڏسڻ ۾ ايندي اٿس، ليڪن حسد جي نگاهه سان سندري ڪشور جي هلت کي شڪي ۽ سندس محبت کي وقتي سمجهڻ لڳي.

منجهند جو ٻن ڀڳي ڏاري درياهه وٽ اچي پهتا. سندن پهچڻ کان ٻه ايرائي ڪلاڪ پوءِ سندر شام به اتي اچي سهڙيو. ڪشور ڏي نهارڻ سان اکين مان آنسون وهڻ لڳس؛ ڪشور جي نيڻن مان پڻ پاڻي اڇلون ڏيڻ لڳو. سجنيءَ کي ياد ڪري ٻنهي جي دل ڀرجي آئي. سندري سڀڪجهه ڏسندي رهي.

سندر شام چيو، ”ڪشور!“

ڪشور وراڻي ڏني، ”مان ئي سجنيءَ جي آپگهات جو ڪارڻ بڻيو آهيان.“

"مگر تنهنجو تہ الهيءَ ۾ ڪو بہ قصور ڪونهي."

"مونکي سڄڻيءَ جي امنگن لاءِ عزت هئي ۽ آهي؛ مون ڪيس دکي ڪرڻ لئي چاهيو، پر سا ڳئي وقت مونکي ههڙي خبر ڪانہ هئي. مان سندس هيڏي قربانيءَ جو بوجو ڪئي کڻي سگهندس؟"

"جيڪي بہ ڪي سڄڻيءَ ڪيو سو توکي سندريءَ سان خوش رکڻ لاءِ."

"مگر ههڙو قدم کڻي الهيءَ خوشيءَ ۾ افسوس ۽ غم گڏي ڇڏيائين. ڇا، سڄڻيءَ مونکي اهڙو بيدل انسان ٿي سمجهيو؟"

ٻئي ڄڻا مات ڪري وڻ جي ڇانو هيٺ ويهي رهيا. رکي رکي سندر شام ۽ ڪشور دريا جي ڪناري تي چڪر ٿي لڳايا تہ من لاش نظر چڙهين. ائين اڪيون ڦائيندي سارو ڏينهن ۽ سڄي رات گذري چڪي. ٻئي ڏينهن اچا پرهہ باکون مس ڪيون تہ پريان هڪ لاش ترندو نظر اچڻ لڳو. ڪشور بي اختيار پاڻيءَ ۾ ٽپي پيو ۽ لاش طرف رخ رکيائين.

سندريءَ چيو، "ڪشور! ڪشور!!"

ڪشور پڪاريو، "سڄڻي!"

سندريءَ رڙ ڪري چيو، "ڪشور، پنهنجيءَ جان جو خيال رکہ؛ پاڻيءَ ۾ تيزي آهي."

پريان ڪشور جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو جنهن لاش جي ويجهو پهچي چيو، "سڄڻي!"

دردناڪ نظارو هو، سڄڻيءَ جا وار پاڻيءَ تي پکڙيل هئا، سندس اکيون پوريل هيون، بدن تي پهريل وسترَ چيٿڙن ڇيهون ڇيهون ٿي پيا هئا، پيرن ۽ ٻانهن تي مڇين ۽ پاڻيءَ جي ٻين جانورن جي چڪن جا نشان ظاهر هئا.
ڪشور سڄڻيءَ کي ٻانهن ۾ کڻي ڪناري تي آيو ۽ سڄڻيءَ جي آخرين آرزو پوري ٿي. ڪشور جي ليٽڻ مان گرم ڳوڙها وهي سڄڻيءَ جي بيجان ڇهري کي پسائي رهيا هئا. سندرشام لاش کي پاڪر ۾ جهلي ڇميو.
ڪشور جيئن پاڻيءَ ۾ گهڙي سڄڻيءَ کي هنج ۾ کڻي ٻاهر ٿي آيو، تيئن هوا جو جهلڪو لڳو ۽ ٻانهن تان خميس جو پلئه ٿورو مٿي چڙهي ويس. ٻانهن ۾ جيڪا رکيا ٻڌل هئس تنهن تي وڃي سندرشام جي نظر پيئي، سندرشام ويچار ڪرڻ لڳو ته اها راکيا پاڻ انهي ٻالڪ کي پيل ڏني هئائين جنهن کي جيون ۽ پاڻ دريا ۾ صندوق مان لڌو هئائون. سندن اندر ۾ اها خواهش اڀري لڳي ته ڪشور کان سندس حياتيءَ جي سموري حقيقت پڇي. سندريءَ جي روبرو سندرشام ڪشور کان سندس ماءُ پيءُ بابت خبر چار پڇي ۽ هن جواب ۾ ٻڌايس، ”مان دولتپور جي زميندار جيون جو پٽ آهيان، مگر تارا جي مرتيو ڪانپوءِ ماٽيجي ماءُ جي اهنجن ۽ تڪليفن ڪري گهر ڇڏيم.“
سندرشام گنڀير ٿي چيو، ”ڪشور، تون حقيقت

کان غير واقف آهين. جيون تنهنجو پتا کينهي، لکي ٿارا ئي تنهنجي ماءُ آهي.»

سندريءَ ڇرڪ ڀري چيو، ”تڏهن کشور زميندار جيون جو پٽ ڪونهي.“

سندر شام کشور ڏانهن نهاريندي چيو، ”جيون منهنجو گهرو دوست هو. هڪ دفعي اسين ٻئي جتا شڪار لئي وياسين. جڏهن بيٽريءَ ۾ موٽياسين تـي تڏهن اسان هڪ صندوق پاڻيءَ ۾ ترندي ڏٺي جنهن جي ڪولڻ سان اسان ٻوکي لڌو. جيون پرڻيل هوءِ مان ڪنوارو هوس. انهيءَ ڪري جيون ٻوکي پٽ جيان ڪري پاليو. ٻوءِ جي موٽڪي کابه خبر ڪانهي. مان ارڙهن ورهيه جيل خاني ۾ هوس جتي منهنجي تنهنجي پتا سان ڏيٺ ويٺ ٿي. تون اصل سيوهڻ جي ڏوپيءَ ٺٺوءَ جو پٽ آهين.“ (سندريءَ اهي اکر ٻڌي شوخيءَ مان کشور ڏانهن نهاريو.) ”ٺٺو غريب ماڻهو هوءِ بازن جو پورهيو ڪري پيٽ گذران ڪندو هو. تنهنجي ماءُ رامي ڏوبڻ هڪ حسن واري عورت هئي. ڪنهن شاهوڪار منجهس بري اک وڌي. ڳالهه وڃي ضدن ۾ پيئي. آخرين نتيجو اهو نڪتو جو تنهنجي ماتا جو خون ڪيو ويو ءِ تنهنجي پتا کي بيگناهه ان خون جي تهمت هيٺ ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويئي. اڄ مون توکي ٻانهن ۾ ٻيل رکيا جي ذريعي سڃاتو آهي.»

ڪشور ماٺ ۾ رهيو؛ ٻنهي ڏلدن مان اکر ٻه نه ڪڇيائين، مگر سندريءَ جي اندر ۾ سخت گهوٽالو پيدا ٿي چڪو هو. هن ڪشور جو پيار قبوليو ئي انهي آسري تي هو ته سندس جيان هو به هڪ وڏ گهراڻو جوان هو ۽ نسل جي خيال کان سندس ثاني شريڪ ٿي سگهيو ٿي. پر هن سندر شام جي اظهار اڄ سندس نشا ئي ٽوڙي ڇڏيا. شڪ جا ڳيس ته ڪشور اها ڳالهه جاڻي ٻجهي ڪانئس لڪائي آهي، انهيءَ خيال کان ته متان ڪيس ڌوٻيءَ جو پٽ سمجهي مان ساڻس شادي ڪرڻ نه قبوليان.

"ڪشور، ٻڌ، سندر شام ڇا چيو؟" سندريءَ پڇيو.

"مون سيڪجهه ٻڌو آهي."

"پوءِ؟"

"سچ هوندو!"

"ڇئبو ته تون ڌوٻيءَ جو پٽ آهين؟"

"ائين ئي سمجهو."

"اها ڳالهه وسهڻ جوڳي آهي ته توکي جيئن انهيءَ ڳالهه کان غير واقف رکيو هوندو؟"

"تنهنجو تڏهن مونتي اعتبار ڪونهي؟"

"ڪشور، مان تو مان اعتقاد وڃائي ويٺي آهيان. تو مونسان ٺڳي ڪئي آهي؛ تو مونکي هر وقت گمراهه ئي رکيو آهي."

"سندري!"

”سڄڻيءَ ۽ تنهنجي رستي جي هيترو وقت تہ مولڪي ڪاٻہ گم ڪانہ هئي. جيڪڏهن تنهنجو ساڻس پريم نہ هوتہ روز صبح جو گلن جو هار ڇو تي قبول ڪيءِ؟“

”هن جو مونسان پريم هو.“

”تنهنڪري؟“

”پٽي جي دل کي هرويرو ڇا لاءِ ڏکوئجي.“

”مان هڪ ڏوہيءَ جي پٽ سان شادي ڪرڻ مناسب نٿي سمجهان.“

”پريم ذات پات جا ويچار نٿو رکي. سهٽي ڪير هئي ۽ ميهار ڪير هو؟ سسئي ڪير هئي ۽ پنهون ڪير هو؟“

”ڪشور منهنجو پيار خيالي ڪينهي، مگر عملي آهي؛ دنيا ۾ بہ ليت نہ هلڻو آهي. هھڙا نازڪ ناتا هميشه هڪ جهڙن ۾ ئي ڪرڻ ۾ ايندا آهن. قدرت جي قانونن برخلاف قدم کڻڻ آهي تڪليف ڏانهن وک وڌائڻ. اسين ڪنهن بہ صورت ۾ خوش گذاري ڪين سگهنداسين.“

”سندري!“

”مرد بيوفا ٿين ٿا!“

”مگر استريون تہ سچيون ٿينديون آهن! تنهنجي محبت ڪيڏانهن ويئي؟“

”تنهنجي بيوفائيءَ ڪيس منهنجيءَ دل مان هڪالي ڪڍيو.“

”تون مولکي اجايو ڏوهہ ڏيئي رهي آهين.“

”تو مولکي دکي کيو آهي.“

”مون ا..“

”تڏهن ڪنهن؟“

”غلط فهميءَ! غلط فهميءَ گهڻا آباد جوڙا برباد ڪيا؛ ساوا سبز مڪان سڪائي ويران ڪري ڇڏيا.“

”ڪشور، هڪ واريءَ دل ٽٽي ته ان لاءِ ڪوبہ علاج ٿي نٿو سگهي.“

۱۷.

## تلاش ۾

سندريءَ مانجهند ڏانهن رخ رکيو. ڪشور گهڻا ئي سڏ ڪيس، مگر هن پٺ ورائي بہ ڪين نهاريو. سندريءَ نہ ڪا سٽ ٿي پئي سٽي هئي. دل ۾ اهو ارادو ڪيو هٿائين تہ مانجهند موٽي وڃڻ سان موهن کي اچا بہ هٿ ڪري سگهندي، ڇاڪاڻ جو هو سندريءَ لاءِ بلڪل خواهشمند هو. ڪيس ڪهڙي سڌ تہ سجنيءَ موهن جو خاتمو آڻي ڇڏيو هو!

هو ڏانهن سندرشام جي حالت افسوس جوڳي هئي. سندرشام دنيا جا گهڻيئي عذاب سٺا هئا، پر سجنيءَ جي موت جي واقعي ڇالي ٿي ڇني ڇڏيس. سندري جڏهن ڳچ پنڌ ڪري نظر کان پري نڪري ويئي، تڏهن سندرشام چيو، ”ڪشور، منهنجي خط ۾ سجنيءَ جي ڳالهہ جو ذڪر ڪيو آهي جنهنجي توکي شايد ڪا بہ سڌ ڪانهي.“

"ڇا جو ذڪر؟"
"سڄڻيءَ موهن جو خون ڪيو آهي!"
"موهن جنهن سان سندري مڱيل هئي؟"
"ها، اهوئي موهن."
"اهو واقعو ڪئي ٿيو؟"

"رات جو جڏهن لون ۽ سندري مالڄهند مان پئي نڪتا، تڏهن موهن لوهالجي پٺ ورلي ته لنهنجو ڪالمو آٿي، لوڪي لنهنجيءَ پريتما سندريءَ کان جدا ڪري. سڄڻيءَ کي اهو معلوم ٿيو، هوءَ لوهالجي پنيان آئي ۽ رات لي موهن جو خون ڪيائين."

"موهن کي اسانجي وڃڻ جي خبر ڪنهن ڏنائي؟"
"مولڪي وٽ ڪجهه نه معلوم ڪولهي."
"سڄڻيءَ ۾ لڏهن ايڏي شڪتي موجود هئي!"
"لنهنجي پريم منجهس نئون روح ڦوڪيو. سڄني مولڪان کي نه کين لڪائيندي هئي."

"سڄڻيءَ مولڪي نئين حياتي بخشي آهي. هن مولڪي موت جي چنبي مان بچايو، مگر مون سندس لباهي آندي."

"ڪشور، اها سڄڻيءَ جي لباهي نه ليکبي، پر شاندار سوڀ. هن وقت لي سوڀ پائي، موت تي قبضو ڪيو. د ليوي غرض لي جيمت حاصل ڪئي. هن، قرب جي ڪنل پريم جي صدقي ڇا ڇا نه ڪيو!"

”سندريءَ کي نہ موهن جي موت جي ڪابہ خبر ڪانہ هوندي.“

”مان پاڻ انين ئو سمجهان.“

”ڪيس ٻڌائڻ گهرجي.“

”مان مالجهند وڃان ٿو؛ شايد رستي ۾ ئي مولڪي گڏجي وڃي..... ڪشور، تون بہ چئو نہ ٿو هلين؟“

”مان ڪجهہ وقت اڪيلو رهڻ چاهيانٿو. سندري، منهنجي اميد ۽ آسرو، پڻ هلي ويئي. توهين پلي وڃو.“

سندر شام روانو ٿيو. ڪجهہ مفاصلو پنڌ ڪرڻ کان پوءِ وات تي سندري گڏ يس.

سندر شام چيو، ”سندري، ڪشور کي توهنجو بيحد ڏک، ٿيو آهي.“

”انسان کي سندس ڪيل ڪرتوت ئي آڏو اچن ٿا.“

”سندري، تون گهران پڇي لڪتي آهين؛ هينئر ڪهڙي منهن سان وري واپس ويندينءَ؟“

”مان پنهنجي موهن وٽ وينديس؛ هو منهنجو مالڪ آهي. موهن مولڪي چاهي ٿو ۽ خوشيءَ سان مولڪي پنهنجو ڪري ليکيندو؛ هو ضرور منهنجا عيب نظر انداز ڪندو. مون ابهرائي ڪري هڪ اڻ واقف آدميءَ جي چتر زبان ۽ پيار ڀريءَ هلت تي پنهنجي، پتا جو ناراضپو ڪئي، موهن سان نالو ٽوڙيو ۽ هن جي ڀر ير

ڪي ڦٽ ڏني. مون ڀاري ڀُل ڪئي! مگر موهن کي مان سڃاڻان. منهنجو پڇتاءُ سندس دل کي پگهرائيندو ۽ منهنجي گناهه جي قبوليت ضرور منجهس رحم جو قطرو پيدا ڪندي. مون ڪو اهڙو پاپ ڪونه ڪيو آهي جنهن لاءِ معافي نه ٿي ملي سگهي. انسان عيبن سان ڀريل آهي. نيٺ به فرشتا ته ڪونه آهيون؟ چڱي ٿوري بڇي ۾ هڪ ٿي ايشوري جوت سمايل آهي. اسين ڏوهي ۽ گنهگار به انهيءَ مالڪ جائي مخلوق آهيون، جنهن اوچ آتمائن کي ناهيون؛ پاپين ۾ به اهو ٿو وسي ته مهاتمائن ۾ به اهو؛ مون ۾ اهو، ته موهن ۾ به اهو."

"سندري، تون موهن کي همٿ ڪري نه سگهندينءَ."

"ڇو؟"

سندر شام ويچار ۾ لڳو ته سندريءَ کي هيڙيءَ حالت ۾ ڏسي ڪيئن موهن جي موت جو ٻڌائي يا نه. هن جو من ڏاڍو خراب ٿي پيو هو ۽ هيڙا دکدائڪ ۽ اوچتا اتفاق ٿي آهن جي انسان جي دل ٽوڙي ڇڏين ٿا. سندري ڀاڻ کي من جي مونجهاري مان ڪڍي ڪنهن مراد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي هئي. مگر جي اُن کيس خبر پوي ته سندس خواهش اڻ پوري ٿي رهڻي آهي، ته ضرور چوٽ لڳندس. ڪشور کي سندر شام چٺي لکي هئي ته پاڻ سندريءَ کي سموريءَ حقيقت کان واقف ڪندو، پر اها ڄاڻ ڪانه هيس ته موهن ڏانهن سندريءَ جو دلي لاڙو ڪو ايترو هوندو

سندريءَ انتظاريءَ مان پڇيو، "توهانکي شايد خبر ئي ڏسجي ته موهن ڪٿي آهي؟"

"ها، مونکي سموري سڌ آهي."

"ٻڌايو."

سندر شام خاموش رهيو. سندريءَ وري چيو، "ٻڌايو ڇو نه ٿا؟"

"موهن اُلي وڃي پهتو آهي. جتان سندس موٽڻ محال آهي."

"يعني؟"

"موهن زنده نه آهي."

"موهن!" سندريءَ رڙ ڪري پڇيو.

"موهن کي خون ڪيو ويو آهي."

سندري بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيئي. سندر شام کيس سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نيٺ اڌ منو ڪلاڪ کان پوءِ هوءَ سر جيئيءَ جي حالت ۾ آئي ۽ چيائين، "مونکي ڪشور وٽ وٺي هلو."

ٻئي ڄڻا درياءَ طرف واپس وڃي رهيا هئا ته واٽ تي سندر شام چيو، "سندري توکي ڏسي مونکي هڪ واقعو ياد اچي رهيو آهي."

"ڇا جو واقعو؟"

"سندري، هڪڙو شاعر ڪنهن باغ ۾ سير ڪرڻ جي خيال سان ويو. گهمندي ڦرندي هن هڪ عجيب

وڃيس ۽ مينگهه سان سندس ليکن اڻي ٻوي. سندري سچو پريم پيهي جيان لڳندو آهي.“

ڪشور جو ٻه هينئر دنيا ۾ باقي ڪير هو؟ سندر شام ڪيس معلوم ڪرايو تہ سندس اصلي ماءُ پيءُ ٻہ ڏکي جيوت ڪاٽي پرلوڪ پڌاريا. سندري جنهن سان پريم هوس سا بہ اجائي غلط فهميءَ جو شڪار بڻجي ڪيس ڇڏي هلي ويئي. سچنيءَ جي خود قربانيءَ منجهس لئين نموني جي جاڳرتا پيدا ڪئي. ڪشور هينئر محسوس ڪيو تہ سچني مالهڻ ٿي سندس سچي ساٿڻ هئي ۽ هينئر اڪيلي سر زندگي ڪاٽڻ جنسي جهنم ۾ گهاڙو هو.

ڪشور وڏي اچي دريا جي ڪناري وٽ بيٺو؛ پير پاڻيءَ ۾ ٻوڙ پائين ...... هوڏانهن سندري ۽ سندر شام جي ڪشور جي ڳولا ۾ لڪتا هئا سي ٻہ ڪجھ وقت ڪاڻپوءِ اچي اتي سهڙيا. هنن اچڻ ۾ ذرا دير ڪئي. اتي پهچڻ سان ڪشور جو لاش پريان لهرن ۾ لڙهندو نظر آين. سندر شام اکين ۾ پاڻي آڻي چيو، ”سچنيءَ سچ ٿي چيو تہ ڪشور مالهڻ ۾ آيو ٿي سندس خاطر هو. لهرن مان آيو، لهرن ۾ ويو.“

پورو ٿيو